

ساڌو
ٽي ايل واسواڻيءَ
جو يوگدان





دادا جشن واسواڻي ساڌو واسواڻي راشٽريه سيمينار جي
موقعي تي مهورتي تقرير ڪري رهيا آهن.

ساڌو ٽي. ايل واسواڻيءَ جو يوگدان

(ساڌو واسواڻي راشٽريہ سيمينار ۾ پڙهيل مقالا)

سمپادڪ


آتو ريلواڻي - ڊاڪٽر ديال ’آشا‘

قيمت ٣٠ روپيا   ٢ آگسٽ ٢٠٠٠

پرڪاشڪ

ڪشو منسڪاڻي

٢٠٢ ساڌو واسواڻي نگر، اونڌ پٽي - ٧.



پوڄنيہ پتا ديوان حشمتراءِ همٿمل منسکاڻيءَ

جي

پوتر يادگيريءَ ۾

ڪشو منسکاڻي

پرڪاشڪ طرفان

منهنجو سوڀاڳيہ هو جو پوني جي ميران يومي ۾ ساڌو ٽي. ايل. واسواڻيءَ راشٽريہ سيمينار جي مهورتي اُتسو ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي مونکي پوڄيہ دادا جشن واسواڻيءَ جي آسيس وٺڻ جو سڀاڳو وجھہ مليو. ٢٣- ٢٤ جنوري ساڌو واسواڻي مشن پونا ۽ حيدرآباد سنڌ نئشنل ڪاليجئيٽ بورڊ راشٽريہ سنڌي ٻولي وڪاس پريشد جي سهيوگہ سان هي سيمينار سڏايو. ان سيمينار ۾ مان پياري دادا جشن واسواڻي ۽ ٻين ودوانن جا وياڪيان ٻڌي ۽ عالمن جا لکيل پيپر ٻڌي متاثر ٿيس ۽ بروقت پڌرائي ڪئي تہ اِهي پيپر ڪتابي صورت ۾ پرڪاشت ڪندس.

مونکي خوشي آهہ جو اهو مواد 'ساڌو ٽي ايل واسواڻيءَ جو يوگدان' پستڪ روپ ۾ پوڄيہ پتا شري حشمتراءِ هممتمل منسڪاڻيءَ جي پوتر يادگيريءَ ۾ پرڪاشت ڪري رهيو آهيان.

پوڄيہ پتا شري حشمتراءِ منسڪاڻي ڪراچيءَ ۾ انڪم ٽئڪس ڪمشنر ٿي رهيا. هوُ پراُپڪاري پرش پنهنجي ڪمائيءَ جو ڪجھہ حصو سڪرت جي ڪمن ۾ سڦلو ڪندا هئا، انڪري پريوار جي سنبنڌين پوپٽي، هيرو، نرملا، موهن، گڏجي سونپي ٻائي حشمتراءِ هممتمل منسڪاڻي ٽرسٽ' برپا ڪئي آهي. ان ٽرسٽ طرفان خلق خدمت جا ڪاريہ ڪيا ويندا.

هن ڪان اڳ ان ٽرسٽ طرفان 'پروفيسر رام پنجواڻيءَ جو يوگدان' پستڪ پرڪاشت ڪيہ. اڄُ سنڌ جي مهان سنت 'ساڌو ٽي ايل واسواڻيءَ جو يوگدان' پستڪ پرڪاشت ڪري رهيو آهيان. اُميد تہ سنڌي ڀائر ڀينر ان مان لاڀ پراپت ڪندا.

ڪشو منسڪاڻي

ساڌو ٽي. ايل واسواڻي راشٽريہ سيمينار
دادا جشن واسواڻيءَ جي مھورتي تقرير

منھنجا پيارا ڀائرو! منھنجون ڀينرون! اڄ اسين ھت ڪنا ٿيا آھيون. مھان سنت، ودوان تعليمدان، فيلسوف پوڄيہ دادا ساڌو واسواڻيءَ جي ساھتيڪ ۽ تعليمي يوگدان جي سنبنڌ ۾ ويچار ڪرڻ لاءِ.

منھنجا پيارا ڀائرو! منھنجون ڀينرون! پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جي اکين ۾ سپنو ھو سنڌي قوم سنڌي پنگت، سنڌي سماج بابت، اسين ھن وقت ٿورائيءَ ۾ آھيون، پر اسان کي ڪيڏو نہ وجھو آھي اسين جيڪر چرتر ۾ وڌون. اسين جي چرتروان ٿيون تہ سڄي ڀارت جي اڳيان اسانجي سنڌي قوم، سنڌي سماج ھڪ مثال ٿي سگھي ٿي.

سنڌي ڪير؟ مان ھت توھان جي وچ ۾ وينو ھوس مون پئي ويچار ڪيو تہ سنڌي ڪير! سنڌي اکر نھيل آھي س، ن، ڌ، ي، سنڌيءَ جو س آھي سچ. ھڪ ھڪ سنڌي جيڪر پرن ڪري. ھن وقت اسين ننڍڙا پکڙيل آھيون. اسان کي پنھنجو وطن، پنھنجو گھر ڪين آھي.

There is no land, no town, that we can call our own.

اِن ڪري ضروري آھي تہ اسين پنھنجي چرتر جي دواران ڀارت تي ڇاپ ڇمايون. سنڌي ڪير؟ سنڌي اُھو، جو سچيار، ھميشہ سچ ڳالھائيندو. پيارو ساڌو واسواڻي وري چوندو ھو تہ مان سچ ڇڏيندس ڪين، ڀل مون کي ڦاھيءَ تي لٽڪائين، ڀل مونکي اگنيءَ مان لنگھڻو پوي. سنڌي ڪير، جو سچيار. اھڙو وقت اچي جو ڀارت ۾ چون ھيءَ ڳالھ سنڌيءَ چئي آھي، ضرور سچي ھوندي. تصديق ڪرڻ جي ضرورت ڪين آھي. ھن وقت اسان جي اھڙي حالت آھي، جو چون ٿا تہ جي سنڌي ڳالھ ڪئي آھي تہ ٻين ماڻھن کان تصديق ڪريون پوءِ پڪ ٿيندي. اھڙو وقت اچي جڏھن چون سنڌيءَ چيو آھي، ضرور ھيءَ سچي ھوندي، سنڌي ڪير؟ سنڌيءَ جو س آھي سيواڌاري. سنڌي اُھو، جو ھڪ ھڪ جي مدد ڪري. سنڌي ھجي يا غير سنڌي ھجي.

کو سچي دنيا ۾، جنھن ايترن سنتن تي لکيو ھجي. ساڌو واسواڻيءَ جي دل اندر کو پيد پاو ڪين ھو. وري وري اسان کي اِھا سکيا ڏيندو ھو:-

The saints belong to one family, are fraternity one brother hood.

ھڪ ڀائپيءَ جا سڀ سنت آھن. ڀل ڀارت جا ھجن يا ڀارت کان ٻاھر ھجن. ساڌو واسواڻيءَ جو درشن ٿئي ٿو:

In all the religions, the light is thine, in all the scriptures, the wisdom is thine in all the saints, the picture is thine.

اھڙو کو ليکڪ توھان کي دنيا ڀر ملندو ڪين ۽ ساڌو واسواڻي پنھنجي زندگيءَ ۾ پنج سؤ ڪتاب انگريزي ۽ سنڌيءَ ۾ لکيا. سنڌي ٻوليءَ کي تہ مالا مال ڪري ڇڏيو اٿائين. ڪيترن بابت سنڌي ٻوليءَ ۾ ساڌو واسواڻيءَ لکيو آھي. اسان سنڌين کي ڪا پروڙ ڪين. اُنھن سنتن بابت ساڌو واسواڻي پنھنجا tracks ڪڍندو ھو Sant Mala Series مھني سر مھني track نڪرندو ھو. اسين عجب ۾ پوندا ھئاسين تہ ٻئي مھني ساڌو واسواڻي الائي ڪنھن تي لکندو. اِنھن پستڪن مان کي پستڪ ڀارت جي جدا جدا ٻولين ۾ ترجمو ڪيا ويا. کي پستڪ تہ ڀارت کان ٻاھر جرمن ۽ ٻين ٻولين ۾ ترجمو ڪيا ويا.

پنج سؤ ورھيہ اڳہ ڀارت ۾ پڌاريو اسان جي دل جو محبوب شري گرونانڪ ديو پنجاب جي ھڪ ننڍڙي تلونڊي ڳوٺ ۾ گروجن جنم ورتو ٿا. گروجن پڙھيل ھئا. ڪين سنسڪرت ٻولي ايندي ھئي، پارسي ٻولي ايندي ھئي. ڪين ٿوري ڪجھ عربي ٻولي ايندي ھئي. جنھن زماني ۾ گروجن اچن ٿا، اُھو زمانو ظالم ھو. اونده انڌڪار ڇانيل ھو. تن ڏينھن ۾ لوڪن کي سچي ڌرم جي پروڙ ڪين ھئي، ڇوتہ اسان جا ڌرمي شاستر سنسڪرت ٻوليءَ ۾ لکيل ھئا۽ لوڪن کي سنسڪرت ٻولي ايندي ڪين ھئي. سنسڪرت ٻولي فقط پنڊتن کي ايندي ھئي. اِنڪري ڌرم وچي پنڊتن جي ھٿن ۾ ڦاٿو. گروجن آيا، سانتيڪي نموني ۾ اچي ھڪ نئين ھلچل شروع ڪيائون.

The great GURU sowed the seeds of new movement, which in due course liberated India.

He should go out of his way to help as many as he can, to lift the load on the rough road of life.

منهنجا پيارا ڀائرو! منهنجون ڀينرون! سنڌيءَ جو نہ آهي نياز، نئڙت، نينهن، سنڌيءَ جو 'ڏ' ڌيرج، ڌيان. سنڌيءَ 'جو' ي آهي ياتري. سنڌي ڪڏهن نہ وساري تہ مان ياتري آهيان. اسان کي تہ پنهنجو وطن آهي ئي ڪين، جو چئون هي اسان جو وطن آهي. اسان کي تہ پنهنجو ديس آهي ڪين جو چئون هي اسان جو ديس آهي. اسان جي لاءِ ڏاڍو سولو آهي ياتري ٿيڻ. اسين ياتري آهيون.

We are all pilgrims our pilgrimage is to the eternal, where is our home.

اسان جو سچو گهر آهي پريوءَ جي ڪمل قدمن ۾. منهنجا پيارا ڀائرو! منهنجون ڀينرون! اُهو وقت ايندو، جڏهن هڪ هڪ سنڌي اِنهن آدرشن جي پنهنجي جيون ۾ ساکي ڏيندو ۽ اسان جي سنڌي قوم اسان جي سنڌي جاتي، اسان جي سنڌي سماج سڄي هندستان جي اڳيان هڪ مثال ٿي رهندي.

اڄ اسين ڪنا ٿيا آهيون پياري ساڌو واسوانيءَ جي ساهتڪ يوگدان بابت ويچار ڪرڻ واسطي. پيارو ساڌو واسواڻي ڪير هو؟ ساڌو واسواڻي هڪ سنت هو، هڪ ستپرکہ هو، پريوءَ جو پيارو هو، مهاپرش هو. گياني هو،برهم گياني هو، ڪرم يوگي هو، ڀڳتن جو شرومڻي هو. محبت جي مورت هو، نئڙت جي صورت هو، دکين دريدرن جو دوست هو. مسڪينن جو متر هو، پکين ۽ پسن جو رکشڪ هو. ڪوين ۾ ڪوي هو، ودوانن ۾ ودوان هو، ليکڪن ۾ ليکڪ هو. World literature جو ٿورو ڪجهہ ابياس ڪيو آهي پر مان اڄا تائين ڪو اهڙو ليکڪ ڪين ڏٺو آهي. جنهن ايترن سنتن بابت، جدا جدا ڌرمن جا سنت، جدا جدا قومن جا سنت، جدا جدا ملڪن جا سنت، بابت لکيو هجي.

ساڌو واسواڻي ڪيترن سنتن تي لکيو آهي. ڇا صوفي سنت، ڇا ڪرستاني سنت، ڇا ڀارت جا سنت. مهاراشٽر جا سنت، گيانيشور تي ساڌو واسواڻيءَ لکيو آهي. تڪارام تي ساڌو واسواڻيءَ لکيو آهي. نامديو تي ساڌو واسواڻيءَ لکيو آهي. رامداس تي ساڌو واسواڻيءَ لکيو آهي. ايڪناٿ تي ساڌو واسواڻيءَ لکيو. مان نہ سڃيران ڀيو

ڪين ڪندا هئا. جاڳيا وينا هوندا هئا. ۽ هڪ پريوءَ جي پياس ۾، اِڪ سچڻ جي سڪ ۾، اِڪ الک جي عشق ۾ .وينا ڳائيندا هئا. مان اُنهن پينرن جو نهايت شڪرگذار آهيان، جن پينرن ويهي اِها ٻاٽي لکي. ڪيتري ٻاٽي تہ گم ٿي ويئي. ڳائيندا هئا خبر بہ ڪين پوندي هئي. ٽرين ۾ مسافري ڪندا هئا، وينا ڳائيندا هئا. ڪي اکر اسين ٻڌي سگهندا هئاسين، ڪي اکر ٻڌي ڪين سگهندا هئاسين. اِنجڻ جو آواز وڏو هوندو هو، ٻڌي ڪين سگهندا هئاسين. ڪيتري ٻاٽي تہ هوا ۾ گم ٿي ويئي پر ڪا ٻاٽي هنن پينرن ويهي لکي. اِنهن پينرن مان هڪ هئي جنهن کي اسين ڪوٺيندا هئاسين ننڍي شانتي. اُن کي موڪل هئي تہ جنهن ڪمري ۾ ساڌو واسواڻي سمهي، ڪنڊ ۾ هوءَ سمهي سگهندي هئي. ڪيس اِها موڪل مليل هئي. پٽ تي سمهندي هئي. وهاڻي جي پرسان هڪ ٽارچ، هڪ فائونٽين پين، هڪ نوٽ بوڪ رکندي هئي. ننڊ ۾ بہ سجاڳہ هوندي هئي. ڪنهن بہ وقت پيارو ساڌو واسواڻي سجاڳہ ٿئي، ڳائي، ائين نہ ٿئي اُها ٻاٽي گم ٿي وڃي. ويئي لکندي. هيءَ پيڻ ۽ ٻيون پينرون تن ويهي اِهو ڪم ڪيو ۽ اُن ڪانپوءَ اسان جا ڪي پائر پيارو آتم واسواڻي جو هٿ حاضر آهي، پيارو نرمل واسواڻي جو بہ ڪٿ نہ ڪٿ ضرور حاضر هوندو، ڪکي رتنا واسواڻي اِنهن ويهي اِها ٻاٽي ڪٺي ڪئي ۽ ڇپايائون نوري گرنٽ جي روپ ۾، نوري گرنٽ جو هٿ توهان جي اڳيان رکيل آهي. انهن سڀني جو مان نهايت شڪرگذار آهيان. ڪيترن گهرن ۾ نوري گرنٽ اِڪ شاستر ڪري مڃيو ويندو آهي. دنيا جي جدا جدا ملڪن ۾ پيارو پريو مون کي وٺي هليو آهي ۽ ڪيترن گهرن ۾ مون ڏٺو آهي تہ ڪيڏي نہ شرڌا سان ولايت جي ملڪن ۾ نوري گرنٽ مان وچن وٺن. جئن نہ لوڪ گرو گرنٽ صاحب مان وچن وٺندا آهن، تئن ڪي نوري گرنٽ مان وچن وٺي پوءِ پنهنجي ڪم تي وڃن.

نوري گرنٽ ۾ اسان کي کهڙو درشن ملي ٿو، اِڪ نئون يگہ اچي ٿو. ورتمان زماني جو زور آهي دماغ تي ۽ دماغ جي تلاش آهي سائنس واسطي. سائنس ڪمال ڪري ڏيکاريو، پر سائنس اِهي شڪتيون کوليون آهن جي هڪ ڪن ۾ اِنسان ذات جي تباهي آڻي سگهن ٿيون. دماغ کي دل جي ڏاڍي ضرورت آهي. جئن

گروجن ايندا هئا ڪنهن نگر ۾: سانت ئي سانت ۾ ڪنهن وڻ جي هيٺ آچي وهندا هئا. سندن ڪنٺ چڪر ڪليل هو. سندن مکہ مان ٻاڻي پيئي ايندي هئي. اِها ٻاڻي گروجن سنسڪرت ۾ ڪين اُچاري. اِها ٻاڻي اُچاريائون اُن ٻوليءَ ۾، جنهن ٻوليءَ جو اُن وقت قدر ڪين هو. ڳوناڻي، نماڻي ٻولي هئي. پنجابي ٻولي. پنجابي ٻوليءَ ۾ گروجن پنهنجي ٻاڻي اُچاري. اُها ٻاڻي اسين هينئر گرو گرنٿ صاحب ۾ پڙهي سگهندا آهيون. گرو گرنٿ صاحب جي ٻاڻي مان ٻڌندو آهيان تہ مان اُن وقت اِئين سمجهندو آهيان تہ ڪنهن سرووَر ۾ اشنان ڪري رهيو آهيان. اِن ٻاڻيءَ مان ڪهڙيون تہ عجيب لهرون اچن ٿيون. پر مان توهان کي سچ ٻڌايان. اِها ٻاڻي مان پوريءَ طرح سمجهي ڪين سگهندو آهيان. پوءِ اُنڪان پڇندو آهيان، جنهن اِن ٻاڻيءَ جو پاٺ ڪيو. اُهو بہ پيارو چوندو آهہ: مان بہ پوريءَ طرح ڪين سمجهندو آهيان. پڙهي بيشڪ مون، پر پوريءَ طرح مان نٿو سمجهي سگهان. اسان مورکن واسطي، اسان اگيانيَ پرشن واسطي، ساڌو واسواڻي آيو. ساڌو واسواڻي انگريزي ٻوليءَ ۾ ماهر هو.

He was the Master of English Language.

انگريزيَ ٻوليءَ ۾ ڳالهائيندو هو، دليون ڏوڏيندو هو. انگريزي ٻوليءَ ۾ لکندو هو، لوڪ پڙهندا هئا، عجبُ ۾ پوندا هئا. ولايت جي ملڪنَ جا اڳوان، آميريڪا ۾، انگلنڊ ۾، پڙهندا هئا ساڌو واسواڻيءَ جا پستڪ، پوءِ اسانکي لکي موڪليندا هئا. چوندا هئا: هي تہ ڪو عجيب اِنسان آهي: اسين عجب ۾ پئون ٿا تہ هڪ هندستاني اُهڙي طرح انگريزي ٻولي لکي سگهي ٿو.

He writes in the biblecal style.

پر اسان جي صدقي ساڌو واسواڻيءَ پنهنجي ٻاڻي اُچاري سنڌيءَ ۾، جا بہ هڪ Minority جي ٻولي آهي. اِها ٻولي ساڌو واسواڻيءَ چوندي. پنهنجو گيان اِن جي دواران ڪيڏو نہ پلٽيو اٿائين. توهان مان ڪيترن ڪين ڏٺو، جيڪي هنن اکين ڏٺو. توهان مان ڪيترن ڪين ٻڌو، جيڪي هنن ڪنن ٻڌو. ڪئن نہ ساڌو واسواڻيءَ جي مکہ مان گنگا ندي پيئي وهندي هئي. ڪئن نہ الکہ جي عشق ۾ پيا ڳائيندا هئا: آگر آگر تي پيئي لڳندي هئي ۽ مکہ مان ٻاڻي پيئي ايندي هئي. ڪيترين راتيون ساڌو واسواڻيءَ جن نند

واسواڻي کيس چوي ٿو: منهنجا پيارا: مونکي تون ڪرپا ڪري ٻڌاءِ ته جيڪڏهن ڪو مرد ساڙهي پائي ته زال ٿي پوندو ڇا؟ هي ماڻهو ڪلي ٿو. چوي ٿو: ساڙهي پائڻ سان مرد زال ڪٿن ٿيندو؟ مون کي ٻڌاءِ، منهنجا پيارا! ته جيڪڏهن ڪا اِستري سوٽ، بوٽ ۽ ڪوٽ، مٿي تي ٽوپلو پائي ته مرد ٿي پوندي ڇا؟ اڄ توهين ڏسندا، ڪيتريون اِستريون سوٽ بوٽ پائي گهمنديون آهن. نالا ٻيا ڏينديون آهن. پر مردن جا ڪپڙا پائينديون آهن. پائڻ سان مرد ٿي پونديون ڇا؟ وري هي ماڻهو ڪلي ٿو. چوي ٿو، اِستري پرش ڪٿن ٿي سگهندي! تڏهن سادو واسواڻي چوي ٿو: منهنجا پيارا، تون منهنجا ڪپڙا پائي فقير ڪٿن ٿي سگهندين؟ توکي ته فقير جي دل پهرين ناهڻ گهرجي.

You Must have the heart of fakir to become a true fakir and the heart of ture fakir is the home of longing and love. Longing for the lord and love for all who suffer and are in pain.

اِهو آٿو نوري گرنٿ جو پيغام. اِها دل کوليو، جنهن دل ۾ هجي پياس پريوءَ واسطي، سڪ اِڪ سڄڻ واسطي، عشق اِڪ الک واسطي ۽ جنهن دل ۾ هجي همدردي، شيوا جو ڀاؤ دکين دردن، غريبن مسڪينن، پسن ۽ پکين واسطي، اِهو آٿوَ نوري گرنٿ جو پيغام.

هن سنسار ۾ ٻن قسمن جا ماڻهو آٿو. هڪڙا سنساري جيوَ. سنساري جيو، جي سمجهن ٿا ته هي ڪٽنب منهنجو، هي ٻار منهنجا، هي ڪارخانو منهنجو، هيءَ جڳهه منهنجي، هيءَ موٽر منهنجي، مان جي هيڏانهن هوڏانهن ٿي وڃان، منهنجن ٻارن جي ڪير سنڀال لهندو؟ مان ئي سڀ ڪجهه ڪري رهيو آهيان.

پر ٻئي قسم جا جيوَ آٿو پرمارٿي جيوَ. پرمارٿي جيوَ جي پياس ۾ پيا پچن، جي سڪ ۾ پيا پڪارين، پيا ڳوڙها ڳاڙين: پريو! تو ڪانسواءِ ته ٻي ڪا شڪتي هن سنسار ۾ ڪم ڪين ٿي ڪري. اِڪ تونهين تون! اِڪ تونهين تون! پنهنجو ڪمل مکڙو تون مونکي بتاءِ! اِن سڪ ۾ پيا پڪارين، پيا ٻاڪارين

نوري گرنٿ اسان کي سکيا ڏئي ٿو ته توهين پرمارٿي ٿيو، توهين پياسي ٿيو. جيڪڏهن توهين چاهيو ته هي جنم جو توهان کي مليو آهي، هي سونو جنم، 'مانک جنم درلڀ هئہ، هوت نہ

دماغ جي تلاش آهي سائنس واسطي، تئن دل جي تلاش آهي ڀڳتيءَ واسطي، پريم واسطي، محبت واسطي، دکين دردرن جي شيوا واسطي، مون توهان کي چيو نہ اِڪ نئون يگہ اچي ٿو. اِن يگہ ۾ دل ۽ دماغ ٻئي گڏجي اِڪ نئين دنيا ناهيندا. نوري گرنٿ ۾ دل ۽ دماغ ٻئي گڏجي Contribute کيو آٿن. اِن نئين يگہ جا نظارا توهين نوري گرنٿ ۾ ڏسندا. نوري گرنٿ کي کيترا اِڪ شاستر کري مڃيندا آهن.

I regard the 'Nuri granth' as a world scripture with a message, And I believe this scripture will be translated in to different languages of the world. And it will thrill, it will inspire many an aspiring hearts.

جڏهن ترجمو ٿيندو هن شاستر جو انگريزي ٻوليءَ ۾ ۽ ٻين ٻولين ۾، لوڪ پڙهندا، عجب ۾ پوندا. سندن دليون اچي ڏڏنديون. نوري گرنٿ ۾ ذکر کيل آهي تہ سچو ڌرم ٻاهرين ڳالهين ۾ کين آهي. سچو ڌرم اِن ۾ کين آهي تہ مان ويهي مالها ڦيريان يا مان پري پري تيرٿ آستانن تي وڃان يا مان ورت ۽ نيم پالن کريان يا گنگا نديءَ ۾ وڃي اِشنان کريان. پهاڙن تي چڙهي وڃان، ڌرم اِنهن ڳالهين ۾ کين آهي. اِهي ٻاهريون ڳالهيون آهن. سچو ڌرم جيون جي شڪتي. سچو ڌرم آهي زندگيءَ جي شڪتي. اِها شڪتي کوليو. اڄ توهان پياري دادا ساڌو واسوانيءَ جو اُپديش ٻڌو. اِهي شڪتيون جي اسان جي اندر لڪل آهن، اِهي شڪتيون کوليو.

يادگيري پويم ٿي، هڪ ڏينهن اِڪ ماڻهو: ساڌو واسوانيءَ وٽ اچي ٿو. کيس چوي ٿو: 'سالن کان وٺي مون اڀياس کيو آهي ۽ هينئر منهنجو اڀياس پورن ٿيو آهي. مان هينئر ڳالهائيندو آهيان. جيڪڏهن لوڪ مون ڏي نہ نهارين، اکيون پوري-مون کي ٻڌن نہ اِئين سمجهندا آهن تہ ساڌو واسواڻي پاڻ وينو ڳالهائي. مان هوبهو توهان وانگر ڳالهائڻ سکيو آهيان. اڄ مان توهان وٽ آيو آهيان وينتي کٽي تہ کرپا کري مون کي پنهنجي ڌوتي ڏيو، مون کي پنهنجو چولو ڏيو، مون کي پنهنجي ٽوپي ڏيو، مون کي پنهنجي چادر ڏيو. مان پائي جڏهن وڃي لوکن جي اڳيان ڳالهائيندس، سمجهندا ساڌو واسواڻي پاڻ آيو آهي.' تڏهن ساڌو

پيا لڙائي ڪن اِن هڪ اِنچ زمين تي.

اسين ياتري آهيون. ٿورو وقت هتي رهڻو آهي. اسان کي هتان هلڻو آهي. جنهن خاص ڪرتويہ واسطي اسين هت آيا آهيون اُهو خاص ڪرتويہ اسين پورن ڪريون. پالن ڪريون. نوري گرنٿ ۾ اها سکيا اسان کي وري وري ملي ٿي.

پنکي ونن جئن وشرام،
آکيڙي اندر آرام،
هڪ رات! هڪ رات:

جئن پکي اچي وشرام ونن ٿا. وڻ تي آکيڙو ناهين ٿا، هڪ رات اسين بہ هت فقط هڪ رات آهيون.

اسين بہ نوري آهيون پکي،
اُڏامون اُڏامون نشاني نہ ڪائي رکي،
پوري ٿئي جڏهن تہ رات!

ساڌو واسواڻي هئي هڪ گيت ۾ چون ٿا:

آهين ياتري تون، نسل نا وسار:
نوري نماڻي رکہ سچ سان پيار!

هئي هڪ گيت ۾ چون ٿا:

نهاري تو ڏي ٿي، اء نوري نماشام

هينئر تنهنجي عمر وڏي ويئي آهي، زندگيءَ جي شام اچي پهتي آهي.

وطن ياد ڪر تون ۽ اُتي جو ئي انجام!

جيڪو انجام تون ڪري آيو آهين. گرنٿ اُپنشد ۾ رشي چوي ٿو: جڏهن اسين ماتا جي گرڀ ۾ پيا هئاسين. اونده ۾ اسان جو مٿو هيٺ پير مٿي. اُن وقت اسان پريوءَ کي انجام ڏنو: پريو! اسان کي هتان اونده مان ڪڍ. اسين توکي ڪڏهن ڪين وساريندا سين. دم بہ توکي ڪين وساريندا سين. پر اسان جو جنم ٿيو. اسان جي سڄي جيون ويسر ۾! نوري گرنٿ ۾ چون ٿا:

نهاري ٿو ڏي ٿي، اء نوري! نما شام:
وطن ياد ڪر تون ۽ اُتي جو ئي انجام!

ٻارو نبار!؟ هيري جهڙا جنم املهڪ، هٿ نہ آوي پياري! وري وري ڪين ايندو. مسين مسين توهان کي مليو آهي، اُهو توهين سڦل ڪريو. اِن ڪري پنهنجي اندر پياس اُڀاريو، سڪ اُڀاريو، سڪ ۾ ويهي سڄڻ واسطي ڳوڙها ڳاڙيو.

نوري گرنٿ ۾ اسين وري وري هي اکر پڙهون ٿا. جيئن نہ سمنڊ جو پاڻي ڪيتي بہ توهين چکيندا تہ توهان کي کارو سواد ملندو. ساڳيءَ طرح نوري گرنٿ ۾ هي اکر اچن ٿا تہ هي ٻاهريون ڳالهيون ڇڏيو. پياس اُڀاريو. هي پاٺ پوڄا هي ورت مالها، ڦقا ڪر. فقط نيڻ رک پيارا! آلا، نينهن ۾ نرالا پائين نوري پرين کي! ٻيو ڪجهہ ڪجهي ڪين. پريوءَ کي پائڻ واسطي اسان کي فقط پياس کپي. هڪ گيت ۾ ساڌو واسواڻي چون ٿا:

روئـي روئـي رات گـذاريـان،
پياس ۾ پيئا! تو لاءِ پڪاريان!
قسـمـت آهـي وڏو وڇـوڙو،
ڏن رات دل ۾ آهـي ولـوڙو!
نہ جمنا جي لهرن آهي ايڏو پاڻي،
جو منهنجي اکين آهي نوري نماڻي!

اِهو آهي نوري گرنٿ جو آواز: پياس اُڀاريو! اِهو پياسي جيو، پرمارٿي جيو اُن جي جيون ۾ توهين ڏسندا. روز روز جي جيون ۾ پنج نشانيون جيئن هٿ ۾ پنج آڱريون آهن، تيئن پياسي جيو پرمارٿي جيو جي روز بروز جيون ۾ اِهي پنج نشانيون. (۱) پهرين نشاني، اُن جو ذڪر اسان کي مليو اُن وچن ۾، جو وچن اسان کي ٻالڪي رتنا نوري گرنٿ مان پڙهي ٻڌايو. پيارا! نہ وسار تہ تون اِڪ ياتري آهين. هيءَ دنيا تنهنجو گهر ڪين آهي. هيءَ دنيا تنهنجو وطن ڪين آهي. ڏسو، لوڪ ڪيئن نہ وڙهن ٿا، هڪ ٻئي سان جهيڙا ڪن ٿا. ڪورٽن ۾ وڃن ٿا. ساڌو واسواڻي جن وري وري چوندا هئا تہ ڪورٽن ۾ آهي وڃن جي سمجهہ نہ اسين هميشه هتي ئي هونداسين. هڪ اِنچ زمين جو، اُن تي ٻن مترن جي وچ ۾ تڪرار ٿيو. ٻہ متر اچي وڙهيا هڪ اِنچ جي زمين تي ڪيس ٿيا. هڪ متر گذاري ويو. اُن جي پٽ ڪيس ڪيو. ٻيو متر گذاري ويو، اُن جي پٽ ڪيس ڪيو. هينئر پٽ

وشيہ تي ليڪچر ڏيو. اُتي جي يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر حليم صدارت ڪئي. ساڌو واسواڻيءَ اچي ليڪچر ڏنو. ليڪچر ۾ الائي ڪھڙيون ڳالھيون ٻڌايائين. وڏوان عجب ۾ پئجي ويا. اُپديش پورو ٿيو، اچي ساڌو واسواڻيءَ کان پڇيائون: تہ توھين ھندو آھيو يا مسلمان آھيو؟ ساڌو واسواڻيءَ چيو: مان ٻنھي جي وچ ۾ آھيان. تڏھن چيائون تہ وچ ۾ تہ آھي ڪجھ ڪين. ساڌو واسواڻيءَ چيو: مان اُھو ڪجھ ڪين آھيان.

اِھا اٿو نوري گرنٿ جي سکيا: ڪجھ ڪين ٿيو! اسان سان ٿوري ڳالھ ٿئي ٿي، اسين ڪئن نہ اُٿيا ٿي ٿا ٻيھون. ڪئن نہ اسين وڙھون ٿا. جھڳڙا ڪريون ٿا. نوري گُرنٿ چوي ٿو: ياتريءَ جو اِھو ڪم ڪين آھي. پياسي اِنسان جو اِھو ڪم ڪين آھي. پياسي اِنسان چاھي ٿو مان ڪجھ ڪين ٿيان!

ڏيئي ساھ سڄڻا! سُرھي ٿيان:
فنا ٿي اءِ نوري امرت پيئان!

ٻئي گيت ۾ چون ٿا:

اُڃ نوري منگي ٿي تو در مسڪين:
مھر ميءَ ھڪڙي، ٿيان ڪجھ ڪين!

ٻئي ھڪ گيت ۾ چون ٿا:

ڏسين شال سڄڻا، اندر جي اُڪير:
ڪرين شال مون کي فنا جو فقير!

چوٿين نشاني ڪھڙي؟ پنجين نشاني ڪھڙي؟ سوال اُٿاريان ٿو، پر وقت ڪين اٿم، جو اُن جو جواب ڏيان.

نشانين جي نشاني اٿوَ ھيءَ ھڪڙي، سيني ڳالھين جي ڳالھ اٿو ھيءَ ھڪڙي: پياسي ٿيو! پياس اُٿاريو! مالھائون ڦيريون ٿا، ورت ۽ نيم پاليون ٿا، تيرٿن تي وڃون ٿا، اِشنان ندين ۾ وڃي ڪريون ٿا، اِھي رستا ھڪ ڏينھن ھلي اسان کي پريوءَ وٽ پھچائيندا. پر لنبا رستا آھن. سوُلو رستو ھن جنم ۾ ئي توھين ھلي پريوءَ کي پايو نوري گرنٿ اِھا سکيا اسان کي ڏئي ٿي. اِن ڪري توھين پياس اُٿاريو!

ياتري آهيون اسين. گروجن چون ٿا نہ پنھنجي ٻاڻيءَ ۾: ’جس وکر کئہ لئن تون آئيا!‘ پيارا! جنھن وکر وڻڻ واسطي تون ھت آيو آھين، اُھو وکر نہ وسار. اُھو وکر تون روز روز ھٽ کر.

(٢) ٻي نشاني پياسي انسان جي ڪھڙي؟ ٻي نشاني ھيءَ تہ ھو پروڙ پائي ٿو تہ مان ھت ياتري آھيان. مان ھت مسافر آھيان. مون کي ھلڻو آھي اڳتي، ھتي جيڪي ٿئي ٿو، سڀ سپني مثل آھي. تنھن جي ڪري جيڪي ٿئي ٿو، مون کي پرواہ ڪينھي. اُن ڪري ھر حال ۾ ھوءُ راضي آھي. نندا ۾ ساکہ ۾ گرميءَ ۾ سرديءَ ۾ نفعي ۾ نقصان ۾، بيماريءَ ۾، صحت ۾، ھر حال ۾ ھو راضي آھي. ۽ ھر حال ۾ ھن پياري جي چپن تي آھي ھڪ ئي اکر: شڪر: شڪر: شڪر!

پڇاڙيءَ جا ڇھ سال ساڌو واسواڻيءَ بيماريءَ جي بستري تي گذاريا. نہ اُٿي سگھندا ھئا، نہ ويھي سگھندا ھئا. نہ پاسو ورائي سگھندا ھئا. پر سندن چپن تي اِھي اکر ھئا: شڪر: شڪر: شڪر! واھگرو: واھگرو! اڄ ڏينھن تائين اسين وڃي پوتر سماڌي اَستان تي وھندا آھيون. ستسنگ پورو ٿيندو آھي، پيترون ھي اکر ڳائيندون آھن:

واہ واہ جت وھارين تون،
فضل نوري نھارين تون،
شڪر آھي شڪر تنھنجو!

(٣) ٽين نشاني ڪھڙي؟ ٽين نشاني ھيءَ، پياسي روح پروڙ پائي ٿو تہ پريو ۽ ھن جي وچ ۾ ھڪ ئي پٽ آھي، ھڪ ئي پردو آھي. اُھو پردو ڦاڙڻو آھي. اُھو پردو ڦاٽي ٿو، اسين پنھنجي پريوءِ سان وڃي ملون ٿا. اُھو پردو ڪھڙو آھي؟

اُھو پردو آھي اھم جو پردو، اھنڪار جو پردو. اھنڪار جو پردو ٽوڙيو، اِن ڪري فنائي ڪائو. اسان کي وري اِھو ويچار نوري گرنٿ ۾ ملي ٿو تہ فنا جي راہ ۾ ھلو. تون آھين ڪير، پيارا؟ تون ڪجھ ڪين آھين!

ساڌو واسواڻيءَ کان پڇيائون اِھو سوال. پاڪستان پيو، توھان مان ڪيترا ھت ھليا آيا. ١٥ مھنا پاڪستان کانپوءِ ساڌو واسواڻي اُتي ئي رھيا پيا ھئا. ھڪ ڏينھن ڪين چيائون تہ توھين اسان

ساڌو ٽي ايل واسواڻيءَ جو يوگدان سيمينار جي وڌيڪ رپورٽ

ڀارت سرڪار جي راشٽريه سنڌي ٻولي وڪاس پريشد، ساڌو واسواڻي مشن ۽ حيدرآباد (سنڌ) نئشنل ڪاليجئيٽ بورڊ جي گڏيل سهاري ٢٣، ٢٤ جنوري سينٽ ميران گرلس ڪاليج پونا ۾ ساڌو واسواڻيءَ جي ساهتيڪ ۽ تعليمي يوگدان جي باري ۾ شاندار سيمينار آيوجت ڪيو ويو. مهورتي اُتسوَ ميران ڀومي، ساڌو واسواڻي مشن جي ڪمپائونڊ ۾ رکيو ويو. دادا جشن واسواڻي مکيه مهمان هئا، صدارت شري ناري گرسهاڻي برک وڪيل لوڪ پرياتا ڪئي. شري جهمٽمل واڌواڻي، شري منگهارام سپاهيملاڻي، ڊاڪٽر لڇمڻ خوبچنداڻي ۽ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، شري ڪشو منسڪاڻي معزز مهمان هئا. ڊاڪٽر ڪشور واسواڻي اين سي پي ايس جي مشغولين تي روشني وڌي.

شري ناري گرسهاڻي

شري ناري گرسهاڻيءَ صدارتي تقرير ڪندي چيو ته اڄ اسين پياري دادا جشن کان ساڌو واسواڻي سيمينار لاءِ آسيس وٺڻ آيا آهيون. اڳ ساڌو واسواڻيءَ سبب ۽ هاڻي پياري دادا جشن جي ڪري هيءَ ميران ڀومي اسان لاءِ هڪ تيرٿ آسٿان آهي. هت ڀارت جون مهان هستيون ڊاڪٽر راڌا ڪرشنن، سردار زاڻلسنگهه، اڳيون راشٽرپتي، پرڌان منتري اِندرا گانڌي، مدر ٽيريسا، دلائي لاما، پرڌان منتري راجيو گانڌي ۽ ٻيا ڪيترا اعليٰ شخص جدا جدا موقعن تي اچي نتمستڪ ٿيا، اها سنڌي جاتيءَ لاءِ فخر جي ڳالهه آهه. ساڌو واسواڻي اعليٰ تعلميدان هو، هي صاحب ڪيترن ئي ڪاليجن جو پرنسيپال ٿي رهيو، سندس تقرير چاهي تحرير ۾ تاثير هوندو هو. جڏهن ٽيهن سالن جي عمر ۾ هن برلن جرمنيءَ ۾ انگريزيءَ ۾ تقرير ڪئي ته اُتان جا رهواسي عجب ۾ پئجي ويا. دادا جشن به پنهنجي گرديو جي نقش قدمن تي هلي پنهنجي ودوتاپورڻ وياکيانن دواران لکن لوڪن کي متاثر ڪيو آهي. مان لنڊن ۾ هوس اُتي لنڊن ٽائيمس ۾ پڙهيم ته دادا جشن جو وياکيان جڏهن آميريڪا جي وائيس پريزيڊنٽ پرنس چارلس ٻڌو ته هن پنهنجي صدارتي تقرير ۾ چيو ته دادا جشن جي انگريزي اُتان جي رهواسين کان به سٺي آهي. سنڌي جاتيءَ ۾ ساڌو واسواڻيءَ

There is short cut to god, That is way, that will take you direct to God.

پياس اُٿاريو! پياس اُٿاريو! هڪ پياس اٿو، اِنسان جانور کان ٻيءَ طرح ٿي سگهي ٿو. جانور ٻيون سڀ ڳالهيون ڪري ٿو. جيڪي اسين ڪريون ٿا. جانور ڄمن ٿا، جانور عمر ۾ اُسرن ٿا. جانور ڪم ڪن ٿا. جانور شايد شادي نٿا ڪن، پر ٻار ڄڻين ٿا. جانور مري وڃن ٿا. اسين بہ اُهي ڪم پيا ڪريون. هڪ ڳالهہ ۾ اسين جانورن کان ٻيءَ طرح ٿي سگهون ٿا. اسين پياس اُٿاري سگهون ٿا. جانور پياس نٿا اُٿاري سگهن. مارئيءَ کي ڪيڏي نہ پياس! عمر کيس ڪيڏو نہ لالچائي ٿو: تون فقط ها ڪر. پٽ راڻي ٿي تون هٽ رهہ. مان بہ تنهنجي حڪم ۾ هلندس. جيڪي دنيا ڏيئي سگهي ٿي، مان توکي ڏيندس. پر مارئي چوي ٿي. مان اڪ ڪٺي تو ڏي ڪين نهاريندس. عمر! ١٢ مهنا ٿي ويا آهن. مان تنهنجي ڪوٽ ۾ باندي ٿي ويني آهيان. هينئر سمجهان ٿي منهنجي مرڻ جي ويل اچي پهتي آهي. مان مري وڃان، مون تي اِها ڪرپا ڪجانءِ: منهنجو مڙهہ موڪلجانءِ ملير ڏي، جڏهن منهنجو مڙهہ ملير ڏي ويندو ۽ اُن جي مٽان ٿر جي ٿڌي مٽي وجهندا، مان مٺائي جيئري ٿيندس. ڪٿن نہ مارئي چوي ٿي:

ڪيم مهاڙ ملير ڏي، مٿي چوٽ چڙهي:
نت نهاريان ڏيهہ ڏي، ڳوڙها پيم ڳڙي!
ڪڏهن توهين ڏيهہ ڏي نهاريندا آهيو؟

The original home land, the home land of soul.

ڪڏهن توهان پنهنجي وطن ڏي نهاريو آهي؟ جي ها تہ توهين بيشڪ سڄاڳ روح آهيو. جي نہ تہ اچا تائين وقت آهہ. جيستائين هن جسم ۾ ساهہ آهي، تيستائين اسان کي وجهہ آهي. اسين بہ پنهنجي ملير ڏي نهاري سگهون ٿا.

وڏيڪ توهان جو وقت وٺندس ڪين. وري بہ توهان جي چرنن ۾ سر جهڪائي اِهائي هڪ وينتي ڪندس. سيمينار ڪريو، ضرور ڪريو، پر سيمينار جو مطلب اٿوَ هيءَ تہ دل جي اندر پياس اُٿاريو! جا پياس مارئيءَ کي هئي، جا پياس سسئيءَ کي هئي، جاپياس هير کي هئي، جا پياس شيرين کي هئي، اُها پياس توهين دل ۾ اُٿاريو، توهانجو هٽ اچڻ سڦل ٿي پوي!

ٿيو آهه، پوڄيه دادا جشن واسواڻيءَ جي آسيس سان هي سيمينار سڦل آهي. حيدرآباد سنڌ نئشنل ڪاليجئيٽ بورڊ جي روح روان دادا هوتچند آڏواڻي، پرنسيپال ڪي. ايم. ڪندناڻيءَ ڪي وساري نٿا سگهون جن وديا جي کيتر ۾ اٿاهه ڪاريه ڪيو. پرنسيپال رتنا واسواڻيءَ ساڌو واسواڻي مشن جي چيئرپرسن آڀار پردرشن ڪيو.

مهورتي اُتسو بعد ميران ڪاليج فار گرلس ۾ ساڌو واسواڻيءَ جي ساهتيڪ ۽ تعليمي يوگدان سنبنڌ ۾ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، ڊاڪٽر ديال آشا، شري سيتل مينگهاڻي، پروفيسر ايشوري جوتواڻي، پرنسيپال اروٽا چيٺواڻي، پروفيسر جسو مورجاڻي، ڊاڪٽر ريواچند گوڏواڻي، پروفيسر مينا گوپ روپچنداڻي (شري پرتاب رامچنداڻيءَ جو پيپر) پيپر پڙهيا. انهن بئنڪن جي صدارت شري هيرانند ساڌواڻي، شري منگهارام سپاهيملاڻي، ڊاڪٽر لڇمڻ خوبچنداڻي، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، ڊاڪٽر پرسي گدواڻي، ڊاڪٽر يشوڌرا شاهه، پرنسيپال گلشن گدواڻي ۽ شري لڇمڻداس ڪيسواڻيءَ ڪئي. بحث ۾ شري ٽيڪم آفتاب، شري ٻلديو ٻڌراڻي، شري پريم تولاڻي، پروفيسر جڳديش لڇاڻي، ڊاڪٽر پرسي گدواڻي، ڊاڪٽر يشوڌرا واڌواڻي، پرنسيپال ديال منگتاڻي، پرنسيپال ٽي سي ٽارواڻي ڀاڱو ورتو. جدا جدا شهرن مان پنجاهه عالمن شرڪت ڪئي.

٢٤ جنوري شام جو سماپن اُتسو جي صدارت ڪندي شري منگهارام سپاهيملاڻي سندر سجهاءُ ڏنا. سيمينار جي حاصلاتن بابت هيرانند ساڌواڻيءَ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، ڊاڪٽر پرسي گدواڻي ۽ ٻين خوشيءَ جو اظهار ڪندي ڪي سجهاءُ ڏنا ته ساڌو واسواڻي جو سمورو ساهتيه سنگرهه ڪري هڪ ئي جلد ۾ شايع ڪيو وڃي ته بهتر ٿيندو. اين سي پي ايس طرفان ڊاڪٽر ڪشور واسواڻي ۽ ساڌو واسواڻي مشن طرفان ڀاءُ آتو ريلواڻي ۽ حيدرآباد سنڌ نئشنل ڪاليجئيٽ بورڊ طرفان سيمينار جي ڊئريڪٽر ديال آشا ڌنيواد جي رسم ادا ڪئي.

جهڙي مهان هستي عالم اديب پيدا ٿيو جنهن هزارين لوڪن جي سونهپ ڪئي ۽ اسانکي پنهنجي ساهتيہ جو امر خزانو ڏنو. اڄ هت سندن ساهتيڪ ۽ تعليمي کيتر ۾ ڪيل يوگدان بابت سيمينار سڏايو ويو آهي، جنهن ۾ جدا جدا شهرن مان آيل عالم شرڪت ڪندا. حيدرآباد سنڌ نئشنل ڪاليجئيٽ بورڊ ممبئي سنڌي ٻولي ۽ جي اعليٰ اديبن جي باري ۾ وقت بہ وقت اهڙا سيمينار آيوجت ڪيا آهن. سنڌي ٻولي ۽ کي زنده رکڻ لاءِ ڪي عملي اُپاءَ عمل ۾ آڻڻ لاءِ بورڊ ڊاڪٽر ديال آشا کي مقرر ڪيو آهي جو جدا جدا شهرن ۾ وڃي پرچار ڪري رهيو آهي. اڄ مان دادا جشن، ماتا هري ديوي ۽ ساري سنگت کان آسيس پنا ٿو تہ سائين سني صحت ڏئي جو پنهنجي هلندي هلي سنڌي ۽ جاتي ۽ جي سيوا ڪري سگهان.

شري جهمٽمل واڌواڻي

شري جهمٽمل واڌواڻي ۽ وياکيان ڪندي چيو تہ سنڌي سماج سنڌي سنسڪرتي ۽ پنهنجي پرمپرا کي وساري ڇڏيو آهہ. ورهاڱي بعد صرف پنهنجي ڏنڌي وهنوار کي جمائڻ ۾ پنجاهہ سال گذاري ڇڏيا آهن. هن وقت اسانجو فرض آهہ تہ سنڌي سماج ۾ نئين چيتنا پيدا ڪري سنڌو، سنڌ ۽ سنڌي ٻولي ۽ کي نہ وساريون. مونکي پرسنتا آهہ جو هت ان ڏس ۾ ساڌو ٽي ايل واسواڻي ۽ جي سنبنڌ ۾ سنڌي ۽ سيمينار آيوجت ڪيو ويو آهي. شري نوري گرنٿ جو اڀياس ڪريون، اُن ۾ سمايل سکيائن کي اپنايون.

شري منگهارام سپاهيملاڻي

شري منگهارام سپاهيملاڻي ۽ چيو تہ هنن سيمينارن سڏائڻ جي مول مراد اها آهي تہ اسين پنهنجي ورثي کان محروم نہ رهون. سنڌي ٻولي ۽ ساهتيہ کي زنده رکڻ لاءِ نوس ڪاريہ ڪريون. ساڌو واسواڻي مهان سنت ڪوي هو اُن جي ڪاويہ جو اڀياس ڪريون.

عالمن جو دادا جشن هٿان دشالا سان سنمان ڪيو ويو.

ڪاريہ ڪرم جي شروعات ۾ پروفيسر نرملا جوتواڻي ۽ دادا واسواڻي ۽ جو مڌر ڀڄن ڳايو، پيڻ رتنا واسواڻي ۽ نوري گرنٿ مان وچن ورتو ۽ ساڌو واسواڻي ۽ جي مڌرُوند مان ڀڳوت گيتا جا شلوڪ ٽيپ رڪارڊر تي ٻڌايا ويا. سيمينار جي سنچالڪ ڊاڪٽر ديال آشا سيمينار جي مراد تي روشني وجهندي چيو تہ سالن جو سپنو اڄ ساڪار

نوري گرنٿ ڀڳتي ڪاويه جو انمول گرنٿ

ڊاڪٽر ديال 'آشا'

سونهاري سياڳي سنڌڙيءَ سوَن سنتن صوفين کي جنم ڏنو. جن مان ڪن جي سرهاڻ اڄ به نه صرف سنڌ هند ۾ مگر وديش ۾ پڻ لکن لوڪن کي معطر ڪري رهي آهي. اهڙين اعليٰ هستين مان دادا ساڌو ٽي ايل واسواڻي هڪ هئا. هو مهان ودوان گيانوان تعليمدان دارشنڪ، سماج سڌارڪ، سچا سنت، ساهتيڪار، خلق جا خدمتگار روحاني روشنمنار ۽ اوچ ڪوٽيءَ جا ڀڳت ڪوي هئا. سنڌ جي ڪنهن به ڪويءَ ايتري ڀاڳي ڪين لکي آهي جيتري ساڌو واسواڻي صاحب لکي آهي. سندن سمورو ڪاويه شري نوري گرنٿ ۾ سنگرهيت آهي.

شري نوري گرنٿ سنڌي ڀڳتي ڪاويه جو انمول امر گرنٿ آهي. هي گرنٿ هڪ مانسروور آهي. ڪو هنس هجي جو موتي ويهي چڳي. جيتوڻيڪ هي گرنٿ ڀڳتي پرڪ ڪاويه سان ڀرپور آهي، روحاني رمزن رازن کي سلي ٿو، پرينءَ جي پار جي پانڌيئڙي لاءِ راهه روشن ڪري ٿو مگر وهنوارڪ جيون ۾ پڻ منجهيل مايوس منشين جو مارگ درشن ڪري ٿو. ساڌو واسواڻيءَ ويدن شاسترن اُپنشدن جو مکڻ ڪڍي اسانکي نوريْ گرنٿ ۾ ڏنو آهي. ان مکڻ گرهڻ ڪرڻ سان اسين آتمڪ شڪتي پراپت ڪري سگهون ٿا. ساڌو واسواڻي صاحب نه صرف سنڌيءَ ۾ ڪاويه رچنا ڪئي پر انگريزيءَ ۾ پڻ ڪيتريون ڪوتائون لکيون آهن. هن صاحب هنديءَ ۾ پڻ ڪجهه پد لکيا آهن. داداجن سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ نثر ۾ پڻ سوين پستڪ لکيا آهن جن جي ساراهه جون سرڪيون وديشي ودوانن پڻ پريون آهن. سندن ڀڳتي ڪاويه جو مختصر وويچن ڪجي ٿو.

گروءَ جي اهميت: جئن وهنوار ۾ اُستاد جي ضرورت آهي تئن گيان ڀڳتيءَ جي مارگ جي سونهپ ڪرڻ لاءِ سنگروءَ جي ضرورت آهي. هر سنت ڪويءَ پنهنجي ڪاويه ۾ گروءَ جي مهما ڳائيندي اُن جو مهتو ڏيکاريو آهي.

هڪ پشپ

حيدرآباد سنڌ نئشنل ڪاليجئيٽ بورڊ ممبئي سنڌي ٻولي ۽ ساهتيہ جي پرچار پرسار ۽ سرڪشا لاءِ عملي ڪاريہ ڪري رهيو آهي. ان ڏس ۾ اسانجي بورڊ ساڌو واسواڻي مشن سان گڏجي راشٽر سنڌي وڪاس پريشد جي سهيوگ سان پونا ۾ 'ساڌو ٽي ايل واسواڻيءَ جو يوگدان' وشيہ تي سيمينار ڪيو. سنڌين جي سونهاري سنت دادا جشن واسواڻيءَ ان سيمينار جو مهورت ڪندي ساڌو واسواڻيءَ جي جيون ڪاريہ ۽ ڪاويہ تي چٽي روشني وڌي ۽ آسيس ڪئي.

حيدرآباد سنڌ نئشنل ڪاليجئيٽ بورڊ جو ميمبر شري ڪشو منسڪاڻي ساڌو واسواڻي سيمينار ۾ پڙهيل پيپر پستڪ روپ ۾ پرڪاشت ڪري رهيو آهي ان لاءِ بورڊ سندس شڪرگذار آهي.

بورڊ هن کان اڳ سنڌي ساهتيہ جي اوچ ڪوٽيءَ جي ساهتيڪارن پرنسيپال ايل ايڇ اجواڻي، پروفيسر ليکراج عزيز ۽ پروفيسر پوپٽي هيراننداڻي جي ساهتيڪ يوگدان سنبنڌي سيمينار ڪيا آهن. انهن سيمينارن ۾ جدا جدا عالمن انهن اديبن بابت اوڪ ڊوڪ ڪئي. بورڊ طرفان ڊاڪٽر ديال آشا سيمينارن کانسواءِ سنڌي ڪاليجي وديارٿين جي سنگيت چٽاپيٽيون، وياکيان چٽاپيٽيون آيوجت ڪيون آهن. بورڊ پروفيسر پوپٽي هيراننداڻيءَ جو پستڪ 'ڏهن ڏينهن ۾ سنڌي سکو،' 'پرنسيپال ايل اجواڻيءَ جو يوگدان'، 'پروفيسر پوپٽيءَ جو يوگدان' پستڪ پرڪاشت ڪري نوس ڪاريہ ڪيو آهي، اڳتي بہ بورڊ ان قسم جا ڪاريہ ڪندو رهندو. بورڊ جو پريزيڊنٽ بئريسٽر اشوڪ آڏواڻي بورڊ جو سينئر ميمبر شري ناري گرسهاڻي صاحب ان ڏس ۾ پڻ سرگرم ڀرو وٺي همٿائي رهيا آهن.

پرنسيپال جي. ڪي يمياڻي
ريڪٽر- سيڪريٽري

DTP & Printed at: ART SPOT, Mumbai. Tel: 4464134.

سنت، برهم جو نت اوتار آهن. ويدانت سوتر 'ايڪم برهم دوتيم نہ استي' جي جهلڪ پڻ نوري گرنٿ جي ڪاويہ مان ملي ٿي

هرجاءِ
هرراهہ
اِڪ تون ئي تون
اِڪ تون ئي تون
وڻن جي پتن ۾ بہ تون ئي وسين
چمن جي گلن ۾ بہ تون ئي پسين،

برهم جدا جدا روپ ڌارڻ ڪري ساري سرشٽيءَ ۾ رمي رهيو آهي. کيل بہ پاڻ آهي تہ کيلاڙي بہ پاڻ آهي. طالب بہ پاڻ آهي تہ مطلوب بہ پاڻ، گويو بہ پاڻ تہ ستار بہ پاڻ آهي. ساري سنسار ۾ اُهو خالق موجود آهي.

پاڻ ئي صورت منجهہ سنسار
پاڻ ئي ساري بازيگر بازي
پاڻ ئي سنتن جي سڪ سازي
پاڻ ئي طالب پاڻ ئي تار
پاڻ ئي گويو پاڻ ستار
پاڻ ئي پرانن جو اِڪ پران
پاڻ ئي خالق سارو جهان.

سگڻ ساڪار برهم جو بيان ڪندي ساڌو واسواڻي صاحب چون ٿا تہ ڀڳوان شري رام ۽ ڀڳوان شري ڪرشن اننت برهم جائي بہ روپ آهن. برهم جا انيڪ روپ آهن.

روپ تہ بہ ٿيا. روپن ٻنهي ۾ سوئي رام سوئي شيام
روپ انيڪا اِڪ اننت جا، روح سڀن جو اِڪ آ.

راڌا جو پراڻ پيارو آهي شيام سندر بانڪي بهاري. ساڌو واسواڻي بہ شري شيام سندر جي ڪمل چرڻن ۾ ئي آنند جو انڀو ڪري ٿو. ڪوي اُڪير وچان پڪاري ٿو:

ساڌو واسواڻي پڻ سنگروءَ جي مهما ڳائيندي چون ٿا ته گروءَ جي ڪرپا دواران ئي جيوَ جو ڀاڳ کلي ٿو:

گر ڪرپاسين ڀاڳ کلي
بن گر ڪرپا نه مارگ ملي.

ساڌو واسواڻي سالڪ کي صلاح ڏيندي چون ٿا ته سنگروءَ جي چرنن جي ڌول سان اشنان ڪرڻ سان جيو کي مڪتي ملندي:

وار وار سر جهڪاء ستگر چرنا،
وار وار وٺ ڌولي تن سنتن پيران.
گرديو چرنن رج وار وار ڪر اشنان
نوري نماڻي روئي دل ڌوئي پاء نروان

نوري گرنٿ مان ساڌو واسواڻيءَ جي دارشنڪ ويچارن جي جهلڪ پڻ ملي ٿي.

برهم: ساڌو واسواڻيءَ برهم جي نرگڻ ۽ سگڻ ٻنهي روپن جو ورڻن پنهنجي ڪاويه ۾ ڪيو آهي. هوُ صاحب نرگڻ برهم جو بيان ڪندي ويدانت سوتر 'سروم ڪلو اندم برهم' جو سمرٿن ڪن ٿا. برهم ساري سريشٽيءَ ۾ وياپڪ آهي ۽ اننت آهي:

صفت تنهنجي بي انت آهي اپار،
رميو نوري آهين، رڳ رڳ سنسار،

برهم جو نه رنگ آهي نه روپ. هو نرنجن آهي، اگوچر آهي:

تون نوري نرنجن، بنا رنگ ريکا،

ساري سنسار ۾ هڪ برهم جوئي پرڪاش آهي:

جڳ ساري ۾ جڳہ جڳہ تنهنجي جوت سمائي

برهم ستيم به آهي ته ڪلياڻڪاري به آهي ۽ سندر به آهي. ساڌو واسواڻي صاحب چون ٿا:

تون ستيہ شوم تون سندرم صورت
سنت جنا سگلي تيري مورت.

ڪوي مٿين مصرائن ۾ برهم جي نت اوتار جو ورڻن ڪن ٿا. برهم، سنت جو اوتار وٺي سدائين جڳت جو ڪلياڻ ڪري ٿو.

شبري ڀيلڻيءَ شري رام جي شرڻ ورتي. ساڌو واسواڻي پڻ شبريءَ جي گڻن جي ساکي پنهنجي جيون ۾ ڏيڻ چاهين ٿا:

اُن ديس جي ساکي ڏئي نوري نماڻي

رام جي چرنن هيءَ شبري وڪاڻي

جيوَ: ساڌو واسواڻيءَ جيو بابت دارشنڪ ويچار پيش ڪندي چون ٿا تہ جيو اگيان آورڻ سبب نج سوروپ کي ڀلجي ويو آهي. هو پاڻ کي مايا جي ملڪ ارٿات جڳت جو سمجهي اُن سان نينهن جو ناتو جوڙي وينو آهي. ڪوي جيو کي جاڳرت ڪندي چون ٿا تہ هي جيو! تون الڪذام کان آيو آهين، تون پاڻ اگمير آهين، امر آهين، ساکي ست چت آنند روپ آهين پاڻ پڇاڻ.

امر اگوچر تون آهين

پر پنهنجو پاڻ تون ڪين سڃاڻين

الڪذام مان آيو آهين آهين،

ملڪ مايا جو تون ناهين ناهين.

ويدانت سوتر 'تت توَم اسي' جي جهلڪ پڻ نوري گرنٿ ۾ ملي ٿي. داداجن چون ٿا هي جيو! تون جنهن شاهن جي شاهہ پرماتما جي کوج ۾ آهين سو تون پاڻ آهين:

ناهي تو کان متي ڪوبہ ٻيو

سلطان تون شاهن جو شاهہ

نوري گرنٿ ۾ ساڳيو خيال ڪندي دادا جن چون ٿا:

وڃين ڇو اءِ پياري!

تون گنگا ڪناري

پنهل آهين پاڻ

ڪٿي وينو ڳولهين

ڪنهن کي تو ٻولين

پنهل آهين پاڻ

جڳت: جڳت سنبنڌي دارشنڪ ويچار ظاهر ڪندي ساڌو واسواڻي نوري گرنٿ ۾ چون ٿا تہ هي جڳت سپني سمان است آهي، جيئن سپني جا پدارٿ است آهن تيئن جڳت جا پدارٿ جيو

منهنجو پراڻ پيارو 'شيام' شيام ئي شيام
چت ۾ رکان راڌا راڌا پايان وشرام.

دادا جن ڀڳوان شري ڪرشن کي پريم جو اوتار ڪري مڃين ٿا:

پيار ئي ڪنعيا ڪرشن مراري
پيار ئي جوت ڏام اوتاري

پشپن پتن گلن ڦلن ۾ ڀي شري ڪرشن مشڪي رهيو آهي، اِهو ساڌو واسواڻيءَ جو نجي انڀو آهي:

چمن ۾ تو مڪڙين ۾ موهن مشڪي

ڀڳوان شري ڪرشن سنبهہ روپ آهي. سنسار ۾ جڏهن اتياچار انياءِ جي باهہ ٻري رهي هئي تڏهن دشمن جو دمن ڪرڻ لئہ پريو پاڻ پڌاريو نوري گرنٿ ۾ ساڌو واسواڻي چون ٿا:

اءِ سنبهہ سوروپ شري ڪرشن
شرڻ تنهنجي ۾ آيا آهيون
پڌاريو آهين پرڪرتي ڪيتر
ٻرن جت پيون ڏاڍيون باهيون
آهين پڌاريو پرش پراتن،
لاهڻ لاءِ تون جڳ جو بار

ساڌو واسواڻي نوري گرنٿ ۾ برهم جي سگڻ روپ شري رام جو ورڻن ڪندي چون ٿا:

پريو آهي پڌاريو
شري رام کي پڪاريو
دکين کي سنڀاريو
جنهن دشمن کي ماريو
نوري نماڻيءَ کي جنهن اُتاريو
رام نام اُچاريو اُچاريو

دادا جن شري رام جي چرنن ۾ ئي آنند جو انڀو ڪن ٿا:

ڏام منهنجو جت راجي رام
وشرام منهنجو جت باکي رام

ڀڳل جهوپڙين اچي پاڻ جهمڪي.

دادا جن نوري گرنٿ ۾ تاڪيد ڪن ٿا دنيا جا طالبو نہ ٿيو. جي پريوءَ کي پسڻ چاهيو ٿا تہ دکين دريدرن اڳيان سر جهڪائي اُنهن جي قدمن جي خاڪ لڱن کي لڳائي داتا جو درشن ڪريو:

طالب ٿيءُ نہ دنيا جو، مسڪينن اڳيان سر جهڪاءِ،
غريبن ۾ ڏس غائب آهي خاڪ تنا دي لڱن لڳاءِ.

داداجن جي ويچار موجب دکين مسڪينن جي شيوا پريوءَ جي ڀڳتي آهي:

ساچي ڀڳتي دکين جي شيوا
در تنا جي وٺ مهر جا ميوا!
تن چرنن ۾ وڃي سر جهڪاءِ
نوري نماڻي دل اندر دونهان دکاءِ.

اننهہ ساڌنا: پرماتما کي پراپت ڪرڻ جا ڪيترائي ساڌن آهن. ڪي ڪرم ڪانڊي تيرٿن تي وڃن ٿا تہ ڪي يوگہ ساڌنائون ڪري جوت جو دويہ درشن ڪن ٿا، ڪي تن کي تسپائون ڏين ٿا. ساڌو واسواڻي اننهہ ساڌنا تي زور ڏيندي چون ٿا تہ سالڪ کي گنگا جمنا، گوڪل متُرا ڪاشيءَ ڀٽڪڻ جي ضرورت ڪين آهي. پرماتما اسانجي انتهڪرڻ ۾ وياپڪ آهي. متُرا ڪاشي سڀ اندر من مندر ۾ آهي. ساڌڪ کي گهرجي تہ هو پريوءَ لاءِ پياس رکي من مندر ۾ مالڪ جو مشاهدو ماڻي:

اندر متُرا اندر ڪاشي،
پوءِ چو پيارا ڦرين بنواسي
اندر گوڪل اندر متُرا
رهہ روز فقط تون پياسي

پياس ئي پريوءَ سان ملائيندي. سالڪ کي سنساري پدارٿن جو تياڳ ڪري نام سان ناتو جوڙي اندر وچ دل مندر اوناشي انادي برهم جو چنتن ڪرڻ گهرجي.

چت ۾ چيت الک ابناسي،
تج نوري پسارا ٿي نام نواسي

مٿيا آهن. دونهين جي محل جي ڪا هستي ڪانهي ڏن جو ين سڀ پاڇا آهن:

جڳ سارو جئن رات جو سپنو
هت ڏينهن ٻه چار اٿيئي رهڻو
جڳ سارو اٿئي دونهين محل
پاڇا اٿيئي ڏن جو ين جواني
بنگلا ماڙيون گاڏيون فاني
ملڪ سارو اٿيئي موت مڪان
ڇڏ ويسر ڪرڪو ڏيان.

ساڌو واسواڻيءَ جي ويچار موجب هي جڳت برپٽ جيان آهي، رڃ آهي، سچ آهي. اگيان سبب هرڻ رڃ ۾ واريءَ کي جل سمجهي ڀڄڪي ڀڄڪي پراڻ ڏيندو آهي تئن جيو ٻه جڳت ۽ جڳت جي پدارٿن کي ست سمجهي ويرٿ حياتي برباد ڪري رهيو آهي.

سمجھ جڳ سارو اٿيئي رڃ
بنا گيان اُتري نه اوديا جي اُڃ

جڳت جونو آهي انڪري ڪوي صاحب تاڪيد ڪن ٿا:

جولي جڳ ڪان من تون موڙ

مڪتي: جيو چوراسيءَ جي چڪر ۾ پيو چڪر ڏئي. نوري گرنٿ ۾ ساڌو واسواڻي فرمائين ٿا ته ستگروءَ جي شيوا ڪرڻ سان ئي منش کي مڪتيءَ جو مارگ ملندو:

گروءَ جي جو شيوا ڪري ٿو،
مڪتي مارگ پڇاڻي ٿو سو
بنا گر ڪرپا نه مارگ ملي
نه نوري نماڻي قسمت کلي.

مسڪينن ۾ مالڪ: گرديو رويندرناٿ ٽئگور جيان ساڌو واسواڻي پڻ مسڪينن محتاجن ۾ محبوب جو مشاهدو ماڻيندي چوي ٿو ته جيڪڏهين توهان کي داتار جو درشن ڪرڻو آهي ته غريب انائن جي جهوپڙين ۾ وڃي اُنهن جي شيوا ڪري پريوءَ کي پسو.

نه محلن نه ماڙين ۾ موهن ٿو چمڪي،

سک ساڃو جي تون چاهين،
سنت جنا کي چرنا ويھ.

سهاڳڻ: سامي صاحب جيان دادا واسواڻي جن پڻ پنهنجي
ڪاويہ ۾ سچي سهاڳڻ جو ورڻن ڪندي چيو آهي تہ سچي سهاڳڻ
اُها آهي جا ساري رات جاڳي جاڳي پنهنجي پريتم ڏانهن نينهن
ڀريل نيڻن سان نهاريندي رهي ٿي. لوڪن کان لڪي ڇپي رات
جي وقت پنهنجي ڪانڌ کي سک جي سيجا تي وهاري پنهنجو
پيار پيئاري ٿي. هت سهاڳڻ جو پرتيڪ ساڌڪ لاءِ ڪانڌ جو
پرتيڪ پرماتما لاءِ آهي. ساڌو واسواڻيءَ جي مول لفظن ۾:

سچي سهاڳڻ سائي آهي جنهن جاڳي جاڳي ڪنت نهاريو.
رات لڪائي تہ لوڪن کان ڪومل مکڙو ڪمل سنڀاريو.
سک جي سيج تي پاڻ چڙهي ڪنت پياري کي پيار پيئاريو.
رڳہ رڳہ ۾ نوري راڳو ساريو، پانڌ ڳچيءَ ۾ پائي پائي.

جا استري پنهنجو سرو سو پنهنجي پريتم جي ڪمل قدمن ۾
ارپڻ ڪري ٿي. تن کي تسيائون ڏيئي اوجاڳا ڪڍي پرينءَ کي
پرسن ڪري ٿي. سرير جا ٻاهريان سينگار ساڌن تياڳي سواس سواس
۾ سڄڻ کي سنڀاري ٿي اُن کي محبوب محبت جي موتين جي
ڪاڻ ڏئي ٿو. هو پنهنجي پريتم جون الوليون ماڻي پٽ راڻي ٿئي
ٿي. ارٿات جو ساڌڪ پنهنجو سڀ ڪجھ پريوءَ جي چرڻن ۾ ارپڻ
ڪري ٿو. سواس سواس ۾ صاحب کي سنڀاري ٿو، پريو اُن تي پرسن
ٿي پنهنجو بڻائي ٿو ساڌو واسواڻيءَ جي مول لفظن ۾:

پريتم کي جنهن ارپيو پاڻ
سا تہ سياڳي نهال نماڻي
راتيان جاڳي جوڳ پچائي
پردي اندر ساجن ساڻ
سينگار سرير جو سڀ تياڳي
ڏيائي ڏم دم پراڻن پراڻ
محبوبن کان تہ آھ ملي
اُن کي موتين سندي ڪاڻ.

پريم: ساڌو واسواڻيءَ جي ڀڳتي ساڌنا ۾ گيان ۽ پريم جو سندر سمنويہ آهي. پريو پريم بنا پستڪن جو گيان ڪم جو ڪين آهي. آتم گيان ۽ پريم پريو پراپتيءَ لاءِ ضروري آهن:

ڇا ٿيو ڪوليا تو ڪٽ شاستر
پر ڪين ڪولي تو دريءِ دري،
علم قلم بن قرب نہ ڪم جا،
ايندين ڪال چڪر ۾ وري وري.

پريم کان سواءِ جيو جو جيئڻ بيڪار آهي. پريم کان سواءِ سنسار جو سفر ويرٿ آهي. پريوءَ جو پريم ئي ڀڳتي آهي. ان ڀڳتيءَ کان سواءِ جيون اجائي آهي. دادا جن نارد ڀڳتي سوتر جو تت نوري گرنٿ ۾ ڏنو آهي:

پريم بنا جيئڻ اجايو،
پريم بنا نہ سفر سجايو،
بن ڀڳتيءَ وينو وقت وڃائين
پريم بنا سڀ ڪوڙ ڪمائين.

سنت: ساڌو واسواڻي نوري گرنٿ ۾ سنتن جي صفت ڳائي آهي. هو پرم برهم جو نت اوتار آهن. سندن ديا درشٽيءَ سان پٿر بہ تري وڃن ٿا:-

سنت ديا سيتي پٿر بہ تري

ساڌو واسواڻي اهڙن سنتن ستپرشن جي در جي داسي ٿي رهڻ چاهين ٿا جن جي مهر سان جيوَ جم جي ڦند مان مڪت ٿئي ٿو:-

تن سنتن در جي رهان آنءُ داسي
جن ڪي ڪرپا ڪاٽي جم ڪي ڦاسي.

دادا جن اهڙن سنتن جي چرڻن جي مٽيءَ جا چاهڪ آهن جن جي اکڙين ۾ پرماتما جو پرڪاش پيو چمڪي:

تن سنتن در جي ملي مون ڌوڙ
جن نيڻن ۾ پيو چمڪي نور

نوري گرنٿ ۾ ڪوي ساڌڪ کي سنتن جي چرڻن ۾ ويهڻ جي صلاح ڏين ٿا:

ڪرڻ گهرجي.

سانت جي پردي آھ پريتم پاڻ،
نوري نماڻي اُت ويھي ڪر تون روح رھاڻ.

سالڪ کي گلا ۽ نيڪيءَ جو خيال نہ ڪرڻ گهرجي، وويڪ انوسار ست مارگ تي هلي.

ساک نہ نندا جي رک پرواھ،
نوري نماڻي هل سچ جي راھ.

سالڪ لاءِ اِهو ضروري آهي تہ هوُ ڏٽيءَ جي بندگي ڪندي دکين بکين، پکين پسن جي شيوا بہ ڪري، کين پيار ڏئي.

ڪري خدمت خدا جي اُتي ڏيئرو ہار،
دکين بکين پسن کي ڏي تون پيار.

منش کي جيون روپي کيت ۾ شڀ ويچارن جا ٻج پوکڻ گهرجن. ساڌو واسواڻي جن فرمائين ٿا:

زندگي اٽيئي تہ ہني
جي تون سنڀالين تہ تين ڏني.
ٻج اُن ۾ پوک نرمل ويچار.

ساڌو واسواڻيءَ پاٺ پوڄا، سمرڻي سورڻ کان وڌيڪ اهميت پريم پياس جي لڙڪن کي ڏني آهي. پريما ڀڳتيءَ ۾ پريوءَ لاءِ پياس جا ڳوڙها ڳاڙڻ سان پريو جلدي پرسن ٿئي ٿو. انڪري ساڌو واسواڻي صلاح ڏين ٿا:

هي پاٺ پوڄا هي ورت مالھا
ڦٽا ڪر فقط نيڻ رک پيارا آلا،
نينهن ۾ نرالا تہ پائين نوري پرين

ساڌو واسواڻيءَ گيان کان وڌيڪ اهميت پريم کي ڏني آهي. سندن ويچار موجب پرماتما جو پريم ئي سچي ودیا آهي:

سچي وديا آهي پريوءَ لاءِ پيار،
جو جيون اسانجي جو آهي آڌار.
سدا اُن کي تون رک دل ۾ ياد
ڪندو زندگي تنھنجي ساري آباد.

سک سچڻ جو ماڻي سُڃاڻ
نوري رهي سا راڻين راڻي
سا تہ سياڳي نهال نماڻي.

منش ديھ: هر سنت ڪويءَ منش ديھ جي مهما ڳائي آهي. ساڌو واسواڻي ان منش چولي جو مهتو ٻڌائيندي اسانکي جاڳرت ڪندي فرمائين ٿا:

درلڀ ديهي مانک ديهي
قلعا ڪوٽ هي سڀ تہ ٿي ويندا خاڪ
بنا نام ڪوئي نہ ڪڏهن ٿيو پاڪ،
هي مانک جنم پياري! ڪريو سڄايو،
ڪنو پيا ڪريو ڏن اوهين سڀ اجايو.

ساڌڪ ڪي صلاحون: نوري گرنٿ ۾ ساڌو واسواڻيءَ پرماتما جي پار جي پانڌيئڙن کي ڪي صلاحون ڏنيون آهن. جن تي عمل ڪرڻ سان ساڌڪ سڦلتا جو سهرو ٻڌي سگهي ٿو:

ستگر جي اسڪول ۾ سبق چار پڙهج،
پڙهي، سچي پريم چاڙهيءَ مٿي چڙهج.
پهريون سبق صدق سونهارو،
ٻيو سبق سچ جو، سائينءَ پيارو،
ٽيون سبق صبر جو، جيون جو آڌارو
چوٿون سبق سيل جت، نوري چمڪي تارو.

روحاني راھ ۾ وڌڻ لاءِ صدق، سچ، صبر، سيل تمام ضروري آهن. جڏهن اِهي چار ڏاڪا چڙهنداسين تڏهن ئي محبوب جو مشاهدو ماڻي سگهبو. وهنوارڪ واڌاري لاءِ بہ اِهي چار گڻ ڏاڍا لاڀڪاري آهن. ساڌڪ کي اهنڪار جو تياڳ ڪري نياز نوڙت جو رستو اختيار ڪرڻ گهرجي.

آتم شڪتيءَ جا پر کوليو
ايمان چڙي نئڙت ۾ ٻوليو.

ساڌڪ لاءِ سانت تمام ضروري آهي. دنيوي گوڙ شور ڀڳتي مارگہ ۾ وکيپ پيدا ڪن ٿا. ساڌڪ کي سانت ايڪانت ۾ ڀڳوت چنتن

اُن جو نالو ئي ميران وديا هلچل رکيو. ميران جهڙي ڀڳتي ڀاونا ساڌو واسواڻيءَ جي ڪاويہ ۾ آهي:.

آھ ڪٿي تہ ويو گھنشيام
جنهنجي چرنن دل جو ڌام
ڪنج نڪنج ۾ ويٺيون ٻولن
ور ور گوپيون ويٺيون ڳولن
مرليءَ مست ڪيون البيليون
شيام بنا تہ آهيون اڪيليون
ڪٿي وڃين تہ ڪريون ديدار؟
پايون وري تہ پريم اوتار
'نوري' راتيان نير وهائي،
گوپين سان گڏ ويٺي ڳائي

داسيہ ڀاونا: ساڌو واسواڻي نياز نوڙت جي ساڪيات صورت هئا. هو سد سد نماڻا هئا هزارن دلين جا راڻا هئا. سندن صورت مان حليمائي ڀيئي جهلڪندي هئي. ڪوتا مان ڪويءَ جي شخصيت ۽ ويچار ڌارا جو عڪس ملي ٿو. سندن ڪاويہ ۾ داسيہ ڀاونا ڪوٽ ڪوٽ ڀريل آهي. پريوءَ کي پرارٿنا ڪندي چون ٿا:

تون ٺاڪر مان در جي داسي،
تون مالڪ مان مهر جي پياسي!
آهين پتا تون اسانجي ماتا
جڳہ جنني آهين جڳ داتا!

پريوءَ جي ڪمل چرڻن ۾ ئي سچو سک آهي انڪري داداجن پرماتما کي وينتي ڪندي چون ٿا:

شرڻ تنهنجي ۾ اسانجو سکہ
ڪمل چرڻ ۾ اسانکي رک
نوري نماڻي تو در آئي.

جيو ديا: ساڌو واسواڻي ڪروڻا ۽ پريم جا اوتار هئا. سندن دل ۾ نہ صرف منش ماتر لاءِ ديا ڀاونا هئي، مگر پکين پسن لاءِ سندن هڏ ڪرڪندو هو. دادا جن ديش وديش ۾ جيو ديا جي جوت جڳائي:

جيو ديا جي جوت جڳايو
هنسا پيڙا کان ملڪ بچايو
سک سچو اُن کي ڪٿان ملندو!
گگدامن سان ڦهر جو ڪندو
ماس اوهين تا تن جو کائو،
آتم شڪتي ٿا پنهنجي گهٽايو!

ورھ ويدنا: ڀڳتياڻي ميران وانگر ساڌو واسواڻيءَ جي نوري گرنٿ ۾ ورھ ويدنا جا هرديہ سپرشي گيت ملن ٿا. ڀڳوان شري ڪرشن جي ويوگ ۾ دادا جن جي پياسي دل پڪاري ٿي:

روئي روئي رات گذاريان،
پياس ۾ پئي تو لئہ پڪاريان
قسمت آهي وڏو وڇوڙو
دن رات دل ۾ آھ ولوڙو
نہ جمنا جي لهرن آھ ايڏو پاڻي
جو منهنجي اکين آھ نوري نماڻي

شاعر ساڌو واسواڻيءَ جي دل ۾ شري شيام سندر جي درشن جي ڪيڏي نہ پياس آهي. سندن اکڙين ۾ جمنا کان وڌيڪ جل آهي. هوُ پريوءَ کي پنهنجي لڙڪن جي مالها ڀيٽ ڪرڻ چاهين ٿا:

رکي اٿم نہ تو لئہ هيءَ ڳوڙهن جي مالها،
اچي وٺ تون پيارل نينهن جا هي پيالا

ساڌو واسواڻي ڀڳتياڻي ميران جي ڀڳتيميہ جيون ۽ ڪاويہ کان ڪافي پرڀاوت هئا. هنن جا وديا هلچل آرنڀ ڪئي

فقيرن تنهنجن جي مٽيءَ پاتو مان،
تنهنجا سنت پيارا سدا ڪن سي احسان.

نوري جو آدرش: نوري شاهه لطيف جي سورمي جنهن پنهنجي نياز نوڙت حليمائي خاڪساريءَ سان ڄام تماچيءَ جو پيار حاصل ڪيو. ساڌو واسواڻيءَ اُن نوريءَ جي ڪردار جي نه صرف پنهنجي جيون ۾ ساکي ڏني پر پنهنجو تخلص ئي نوري رکيو.

دادا جن هزارين گيت رچيا. اُنهن ۾ نوري تخلص استعمال ڪري نوريءَ کي نهال ڪري ڇڏيائون. دادا جن جي آچار ويچار ۾ نمرتا هوندي هئي. ساڳي نمرتا جي جهلڪ سندن ڪاويه مان به ملي ٿي.

چيتاوني:

سنت ڪوين اگياني منش کي پنهنجي باڻي دواران آگاهه ڪيو آهي. ساڌو واسواڻي صاحب به غفلت ۾ غلطان جيو کي آگاهه ڪندي چون ٿا:

١. ٿيءُ سچيت ٿيءُ سجاڳ
قلب سان ڪپ سڀ دويش راڳ

٢. هتڙي تہ آهين پيارا! اِڪ ياتري
رکين ياد دل ۾ دن راتڙي

٣. تہ پرديس ۾ هت آهين پکي
پرڪول پنهنجا تہ رهين سکي.

٤. هيءُ دنيا اٿيئي هڪ ميلو، اڪڙيون کول نهارا
من مست هاٿي پيو ڦري، ٿي خبردار خبردار

رهسيواد: سنت ڪبيرداس جيان دادا واسواڻيءَ جي ڪاويه ۾ رهسيواد پڻ آهي. هيٺ پيش ڪيل ڪوتا ۾ داداجن پرتيڪن دواران من ۽ آتما جو يٿارٿ چترڻ ڪيو آهي. هڪ وڻ تي به پکي ويٺا آهن اُنهن مان هڪ سکي

كيئن نذر جي ڏسج ڪچائي

ديش ڀڳتي: دادا ساڌو واسواڻي ايشور ڀڳت به هئا ته ديش ڀڳت به هئا. ديش جي آزاديءَ جي آندولن ۾ هنن سڪريه ڀاڱو ورتو. داداجن پنهنجي وياکيانن ۽ تصنيفن ذريعي ڀارتواسين ۾ ديش ڀڳتي ۽ قوميت جي ڀاونا پيدا ڪئي. سندن راشٽريه ويچار ڌارا جي جهلڪ سندن ڪاويه ۾ ملي ٿي. آزاديءَ کان پوءِ ڀارت ۾ وڌندڙ ڀرانتيتا جي ڀاونا ڏسي دادا جن جي دل ۾ دک پيدا ٿيو ۽ هن صاحب ايشور کي وينتي ڪئي:

منهنجو ملڪ مونکان آهه نا جدا،
ڀڳل آهه ڀارت پر تنهنجو خُدا!
رک مهر ۾ سدا نوري نهاري سانت ۾
دک درد ۾ آ ڀيو ڀارت ڀڄي
غم سوز سڄڻا! منهنجي دلڙي هڄي!
سنڌ گجرات پنجاب بنگال
سڀن کي تون هڪ ڪر نه ته آهيون ڪنگال!
ديس پيارو ڪر نهال نوري نهاري سانت ۾

ديش جي ورهاڱي سبب ساڌو واسواڻيءَ کي به سنڌ جا وڻ ڇڏڻا پيا. منڙي ماتر ڀومي سنڌڙيءَ جي جدائيءَ ۾ دادا جن چيو:

اي سنڌڙي! سهي نه سگهان آنءَ جدائي
تصوير تنهنجي اکين اڄ ورور آئي!
ڀرتر هري آشرم، اڇي جت بڻايو
رگ ويد رشين رام گيت ڳايو،
جت نانڪ نرنڪاريءَ آسيس آندي،
ڀري هت توکان ٿي دلڙي آهه ماندي.
ڪريان ياد ور ور سهڻو شاهه سامي،
هت ڳوڙها ٿي ڳاڙيان اٿم بي آرامي!

شري گرو نانڪ ديو؛ ڀين گروجن، سنت ڪبير، ڀڳتياڻي ميران، ڀڳت سورداس، شاھ لطيف، سچل سرمست، سامي صاحب، بيدل بيڪس جو اثر ظاهر ظهورآهي. داداجن ساڳيو خيال ڀين لفظن ۾ پيش ڪيو آهي تہ وري ڪٿي ڪٿي انهن شاعرن جي شبداولي؏ جو پريوگ ڪيو آهي. ساڌو واسواڻي پاڻ درويش هئا ۽ ساڻ ساڻ ڀين ڪيترن ئي درويشن جي صحبت ڪيائون، گرو واڻي، شريمد ڀڳوت گيتا ۽ ڀين شاسترن جو اونهو اڀياس ڪيائون. هو ڀين درويشن سنتن جي ٻاڻي ڏاڍي چاھ سان ٻڌندا هئا. جڏهن ڀائر ڀينر ڳايڪ سنتن فقيرن جي ٻاڻي پوڄيہ داداجن جي سنمک ڳائيندا هئا تڏهن داداجن تلين ٿي ويندا هئا ۽ ڪڏهن ڪڏهن سندن اکڙين مان پيار جا لڙڪ لڙندا هئا. انڪري داداجن جي ڪاويہ تي ڀين ڀڳت ڪوين جو پرڀاو سوڀاويڪ آهي.

سهاڳڻ جي وشيہ تي سامي صاحب سلوڪ چيا آهن تہ پوڄنيہ داداجن بہ ان وشيہ سان نباهيو آهي. ساڌو واسواڻي؏ جي ڪاويہ ۾ شاھ لطيف جي شبداولي؏ جو مثال:

حق حقيقي مان هي ڪثرت ڪُل

لاثاني صورت مان هي قدرت ڳل

سچل سائين پنهنجي ڪلام ۾ ور ور منصور جو ذڪر ڪيو آهي. ساڌو واسواڻي بہ پنهنجي گيتن ۾ منصور جي مستي؏ جو بيان ڪيو آهي.

منصور جي مستي پائي پائي، اِڪ الله ڪي ئي ڏيائي

اِڪ نعرو نوري وڄائي، هوُا هوُا هوُا هوُ

حق اناالحق جو نعرو ماريو،

جن جاڳي جاڳي روحرو اُتاريو.

پکي آتما جو پرتيڪ آهي. چنچل پکي من جو پرتيڪ آهي. جڏهن من آتما جي انڪول هلي ٿو تہ سکي رهي ٿو. آتما روپي پکي جڏهن من کي پوتر پريم جو پيالو پيئاريو تہ چنچل من ارٿات من شانت ٿيو. من باغ بهار ٿيو پوي.

هڪ وڻ تي ٻہ پکي
هڪ چنچل ٻيو سکي
چنچل پکيءَ جڏهن نهاريو
تڏهن سکي پکيءَ کيس پڪاريو.
پي پي دک ٿيس سڀ دور
اچي آن ۾ چمڪيو نور

سچا فقير: ساڌو واسواڻيءَ پنهنجي ڪاويہ ۾ سچن فقيرن ۽ صوفين جو بہ ذڪر ڪيو آهي:

فقير ان موج ۾ گم ٿي، ٿيا مستان ٿيا مستان!
ويئي هستي آئي مستي حسن هو هو ۾ ٿيا حيران

صوفي: صوفي سالم سوئي سوئي جنهن صورت آهي صاف سچاتي

پستڪ پرچار ورق ڦٽا ڪري پروڙ تہ پنهنجي پاتي پاتي!

شيوا مارگ: ساڌو واسواڻي صاحب خلق جا خدمتگار بہ هئا. هنن ڪيترائي لوڪ ڪلياڻ پرآپڪار جا ڪاريہ ڪيا. سندن ويچار موجب شيوا جو مارگ بہ مڪتيءَ جو مارگ آهي. هنن دکين دريدرن اهلائن اناٿن جي نشڪام شيوا ڪندي اِهو انڀو ڪيو:

فقط ڳالھ هڪڙي مڪتيءَ جو مارگ مونکي آ مليو.
جڏهن مهر ٿي مون تي چند شيوا جو چمڪيو.

ٻين شاعرن جو اثر: ساڌو واسواڻيءَ جي ڪاويہ تي

انياتپراس: اُن جادوءَ ۾ ئي جوت ڀري،
جانب ناھ تہ توکان پري،
لعل رتن وچي لڪ ۾ لھہ،
سانت صبر ۾ سڀ تون سھہ.
ڀري- پري، لھ- سھ انتياپراس جا مثال آھن.
ورڻ مئتري: جپ تپ تيرٿ سيئي چڱايون
ڪوئي نہ ڪنھنجو پنھنجو آھي.
ورڻ سنگتي: جت چمڪي چمڪي جوت الاھي
رنگي رنگي مايا آھي تو اُپائي
جاڳ جاڳ ڪر پنڌ پيارا.
اُپماالنڪار:- جئن ڌرتي مينھن لئہ آسي
تئن ھيءَ دل آ پريوءَ لئہ پياسي
سپي جئن ٿي بوند لئہ روز نھاري
تئن تنھنجي نظر لئہ ھيءَ دل پڪاري.
روپڪ النڪار: آنءُ تہ پڙھان، اِڪ قرب ڪتاب
ڳايان بجايان، اِڪ برھم رباب.
چت چور کي پڪڙي، ھاٿي چاڙھيو اٿس نام کي نوڪا
من ھاٿي آھي ڏاڍو چنچل
درشٽانت النڪار: سائو ساڳ ودرجو، پيلٽيءَ جا جونا پير
پرتيڪ: چيرن جي سنگ ۾ جت ناھي جوتي
جت چمڪي نہ گل
چيرو اگيانيءَ جو ءِ جوتي گيان جو پرتيڪ آھن.
پڇري ۾ پيئي آھيان آءُ مئنا

هندي ڀڳت ڪوين ۽ گرواڻيءَ جو اثر
سن ديس ۾ نا ڪوئي وهنوار،
نہ ميرا تيرا، نہ ڪوئي ڪم ڪار.
بيچ گگن تيرا ناد نرنجن آيا آيا

ڪاويہ ڪلا: ساڌو واسواڻي صاحب علم عروض يا ڇند شاستر جي آڌار تي ڪاويہ ڪين لکيو آهي. سندن ڪاويہ دل جي اُپج آهي. هھڙا سنت ڪوي ڇندن جي ٻنڌنن کان مڪت پنهنجي مڪاروند مان ڪاويہ سرتا پرواهت ڪن ٿا ۽ هزارن لوڪن جي پياس پوري ڪن ٿا. ساڌو واسواڻيءَ جي ڪاويہ ۾ ڪيترين ڪاويہ ڪلاتمڪ خوبيون سهج اِستعمال ٿيون آهن. هن صاحب ڪاويہ ڪلا جي لحاظ کان ڪاويہ رچنا ڪين ڪئي، ڀڳتي ساڌنا ڪندي پنهنجن اُمنگن انڀوَن کي ڪاويہ روپ ۾ پيش ڪيو. سندن ڪاويہ ۾ شبد النڪار، ارٿ النڪار سهج روپ ۾ پريوگ ٿيا آهن. داداجن ڇيڪا انپراس، انتيانپراس سان پوري ريت نباهيو آهي، ورڻ مئتري ۽ ورڻ سنگتيءَ جا بہ ڪيترا مثال ملن ٿا. اُپما النڪارن روپڪ النڪارن، درشٽانت النڪارن ۽ پرتيڪن جا سندر پريوگ ٿيل آهن. ساڌو واسواڻي صاحب جي گيتن ۾ سنگيتاتمڪتا آهي. سندن گيتن جي ڀاشا سرل سپڪ آهي، ڪٿي ڪٿي سرائڪي ۽ هندي لفظن جو پڻ اِستعمال ٿيو آهي.

النڪار

ڇيڪانپراس: سڄڻ سڀ سٺي تو، تنهنجي تند تار ۾ ڪليو
سي سمجهن سولي سيج سمان
سڪ ستار ۾ ساجن سنمڪ روحرو روز روئاريو

ساڌو واسواڻيءَ شري سکمني صاحب، شري جپ صاحب ۽ شريمد ڀڳوت گيتا جو پڻ سنڌي ڪوتا ۾ ترجمو ڪيو آهي. سندن ان ترجمي ۾ به ميٺاس ۽ رواني آهي. سندن ٻولي به سرل ۽ سپڪ آهي.

ساڌو واسواڻي هن صديءَ جا مهان سنڌي سنت ڪوي هئا. سندن نوري گرنٿ انمول ڪاويہ گرنٿ آهي. جو وهنوار چاهي پرمارٿ لاءِ مارگ درشن ڪندو رهندو.

روئان روز ويني منگا رحم رينا،
ٿي آزاد پڃري مان آڏامي اڇان
پڃي قيد ڪرمن جو تو وٽ نچان
پڃرو- شرير، مئنا- جيو آتما، قيد- ڪرمن جو قيد.
لکشڻا شڪتي:

جيون هيءَ اٿيئي هيڙي
مٿان بار ڪٺين اٿيئي ويري،
هلڪا هلڪا ته ويا تري،
پر ڳوڙا ڳوڙا پيا ڪري.

بار جو لاڪشڻڪ ارٿ آهه چنتائون ۽ ايمان- هلڪا جو ارٿ آهي بنا چنتا وارو، نشچنت، بنا مانسڪ بوجهي تناوَ وارو، ڳورا ايماني ۽ چنتت

وينجنا شڪتي: ڪوي عالمن پنڊتن تي طنز ڪن ٿا:

پستڪ پرچا پڙهي پڙهي، ڇا ٿيو جڳ جو مليئه مان!
پاٺ ڪرين پيو ويد پُران، ايمان وڃين پيو لڙهين.

رس- ساڌو واسواڻي سنت ڪوي هئا، انڪري سندن ڪاويه ۾ شانت رس ته پرڌان آهي پر ساڻ ساڻ ويوگ شرنگار رس به آهه. ساڌو واسواڻيءَ کي شاهه لطيف جيان ورهه جو شاعر سڏجي ته ان ۾ ڪو وڌاءُ ڪين آهي. سندن ڪاويه ۾ درد ۽ سوز آهي، ورهي آتما جي پڪار آهي. شاعر پنهنجي ورهه ويدنا جو ذڪر ڪندي چوي ٿو:

مندون موٽي آيون، تون نه موٽئين هوت،
دم دم آهه دل کي لڳي تنهنجي چوٽ،
هاڻي موٽ منهنجا گهوٽ نه ته نوري ويندي وسامي.

جو اَدبي سرجڻ اُنهيءَ جي برابري نٿو ڪري سگهي. ’نوري گرنٿ‘ ۾ سنگره ڪيل دادا ساڌو واسواڻيءَ جي امر واڻي، وڏي سائيز جي سترهن سو کن صفحن ۾ شايع ٿيل آهي. اِنهيءَ کان سواءِ هن مهاپرش جون ٻيون رچنائون ’سنت مالا‘، ’شيام‘ ۽ ’ميران‘ رسالن ۾ بہ لڳاتار ڇپبيون پيون اچن. ڀڳوت گيتا، سکمني، جپ صاحب وغيره گرنٿن جي سمجهاڻي ۽ ٽيڪا پڻ ساڌو واسواڻيءَ جي رچنائن ۾ مکيہ جاءِ والاري ٿي.

ساڌو واسواڻيءَ جي ادبي لکڻين جي شئلي يا عبارت هڪ الڳ قسم جي آهي. اُن مان سندس شخصيت صاف صاف بکي ٿي. ٻالاپڻ کان ئي ساڌو واسواڻيءَ ۾ هڪ نرالي سڀاءَ ۽ شخصيت جا اُهڃاڻ ظاهر ٿيڻ لڳا، جن جو اڳتي هلي وڏيڪ ۽ وڪاس ٿيو. ننڍپڻ ۾ جڏهن سندس هم عمر ساٿي راندين روندين ۾ مشغول هوندا هئا، تڏهن ننڍڙو ٻالڪ ٽانور ايڪانت ۾ وينو پرماتما جو چنتن ڪندو هئو. هو گهر جي ڇت تي وينو چپ چاپ آسمان ۾ تارن ڏانهن تڪيندو هئو. اِن طرح پرماتما ۽ سندس سرشٽيءَ جي رهسيہ کي پروڙڻ جي جڳياسا منجهس ننڍپڻ کان ئي پيدا ٿي. اسڪولي جيون ۾ مٿس ساڌو هيرانند، پواني چرڻ بئنرجي ۽ اني بيسنٽ جي ويچارن جو گهٽو اثر ٿيو. اُپنشدن جو اڀياس ڪرڻ، گيتا ۽ سکمنيءَ جو نت نيم پاٺ ڪرڻ، ويشنو ڪاڌو کائڻ، جيو ديا ڪرڻ جهڙا گڻ منجهس وديارٿي جيون ۾ ئي موجود هئا. ڪاليجي جيون ۾ هن ۾ ڌارمڪ چنتن ۽ درشن شاسترن جي اڀياس، ڀارت جي سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ جي سمجهڻ جو گهڻو چاهہ پيدا ٿيو. ڪلڪتي ۾ پروفيسر ٿيڻ دوران مٿس هڪ طرف برهمو سماج جي سڌانتن جو پرڀاءُ ٿيو تہ ٻئي طرف رابيندرناٿ ٺاڪور جي سنگہ ۾ سرشٽيءَ جي رهسين کي هڪ ڪويءَ

دادا ساڌو واسواڻيءَ جو سنڌي نثر ۾ يوگدان

ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي

دادا ساڌو واسواڻي، جنهن جو پورو نالو ٿانورداس ليلارام واسواڻي آهي، (جنم: ٢٥ نومبر ١٨٧٩ - سرڳواس: ١٦ جنوري ١٩٦٦) اُهو سنڌي ساهتيه ۾ هڪ نرالي ۽ اعليٰ جاءِ والاري ٿو.هن کي ويهين عيسوي صديءَ جي يگه پرشن ۾ ليکجي ته اِنهيءَ ۾ ذرو به وڌاءُ نه آهي. آدرش تعليمي سرشتو تيار ڪري عمل ۾ آڻڻ، چرتر نرماڻ ڪرڻ، سماج سڌار ڪرڻ، عام جنتاکي آتمڪ سنديش ڏيڻ، دکي جيون جي سهايتا ڪرڻ جهڙا ڪاريه سندس حياتيءَ جو مُول مقصد هئا. هو گيان، ڀڳتيءَ ۽ ڪرم جو ساکيات سروپ هئو. پراچين يگه جي رشين مُنين جي اَمرواڻيءَ جو هن نه فقط اونهو اڀياس ڪيو، پر اُنهيءَ تي عمل پڻ ڪيو. 'وسُڌئيوَ ڪُٽنبڪم' يعني ساري پرٿوي هڪ ننڍڙي ڪٽنب سمان آهي، سنسار جا سڀيئي پراڻي هڪ پريوار جا ڀاتي آهن. اِنهيءَ جو سنديش هن گهر گهر تائين پهچايو. ساڌو واسواڻيءَ جي لکڻين ۾ نه فقط ڀارت جي وئدڪ درشن شاستر جو تت سمايل آهي، پر جدا جدا پنٿن ۽ ڌرمن، سنتن ۽ مهاتمائن، سڌن ۽ يوگين، صوفين ۽ درويشن جي اَمرواڻيءَ جو سنديش به ڀريو پيو آهي. هتي منهنجو مقصد فقط هن مهاپرش جي سنڌي نثر ۾ يوگدان جي هڪ جهلڪ پيش ڪرڻ آهي.

ساڌو واسواڻيءَ جون آدبي رچنائون انگريزيءَ ۽ سنڌيءَ ۾ شايع ٿيل آهن. هتي منهنجو دائرو فقط سندس سنڌي نثر ۾ رچنائن تي ويچار ڪرڻ تائين محدود آهي. سنڌيءَ ۾ نظم توڙي نثر ۾ سندس ڇپجي ظاهر ٿيل لکڻين جو تعداد اڻترو نه گهٽو آهي، جو هئي ڪنهن به سنڌي ساهتيڪار

آدرش اِنسان بڻائڻ.

(۱) اصلوڪيون رچنائون

هن ورگ ۾ اُهي لکڻيون شامل آهن، جن ۾ سنتن، مهاتمائن، صوفين، درويشن جي جيون چرتر ۽ شڪشائن جو ورڻن ڪيل آهي. مثال طور گيانيشور، تڪارام، پلٽو پيارو، رجب پناڻ، ڪبير، دادو ديال، رامڪرشن پرمهنس، پارت جو پيارو وويڪانند، سوامي رام تيرٿ، سنت سورداس، ميران بائي، چتر شالا (گرو نانڪ ديو جن جو جيون چرتر)، پاگل هريناٿ.

اوتارن ۾ رام، ڪرشن، گوتم، ايشا جي چرتر جي ساڌو واسوانيءَ گهڻي مهما واکاڻي آهي. اِنهن مڙني ۾ شيام سندر گرڌر گوپال جي ليلائن دادا کي خاص طور موهي ڇڏيو آهي.

آتمڪ رهسين تي ساڌو واسوانيءَ جي رچنائن جا ڪجھ مثال آهن:- روحاني زندگي: زندگي ڇا آهي؟ فقيرن جو فرمان، رشين جو آواز، رشين جي روشنيءَ ۾ گرو مهما.

سنڌي لوڪ ڪٿائن جي سورمين ۾ نوريءَ نماڻيءَ کان دادا ايترو تہ متاثر ٿيو آهي، جو پنهنجو تخلص ئي هن رکيو آهي 'نوري'. شاھ لطيف ۽ مارئيءَ جي وطن جي حب کي هن ياد ڪيو آهي تہ ساميءَ جي ويدانتي واڻيءَ کي بہ نہ وساريو آٿائين.

(۲) ڌرمي گرنٿن جا انواد سمجهاڻيون ۽ ٽيڪائون.

دادا ساڌو واسوانيءَ جو ننڍي هوندي کان ئي گيتا ۽ سکمنيءَ سان گهڻو پيار هئو. اِنهن جو هو نت نيم پاٺ ڪندو هئو ۽ اِنهن جي سکيا سمجهائڻ لاءِ باقاعدي ڪلاس

جي نظر سان پرکڻ جو چاهه پيدا ٿيو. لوڪ مانيه تلڪ ۽ مهاتما گانڌيجيءَ ويچھو اچڻ ڪري ديش ڀڳتي، سماج شيوا ۽ اُن دؤر جي راشٽريه چيتنا جي ڀاونائن جو منجھس وڪاس ٿيو. ساڌو واسواڻي، جيون ۾ وڏن عهدن تي ڪم ڪندي به بنيادي طور ويراڳيه ورتيءَ وارو هئو. اِن ڪري ماتا ۽ ڀين گھر وارن جي گھڻي زور بار هوندي به هُن گرھست ڌرم ۾ داخل ٿيڻ جي ڳالھ نہ مڃي. اسڪولي جيون ۾ ئي هئو تہ سندس پتا جو سرڳواس ٿيو. ٿان وري ١٩١٩ع ۾ ماتا جي پرلوڪ پڌارڻ جو ڪيس سخت صدمو پهتو. اِنھيءَ تي هن پرنسپال جي عهدي تان استعفا ڏيئي، پنهنجو سمورو جيون آتمڪ چنتن ۽ سماج شيوا ۾ سمرپڻ ڪري ڇڏيو. اُن وقت کان وٺي ساڌو واسواڻيءَ جي جيون جو ٻيون اڌياءُ شروع ٿيو. اِهو هئو شيوا ۽ بليدان جو اڌياءُ. ساڌو واسواڻيءَ جي لکڻين تي سندس شخصيت جو گھڻي ۾ گھڻو اثر آهي. هن پنهنجي جيون ۽ شخصي آزمودن جو پڻ ذڪر گھڻن هنڌن تي ڪيو آهي.

ساڌو واسواڻيءَ جو سنڌي نثر

دادا ساڌو واسواڻيءَ جون سنڌي نثر ۾ جيڪي رچنائون شايع ٿيل آهن، اُنهن کي اسين هن ريت مکيه ورگن ۾ ورهائي سگھون ٿا:-

(١) آصلوڪيون رچنائون.

(٢) ڌرمي گرنٿن جا انواد، سمجھاڻيون ۽ ٽيڪائون.

(٣) نظماڻي نثر ۾ رچنائون.

اِنهن ٽنهي قسمن جو اُديش آهي. عام لوڪن کي آتمڪ يا روحاني راهه تي وٺي وڃڻ. اُنهن کي گيان، ڀڳتيءَ ۽ ڪرم جو اُپديش ڏيڻ، سندن چرتر جو نرماڻ ڪري ڪين

وينا آهيون ۽ سندس مڪاروند مان نڪتل وچن وينا پڙون.

دادا ساڌو واسواڻيءَ جي نثر جون پيون مکيہ خوبيون آهن-ننڍن ننڍن سادن جملن جو استعمال، عام- فهم لفظن جو پريوگ ۽ گفتگوءِ واري عبارت ڪي ڪتب آڻڻ. هتي ڪجهہ مثال پيش ڪجن ٿا:-

’ڪيترن ڪي خبر ڪانهي تہ ڪجهہ وقت پنهنجي زندگيءَ جو مون ڳوٺن ۾ گذاريو. ڳوٺن سان رليس مليس، ۽ وڏيڪ وڏيڪ منهنجو ساٺن ناتو ٿيو ۽ مان پروڙڻ لڳس تہ اِنهن ڳوٺن ۾ ڪيترا گڻ آهن! شهرين ڪان ڪن ڳالهين ۾ ڪيترو نہ بهتر آهن! اِهي ڳوٺاڻا سادا آهن ۽ نماڻا آهن. اِنهن ڳوٺاڻن ۾ عجيب قرب آهي! اِنهن ۾ پريوءَ جي يادگيري آهہ. ۽ سنتن فقيرن ۾ ۽ سندن ٻاڻيءَ ۾ عجيب صدق آهہ. ڳوٺاڻا ڪيئن نہ شيوا ڪن ٿا! منهنجي تہ عجيب شيوا ڳوٺاڻن ڪئي ۽ منهنجي دل اندر گهڙي ويا.

هڪ ڏينهن جي ڳالهہ آهہ: مان پنڌ ڪندو پيو وڃان. رستي تي ڏسان ٿو تہ ماڻهن جو هڪ ننڍو ميڙ آهہ. سڀيئي پٽ تي وينا آهن ۽ هڪ سوال تي هڪ ٻئي سان وينا گفتگو ڪن. اُهو سوال ڪهڙو؟ سچو عشق ڇا آهي؟ سچو عشق آهہ پيار ۽ سچو عاشق ڪير؟ جو پريوءَ کي ئي پيار ڏئي ٿو...‘ (ڳوٺاڻا: سنت مالا ۴۳۵-۴۳۶؛ سيپٽيمبر ۱۹۵۷)

دادا ساڌو واسواڻيءَ جي سنڌي نثر جي ٻي مکيہ خوبي آهي تہ ڪنهن ڳالهہ تي زور ڏيڻ لاءِ هو لفظن جو ڏهراءُ ٿو ڪري. نہ فقط لفظن جو، پر هڪ ئي ويچار جو جدا جدا ڍنگ سان اظهار ڪرڻ بہ سندس لکڻيءَ ۾ عام طور نظر اچي ٿو. جيئن تہ:

(۱) ’هن گل پاڻ پريوءَ جي چرنن ۾ فنا ڪيو! هن سمجهيو تہ آتم خزاني جي ڪنجي آهہ. ’پاڻ ڪي فنا ڪرڻ.‘ ويئي

به هلائيندو هئو. شريمد ڀڳوت گيتا جو سنڌيءَ ۾ ترجمو، گيتا جي گيان جي سليس ٻوليءَ ۾ سمجهاڻي ۽ اُنهيءَ جي هرهڪ شلوڪ جي وياکيا جيڪا دادا واسواڻيءَ ڪئي آهي، اُنهيءَ کي سنڌي ساهتيه ۾ گهڻي اهميت آهي. ساڌو واسواڻيءَ جي لکيل جپ صاحب جي سمجهاڻي پڻ پڙهڻ ۽ هنڊائڻ وٽان آهي.

(۳) نظماڻي نثر ۾ رچنائون.

انهيءَ جا گهڻا مثال اسان کي 'نوري گرنٿ' ۾ هڪ هنڌ سنگرهه ڪيل ملن ٿا. انهن کان سواءِ دادا واسواڻيءَ سنتن جا جيون چرتر لکندي يا ڌرمي گرنٿن جا انواد ڪندي ڪيترن هنڌن تي نظماڻي نثر واري عبارت اپنائي آهي.

دادا ساڌو واسواڻيءَ جي نثر جون مکيه خاصيتون

دادا ساڌو واسواڻيءَ جي نثر جي مکيه خوبي اِها آهي ته هو سليس ٻولي ٿو لکي ۽ اهڙي عبارت ٿو ڪتب آڻي، جڻ ته پڙهندڙن سان سامهون ويٺو ڳالهيون ڪري. اِنهيءَ ۾ شڪ نه آهي ته زندگيءَ جي آخري دؤر ۾ جڏهن هو پٽي ۾ هئو تڏهن نت نيم ستسنگ ۾ دادا واسواڻي جيڪو پروچن ڪندو هئو، ستسنگين کي جيڪو اُپديش ڏيندو هئو، اُهو گهڻو ڪري، ٽيپ رڪارڊ ڪيو ويندو هئو. پوءِ اُهو 'سنت مالا' ۽ ٻين مخزنن ۾ شايع به ڪيو ويندو هئو. پر هِن ورهاڱي کان اڳ سنڌ ۾ جيڪو سنڌي نثر جو سرجڻ ڪيو آهي، جيڪو هن پاڻ پنهنجي ڪر-ڪمل سان لکيو آهي، اُن جي به عبارت اهڙي قسم جي آهي جڻ ته پاڻ هو ستسنگين کي پيو پروچن ڪري. انهيءَ جي پڙهڻ سان اِئين ٿو محسوس ٿئي ته اسين ساکيات دادا جي سامهون

تو ڪري؟ وري ٻج ڇٽي تو، وري نئين پوک پوکي ٿو! اڇو نئين پوکہ پوکيون!

سوال: ڪيئن؟

جواب: نئين پوک پريم جي! پريم پوکيون! ڦل اِڇا ڦٽي ڪري پريم پوکيون!

(پياري جي پکن ۾ 'سنت مالا' ۲۱۷-۲۱۸؛ سال ۱۹۵٦).

دادا ساڌو واسواڻيءَ نثر جي وچ وچ ۾ اڪثر ننڍا ننڍا بيت، دوھا ۽ نظماڻي نثر جا ٽڪرا ڪتب آندا آھن. اِنھن ۾ ڪجھ اھڙا آھن جيڪي سنتن جي واڻيءَ جا ترجما آھن، ۽ ڪجھ سندس رچيل آھن:-

دادو ديال جي جيون ۽ شڪشا تي لکندي دادا واسواڻيءَ ھڪ ھنڌ دادوءَ جي دوھي جو سنڌيءَ ۾ ھن ريت ترجمو ڪيو آھي:

'نہ چندن آھي سڀ ڪنھن ٻيلي ۾،
نہ موتي ملي ھڪ ھڪ ميلي ۾!
رشي ڪين ڏسنديں، ماڻھن جي ميڙن ۾،
سچو ڀڳت ملڻ مشڪل آہ دنيا جي جھيڙن ۾!'

دادو ديال ھن کي منتر ڏئي ٿو. اُھو منتر کھڙو نہ مٺو آھي:

'ٿيان شال سائين! تنھنجو خدمتگار،
جيون ۾ چمڪي شل تنھنجو اِسرار.'

'ورکہ ھيٺ' سِري واري ھڪ ننڍڙي رچنا دادا واسواڻيءَ جي اِنھيءَ شئلي جو سھڻو مثال آھي:

وڃي وڻ ھيٺ آڪيلو وھان،

پاڻ کي گهٽ ڪندي، ويئي ننڊڙي ٿيندي، ويئي پرارٿنا ڪندي ’فنا‘ ۽ ’فنا‘ ۽ وري ’فنا‘. (ننڊڙو گل- ڳوٺاڻا ڪتاب مان، صفحو ١٢؛ ١٩٥٧).

٢- ’بلڪل سچي ڳالهه- جو پنهنجو ڪم ڪري ٿو، پنهنجو سوڌرم پالي ٿو، پنهنجي فرض تي پورو رهي ٿو، نرمل شيوا ۾ پنهنجي جيون ٻڌي ٿو، اُهو آهه سچو پوڄاري. اُن سپاهي کي پريوءَ جو درشن آهي؛ ۽ سائينءَ جي ساکي اهڙي سپاهي جي جيون ڏئي ٿي، ڏيندي رهي ٿي.‘ ’پريو ڪٿي؟ (ص. ٣٢)

دادا جي لکڻين ۾ اڪثر اسان کي گهڻيئي درشٽانت ملن ٿا. اُنهن ۾ مول مقصد واري ڳالهه کي هو ڳجهو رکندو اچي ٿو ۽ آخر ۾ اُن کي ظاهر ڪري ٿو. اِن ڪري پڙهندڙ يا ٻڌندڙ ۾ جگياسا جي ڀاونا پيدا ٿئي ٿي. هو ايڪاگر چت تي يا هڪ منو تي ڌيان سان پڙهي ٿو يا ٻڌي ٿو. مثال طور:-

’هڪ ڏينهن اوچتوئي اوچتو پياري چيو، ’هي ڇا ٿو ڏسان؟‘

ڪانئس پڇيو ويو، ’سائين! ڇا ٿا ڏسو؟

چيائين ’ڪڪر! ڪارا ڪڪر! باهيون! جنگيون!

ملڪن تي ڪڙڪن ٿيون ڪاهون! ڪلجڳ جي اونده جا آثار!‘

سوال: پوءِ ڇا ڪجي، جو نئين يگه جي اُميد پوري ٿئي؟ اوهان جي دل ۾ نه اچا تائين به دنيا لاءِ اُميد آهه: سا اُميد ڪئن سڦل ٿئي ۽ ڇا ڪجي؟

جواب: ڇا ڪجي؟ ڪڙمي ڇا ٿو ڪري؟ جڏهن ڳڙا اچي ڪرن ٿا ۽ سندس فصل ناس ٿي وڃي ٿو، تڏهن هو ڇا

چڪر کان نٿا ڇٽون. ڇٽڻو آهي تہ ڇڏڻو آهي. پر گيتا جي سکيا اِها ڪانهي تہ ’ڪرم ڇڏيو‘ فقط هيءَ سکيا تہ

’ڦل-اِڇا ڇڏيو، خود مطلبي ڇڏيو، خودي ڇڏيو.‘

اسين هن ديهيءَ ۾ آهيون: تنهن ڪري زندگيءَ ۾ ڪنهن نہ ڪنهن ڪم جي ضرورت آهي. هڪ منٽ بہ اسين ڪنهن نہ ڪنهن ڪم کان آجا ٿي نٿا سگهون. پراڻ چاڙهيون ٿا، پراڻ لاهيون ٿا، اِهو بہ هڪ ڪرم آهي. هيءَ سرير ’ڪرم چڪر‘ ۾ رهي ٿو. فقط هيءَ ڳالهہ، ارجن! ياد ڪر تہ ڪوبہ ڪم ڪرين سو ڪر قربانيءَ جي ڀاوَ ۾. اهڙو ڪرم هڪ يگيہ ٿي پوي ٿو.

قرباني ڇا آهي؟ جيڪي ڪرين سو ايشور جي صدقي ڪر، ايشور کي ارپڻ ڪر. ڦل اِڇا ٿئي ٿي خوديءَ ڪري! خودي ڦٽي ڪر، سڀ ڪم ايشور کي ارپن ڪر تہ ڦل اِڇا پاڻيهي نڪري ويندي. اهڙو ڪرم ’ايشور ارپنم‘ ڪرم، ٿئي.ٿو ’يگيہ،‘ ’قرباني‘ ۽ اهڙو ڪرم ’قربانيءَ جو ڪرم‘، ’يگيہ‘ ڪڏهن ڪين، ارجن توکي ٻنڌڻ ۾ وجهندو.‘

(گيتا: سکيا ۽ سار، سنت مالا اپريل ١٩٦٥)

هتي مان دادا واسواڻيءَ جي انواد-ڪلا تي بہ ڪجهہ روشني وجهندس. سکمنيءَ جو ترجمو جيڪو ساڌو واسواڻيءَ سنڌي نثر ۾ ڪيو آهي، اُهو گهڻو ڪري وياڪيا يا ٽيڪا واري شئليءَ ۾ ڪيل آهي، جيڪو مؤل پاٺ جي تمام ويجهو آهي. اُن ۾ اؤکن لفظن جي معنيٰ بہ جدا ترجمي کان پوءِ ڏنل آهي. ٻئي طرف سندس ڪيل ڀڳوت گيتا جو انواد نظماڻي نثر ۾ آهي. اُن ۾ مؤل سنسڪرت شلوڪن جي فقط ڀاونا کي سنڌيءَ ۾ آندو ويو آهي، جنهن کي ’ڀاوَ-انواد‘ سڏجي ٿو. ڪجهہ مثال هِتِ پيش ڪجن ٿا:-

ويهي وينا وڃايان.
سانت ۾ اِڪ آنءِ ٻڌان:
چند سهٽي ڏي نهاريان!

جيون هڪ وڻ آهي. اِن ورڪ ہ هيٺ وهي ڪير؟ جو اڪيلو ٿئي. جيون جي ورڪ ہ هيٺ وڃي اڪيلو وهان.

اُت ويهي ڇا ڪريان؟ اتم اِڪ بينا: اُن بينا کي چون ’آتما‘ جي بينا، وڻ هيٺ ويهي وڃايان.

ڪير ٻڌي؟ سانت بنا ٻيو ڪير ٻڌي؟ آنءِ پاڻ ٻڌان. ٻيو ڪوبہ اُچي تہ گوڙ شور جي لهر نچي. وڻ هيٺ، سانت ۾، آتم جي بينا آنءِ ٻڌان.

بينا ٻڌان ۽ نيڻ کڻي نهاريان، آسمان ڏي نهاريان. اُت آسمان ۾ پيو چمڪي، چند سهٽو پيو چمڪي: اُن ٻهٽل ڏي پيو نهاريان، پيو نهاريان، پيو اُچاريان:-

’اِڪ تونهين تون، اِڪ تون هين تون! جڏر ديکتا هون اُڏر تونهين تون!‘

هن مثال ۾ روپڪ النڪار جو بہ سهٽو پريوگ ٿيل آهي. جيون جي ڀيٽ وڻ سان ڪيل آهي ۽ آتما جي ڳجهي ڀيٽ بينا سان ٿيل آهي.

دادا واسواڻيءَ اُپنشدن، گيتا، سکمني وغيره ڌرمي گرنٿن جي گنڀير فلاسافي جڏهن سمجهائي آهي، تڏهن پڻ هن سرل سليس ٻوليءَ جو استعمال ڪيو آهي. مثال طور، گيتا ۾ ڪرم جي فلاسافي سمجهائيندي ڏسو تہ هو ڪهڙي نہ سليس سنڌي ٿو ڪتب آڻي:-

’سچي ڪرم مارگ ۾ ڦل اِڇا ڪانهي. ڦل اِڇا رکڻ سان اسين ڪرم جي ڦل ۾ ٻڌجي وڃون ٿا. ڪرم ڦل اِڪ نوڙي ٿي پوي ٿو ۽ اِنهن ٻنڌنن ڪري اسين جنم مرڻ جي

سياڪ طرح اچي وڃن ٿا. اِن هوندي بہ شڪ نہ آهي تہ درويشن جي ڪلام ۾ سهج سڀاءُ سنگيت جو سُر تال موجود هوندو آهي، جيڪو گهڻي قدر تڪ ملائڻ ذريعي پڻ پيدا ٿيندو آهي. اِنهيءَ ڪري اهڙي واٽي سُر سان ڳائي بہ سگهجي ٿي. آهڙين رچنائن کي 'نظماٽو نثر' سڏڻ ئي بهتر آهي.

نثر جا جدا جدا روپ

ساڌو واسواڻيءَ جي نثر وارين رچنائن تي جيڪڏهن سرسري نظر وجهبي تہ معلوم ٿيندو تہ اُنهن جو گهڻي ۾ گهڻو حصو مضمونن جي روپ وارو آهي. اُنهن ۾ بہ جيون چرترن ۽ آڌياتمڪ گرنٿن جي ويچارن جي وياکيا ڪندڙ مضمون جهجهي تعداد ۾ آهن. هن مهاپرش اهڙا ننڍا ننڍا مضمون بہ لکيا آهن، جن کي يادگيرين يا جيون جي آزمودن (Recollections /Experiences) جي ورگ هيٺ رکي سگهجي ٿو. اُنهن کي جيڪڏهين سلسليوار ڳنڍي ترتيب ڏجي تہ اُها ساڌو واسواڻيءَ جي آتم ڪٿا بڻجي پوندي. پر ڪن ٿورن شخص کي ڄاڻ هوندي تہ دادا جن آتمڪ سنديش ڏيڻ جي لحاظ کان ڪجھ اصلوڪيون ڪهاڻيون بہ لکيون آهن. آهڙين ڪهاڻين ۽ درشٽانتن جو هڪڙو ننڍڙو ڪتاب جيڪو مونکي نظر آيو آهي، اُهو آهي 'سڄاتا' (آگسٽ ١٩٦٤). اِنهيءَ ڪتاب جي 'پرستاونا' ۾ ساڌو واسواڻيءَ لکيو آهي:

'پراچين زماني ۾ رشي پنهنجي سکيا ڪيترا دفعا ننڍڙين سندر آکاڻين جي روپ ۾ ڏيندا هئا. اُپنشدن ۾ اهڙيون ڪيتريون ئي آکاڻيون آهن. هڪ هڪ آکاڻيءَ ۾ سندر سکيا سمايل آهي. هن ننڍڙي پستڪ 'سڄاتا' ۾ کي ننڍڙيون آکاڻيون

(۱) گيتا اُڌياءُ ۱۸، شلوڪ ٦٦

सर्व धर्मान्परित्यज्य मामेकं शरणं व्रज।
अहं त्वा सर्ववापेभ्यो मोक्षयिष्यामि माशुच:॥

ڌرمن سڀِن جو ڪري تياڳ، ارجن!
منهنجي شرن آءُ!
تہ پاپن جا بنڌن تنهنجا آنءُ ٽوڙيندس؛
اَچي مڪتي پاءِ.

(۲) گيتا اڌياءُ ۴، شلوڪ ۷

यदा यदा हि धर्मस्य ग्लानि र्भवति भारत।
अभ्युत्थानम धर्मस्य तदात्मानं सृजाम्यहम्॥

ٿئي ڌرم هاڃي، وڌي پاپ سنسار،
تڏهن ضروري وٺان آنءُ اوتار.

(۳) اڌياءُ ۲، شلوڪ ۲۲

वासांसि जीर्णानि यथा विहाय
नवानि गृह्णाति नरोऽपराणि।
तथा शरीराणि विहाय जीर्णानि
अन्यानि संयाति नवानि देही॥

اِنسان جئن نوان ڪپڙا پائي، تو پُراڻا اُتاري،
تئن چڏي ديھ پُراڻي، تو آتم نئين ديھ ڌاري.

دادا ساڌو واسواڻيءَ جون نظماڻي نثر ۾ رچنائون گهڻي تعداد ۾ 'نوري گرنٿ' ۾ سنگرهہ ڪيل آهن. اِنهن ۾ ڪنهن بہ ڇند، وزن- بحر جي ڪابہ پابندي نظر نٿي اچي. حقيقت ۾ ڏسجي تہ سنتن مهاپرشن جي واڻيءَ ۾ ڇند- آلنڪارن جي بنڌن کي جاچڻ ئي نہ گهرجي. اُهي

ڏينهن هوءَ جڏهن اُن جهنگ ۾ گهمي رهي هئي، تڏهن
ٻئي ملڪ جو ڪو راجا شڪار ڪندي پنهنجي نوڪر سان
اچي اُتي پهتو، جتي سُجاتا بيٺي هئي. هو پڻ سُجاتا
جي سونهن ڏسي مٽس اکين چِڪن تي پيو. ڪيس پنهنجي
واقفيت ڏيئي شادي ڪرڻ لاءِ آڇ ڪيائين. پر سُجاتا اُن
کي قبول نہ ڪيو. موقعي جي وجهہ وٺي راجا ڪيس زوريءَ
ڀڄائي پنهنجي مُلڪ ۾ کڻي ويو. اُتي پنهنجي محل اندر
ڪيس قيد ڪري رکيائين. راجا، سُجاتا کي گهڻيئي لب-
لالچون ڏنيون، ڊيڄاريو ڌمڪايو، پر هن راجا سان شاديءَ
ڪرڻ جي آڇ بنهہ نہ قبولي. سُجاتا هر روز پرماتما کي
پيئي پرارٿنا ڪندي هئي تہ هن دشٽ راجا جي ڪوٽ
مان بند آجا ڪر. سُجاتا جي قيد جي جڏهن سندس مامي
راجا دليپ کي جاڻ پيئي تہ هو پنهنجو لشڪر وٺي اُن
دشٽ راجا جي قلعي تي ڪاهي آيو ۽ سندس مُلڪ فتح
ڪري سُجاتا کي آزاد ڪرايائين. هن ٻالڪيءَ زخميلن
سپاهين ۽ دين- دکين جي شيوا ۾ ئي سچو آنند محسوس
ڪيو. اِن طرح ساڌو واسواڻيءَ هن ڪهاڻيءَ ۾ ڏيکاريو آهي
تہ جيڪو ڀڳت سچيءَ دل سان پرماتما کي پڪاري ٿو،
پريو اُنهيءَ جي سهايتا لاءِ اوس اچي ٿو. ڪهاڻيءَ جي
وچ وچ ۾ ساڌو واسواڻيءَ ناٽڪي طرز سان گفتگو بہ ڏني
آهي تہ پنهنجا رچيل گيت بہ استعمال ڪيا آهن.

ساڌو واسواڻيءَ جي نثر جي ٻولي

ساڌو واسواڻيءَ جي نثر جي ٻولي ۽ عبارت تي هن مضمون
۾ اول ڪجهہ روشني وڌي ويئي آهي. هتي اُنهيءَ تي ڪجهہ
وڌيڪ ويچار ڪرڻ ضروري آهي. اِن لحاظ کان مون ساڌو
واسواڻيءَ جي لکيل ننڍڙي پستڪ 'پريات جي پردي ۾'

ڏنل آهن، جن سيني جو آواز هڪ آهه- ’هت مسافر آهيو! وطن وساريو! ديهه ايمان ڇڏيو! آتم شڪتي ڪوليو.‘ شل هن ننڍڙي پستڪ جو آواز ڪن دلين ڪي سجاڳه ڪري!‘

سجاتا نالي آڪاٽيءَ ۾ ساڌو واسواڻيءَ ڏيکاريو آهي تہ ’سجاتا‘ هڪ وڏي واپاريءَ جي سڪيلڌي ڌيءَ آهي. هوءَ نهايت ئي سندر آهي. اُن ڪان وڌيڪ آهي سندس آتما. هڪ ڏينهن ڪو ڌاريو مسافر رات جي وقت سندس گهر جي دروازي تي اچي تو پهچي ۽ رات اُتي گذارڻ لاءِ عرض تو ڪري. سجاتا ڪي اُن مسافر تي ديا اچي تي وڃي. هوءَ پنهنجي پتا کان آگيا وٺي اُن اوپري شخص کي رات پنهنجي گهر ۾ رهڻ تي ڏي. مسافر جي من ۾ ڪا مَدائي آهي. هو سُجاتا جي سونهن ڏسي مٿس موهت تي پوي ٿو. اَڌ رات جو کيس بيهوش ڪري پجائي ڪٽي ٿو وڃي. سُجاتا جڏهن هوش ۾ اچي ٿي تہ پاڻ کي هڪ گهاٽي جهنگل ۾ ڏسي ٿي ۽ سامهون اُهو مسافر بيٺو آهي، جنهن کي هن رات پاڻ وٽ سهارو ڏنو هئو. مسافر سُجاتا سان شادي ڪرڻ چاهي ٿو. پر هوءَ اِها ڳالهه قبول نٿي ڪري. مسافر ساڻس زور زبردستي ڪرڻ ٿو لڳي تہ سُجاتا سچيءَ دل سان پريوءَ کي پڪاري ٿي. پرماتما جيئن دروپديءَ جي لڄ رکي، تيئن سُجاتا جي بہ رڪشا ڪيائين. سُجاتا جي پرارٿنا ٻڌي پرماتما مدد لاءِ اچي پهتو. گهاٽي جهنگل مان هڪ شينهن اچانڪ گجگوڙ ڪندو آيو. هن هڪدم اُن دشٽ مسافر تي حملو ڪري کيس ماري ڇڏيو. پوءِ سندس لاش کي گهليندو واپس جهنگ ۾ هليو ويو. سُجاتا پرماتما جا شڪرانا مڃيا، جنهن کيس هڪ پاپيءَ جي چنبي مان بچايو. ڪجهه سالن بعد اُن علائقي جي راجا اُن واردات واري هنڌ تي سُجاتا جي لاءِ هڪ سندر مندر ٺهرايو، جتي هوءَ رهڻ لڳي ۽ دين دکين جا دک دور ڪندي رهي. هڪ

سنسڪرت:

پاڻ مان تي تون گم،
وڃي ڪر نواس منجھ اگم!
پوءِ وڃائڻ سڀ نوري وڃاءِ،
ستيم، شوم سندرم تون پاءِ! (مئي ۱)

ساڌو واسواڻيءَ جتي گيتا ۽ ٻين سنسڪرت گرنٿن جي وياکيا ڪئي آهي، اُتي هن چڱي تعداد ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ سنسڪرت شبدن جو استعمال به ڪيو آهي. اِنهيءَ ۾ شڪ نہ آهي تہ اؤکن سنسڪرت شبدن جي سمجھاڻي بہ هن ڏني آهي. سندس رچنائن ۾ سنسڪرت لفظ جيڪي ڪتب آيا آهن، اُنهن جا ڪجھ مثال ڏسو: پنج گوندم، آڌي دئوڪ، آڌي پؤتڪ، ايشور آرپڻم. آويڪت، گُهيم، انتهڪرڻ، درشٽي، ويوتي، تتڪال، ايڪاگر چت، پرش-پرڪرتي، يوگ ڪيم، آهم سوهم.

ساڳيءَ طرح شاهہ، سچل، ساميءَ جي اثر هيٺ هن گهڻيئي جهونا سنڌي لفظ تديو يا تتسم روپن ۾ بہ ڪتب آندا آهن. جيئن تہ ستپرڪ، پرتڪ، نريئتا، گرگم، ابناسي، مانکہ جنم، انتڪال، سنگهار (ڪانڌ، پتار)، چپاتا (چپ چاپ)، جم (متان). ’هڪ‘ انگ جي لاءِ هن گهڻو ڪري ’اِڪ‘ روپ جو استعمال ڪيو آهي. جيئن تہ:

’اوهان مان اِڪ اِڪ آهي مارئي؛ آوهان مان اِڪ اِڪ آهي سونهن وارو.‘ سوتر شئلي يعني ٿورن لفظن ۾ گهڻو مطلب ظاهر ڪرڻ، ساڌو واسواڻيءَ جي ٻوليءَ ۽ عبارت جي مکيہ خاصيت آهي.

(جنوري-اپريل ١٩٨١) جو مطالعو ڪيو آهي. اِن ۾ ڪئلينڊر جي تاريخن مطابق اُنهن ويچارن جو سنگرهه ڪيل آهي، جيڪي وقت بہ وقت هن مهاپرش جي من ۾ ايڪانت ويلي پيدا ٿيندا هئا. انهن جي ٻوليءَ ۾ گهڻيئي نراليون خاصيتون سمايل آهن، جن مان مکيہ هتي ڏجن ٿيون:-

(١) ساڌو واسواڻيءَ انگريزي ۽ سنڌيءَ کان سواءِ سنسڪرت، هندي، پنجابي، سرائڪي ٻولين ۾ رچيل سنتن-مهاپرشن جي واڻيءَ جو بہ گهرو اڀياس ڪيو آهي. اِنهيءَ ڪري سندس لکڻيءَ ۾ نہ فقط انهن ٻولين جي دوهن، بيتن، شلوڪن وغيره جا حوالا ملن ٿا، پر انهن ٻولين جي ڪن لفظن ۽ فقرن جو استعمال پڻ سندس سنڌيءَ ۾ ملي ٿو. ڪجهہ مثال ڏسو:

سنڌي هندي:

(١) ڪڻ پراڻ منهنجا، موري پراڻ پتي!

توري چرڻ ڪمل، ٿيان آءٌ ستي! (اپريل ١٧)

(٢) آتم اٿيئي پُل، جنهن تي چڙهي هن ساگر مان پار لنگهي،

امراپُريءَ، جوت کنڊ ۾ آءٌ، ڀائي آئو آئو! مت پياسي جائو! (جنوري ١٢)

سنڌي سرائڪي:

سِڪ رمز وجود وڄاوڻ جي!

سڪہ رمز دل کي ڏنارڻ جي! (اپريل ١٢)

پنجابي:

بي رنگي عشق دا اِسرار، آدم بن کي رنگ رچايا!

اروپ، انادي، سچ کنڊ اڪالي، تدروپ نرنجن 'رام' پڌاريا! (مئي ٩)

لکڻ لاءِ ڏنو. تنهن کان پوءِ واسواڻيءَ جي مضمون ۾ ڪا به
ڀل نه نڪتي. تمام شڌ ۽ صحيح انگريزي هئي ۽ اسٽائيل
ڊاڪٽر آئني بيسنٽ جهڙي هئي. پرنسيپال کي شڪ پيو،
واسواڻيءَ کي سڏايائين ۽ چيائين ته هيءُ مضمون ڊاڪٽر
آئني بيسنٽ جي ڪاپي آهي. واسواڻيءَ کي عجب لڳو
آهستي آهستي همٿ ٻڌي پرنسيپال کي چيائين ته هن
ڪاپي ڪانه ڪئي آهي. ڀل ڪيس وري ٻيو ڪو به مضمون
لکڻ لاءِ ڏنو وڃي ۽ سندس حاضريءَ ۾ هُو اُهو لکندو. پرنسيپال
کي اِها رٿ آئڙي ۽ ڪيس ٻيو مضمون لکڻ لاءِ ڏنائين،
جو سندس حاضريءَ ۾ لکيو ويو.

مضمون تمام عُمدو، بنا ڪنهن چُوڪ، ساڳي اسٽائيل
سان لکيل هو. پرنسيپال تي اُنجو گهرو اثر پيو. ٻئي ڏينهن
ڪلاس ۾ هن چيو ته واسواڻيءَ جو نالو ڊاڪٽر آئني بيسنٽ
کان به وڌيڪ چمڪندو! پرنسيپال هئسڪيٽ جي اِها اڳڪٿي
بلڪل سچي ثابت ٿي آهي. انگريزيءَ ۾ اُن ذات جو اُپيوگ
واسواڻيءَ صحيح طرح ڪيو آهي.

ساڌو واسواڻيءَ کي مئٽرڪ ڪلاس ۾ هڪ بينگالي اُستاد
مليو. اُپاڌيايه برهم بنڌو هو، برهمڻ هو ۽ اُن وٽان سڀ
کان پهرين ڪيس اُپنشدن جي ڄاڻ ملي. ايشو اُپنشد جو
پهريون سلوڪ هن ڪلاس ۾ پڙهيو: 'ايشاوَسيم اِدم سَروَنم...'
يعني هيءَ سڄي سرشٽي ايشور جو لباس آهي! هن سنسڪرت
۾ سڄو اُپنشد اصل ۾ پڙهڻ چاهيو ۽ سنسڪرت سکيو سڄو
اُپنشد پڙهيائين ۽ اُن بعد ٻين اُپنشدن جو به اڀياس ڪيائين.
اُنهن ۾ ڏنل سچ جو مٿس گهرو اثر پيو ۽ اڳتي هلي،
پنهنجي انگريزي ڪتابن ۾ اُنهن جا گهڻا حوالا ڏنا اٿس.

بي اي امتحان ۾ انگريزي وشيه ۾ سڄي بمبئي

ساڌو ٽي-ايل-واسواڻيءَ جو انگريزيءَ ۾ يوگدان

ڊاڪٽر آر.ايم. گوڌواڻي

ساڌو ٽي-ايل-واسواڻي هڪ انوکي شخصيت هئا. هو نہ صرف درويش، شاعر ۽ فيلسوف سنت هئا پر اُن سان گڏ اعليٰ ودوان تعليمدان، سماج سڌارڪ، روحاني رهبر، دکين جا دوست ۽ مسڪينن جا متر هئا. منڍڙيءَ سنڌي ٻوليءَ ۾ سندن بيشمار ساهتيہ آهي، پر انگريزيءَ ۾ ھننجي برابري ڪو ورلو ڪري سگهندو. خاص ڪري هن دنيا جي سنتن ۽ مهاپرشن جي جيونين جو اُتاه خزانو ڏنو آهي. انگريزيءَ ۾ سندن سو کان مٿي ڪتاب ڇپيل آهن ۽ سوين ليک لکيل آهن، جن جي اونهي معنيٰ ۽ درشن سچي مانو جاتيءَ لاءِ روشن منار آهن.

ساڌو واسواڻي ننڍي هوندي کان نرالو ٻار هو. هو هوشيار ۽ آدرش وديارٿي هو ۽ کيس سيني سنتن ستپرکن لاءِ شرڌا هئي. سڪول ۾ هڪ دفعي ڊاڪٽر ائني بيسنت کي ٻڌائين، هو هندو ڌرم جي رهسيہ بابت ڳالهائي رهي هئي. سندس اکرن ۾ جادو هو. هن کان اڳ، ڪنهن بہ غير هندوءَ کي هندو شاسترن جي اونهائيءَ بابت اُن طرح ڳالهائيندو ڪين ٻڌو هئائين ۽ کيس عجيب پريڻا ملي. ائني بيسنت چيو تہ کيس اُن ڏينهن جو انتظار آهي جڏهين ڪو هندو، پشچم ۾ ڀارت جي پراچين روحاني ۽ آتمڪ سنديشو ڦهلائيندو سندس اکر واسواڻي ٻالڪ جي اندر گهڙي ويا ۽ من ۾ سنڪلپ ڪيائين تہ وڏو ٿي هو اِهو ڪم ضرور ڪندو.

انگريزيءَ ۾ ساڌو واسواڻي تمام هوشيار هو. هڪ دفعي پرنسيپال هئسڪيٽ ڪلاس ۾ وديارٿين کي هڪ مضمون

بول...' جي ڌن مچائي هئي. اُتيئي کيس ڪيشب چندرسين جو پائٽيو شري پروموٿلال سين گڏيو، جنهنکي شري نالودا ڪري سڏيندا هئا. سندس پريم جي هڪ ئي نظر واسواڻيءَ کي نهال ڪري ڇڏيو! کيس پنهنجو آتمڪ گرو ملي ويو! ڪلڪتي ۾ هو ۵ سال رهيو جتي ٽئگور، تلڪ، گوکلي ۽ مهاتما گانڌي جهڙن ستارن جي سنگ ۾ آيو ۽ رڱجي ويو! پنهنجي گروءَ جي صلاح سان هو واپس ڪراچيءَ ۾ آيو ۽ ڊي جي سنڌ ڪاليج ۾ فيلسوفيءَ جو پروفيسر ٿيو. هيءَ نوجوان پروفيسر ودیارٿين ۾ ڏاڍو پيارو هو. شام جو گيتا ۽ سُکمني جا ڪلاس هلائيندو هو ۽ ڪيترن پياسي دلين کي پريوءَ جي راھ ڏانهن ڇڪيائين.

هي صاحب سن ۱۹۱۰ع ۾ برلن جرمنيءَ ۾ وشوَ ڌرم سميلن ورلڊ ڪانگريس آف رليجنس ۾ ڀارت جي عيوضيءَ طور شريڪ ٿيو. ساڳئي قسم جي ڪانفرنس ۱۷ سال اڳ ۾، يو ايس اي جي چڪاگو شهر ۾ ٿي هئي، جتي سوامي وويڪانند ڀارت جو آتمڪ سنديش ڏنو هو. سندس تقرير ۾ تاثير هو ۽ اُتي هن جيڪي مثال ۽ حوالا ڏنا، اُنهن مان سندس اونهي اڀياس جي خبر پوي ٿي. هنجو پستڪ

'The massage of modern India.'

پرڪاشت ٿيو. اُن ۾ دنيا جي انيڪ ڌارمڪ فيلسوفين جو اڀياس ڪيل آهي. هن پنهنجي تقرير جي شروعات ويدن جي پرارٿنا سان ڪئي، 'تمسوما جيو تر گميہ'... يعني اونده مان ڪڍي تون اسانکي روشنيءَ ۾ آڻ. هن پنهنجي تقرير ۾ ويدن، اُپنشدن ۽ گيتا مان حوالا ڏنا ۽ ڏيکاريو تہ سيني ڌرمن ۾ هڪ ئي روشني چمڪي ٿي. هن چيو تہ پشچم ۾ وگيان ۽ ٽيڪنالاجي گهڻو واڌارو ڪيو آهي، پر ڀارت وٽ پراچين رشين منين جو اٿاھ آتمڪ خزانو

يونيورسٽيءَ ۾ اول نمبر آيو ڪيس ايلس اسڪالرشپ عطا ٿي. سندس قابليت سبب ڪيس ڪراچيءَ ۾ ليڪچرار مقرر ڪيو ويو. ٻن سالن ۾ هن ايم اي جي ڊگري بہ حاصل ڪئي. ڪيس ڳالهائڻ جي عجيب ڏات هئي. ڪراچيءَ ۾ برهمو سماج وارا ڪيس وقت بہ وقت نينڊ ڏيندا هئا ۽ سندس ليڪچر ڪيترن کي منتر مُگڌ ڪندا هئا.

دادا واسواڻي پنهنجو گهڻو وقت ايڪانت ۾ گذاريندو هو ۽ جدا جدا ڌرمي گرنٿن جو ابياس ڪندو هو. هن گيتا، بائيبل ۽ قرآن جو ابياس ڪيو. سندس ياءُ پهلاجراءِ پارسيءَ جو ودوان هو. هن اِسلام جو بہ ابهياس ڪيو، فارسي ودوانن ۽ سنڌ جي صوفي سنتن جهڙوڪ شاه صاحب، سچل سرمست، سامي ۽ ٻين بہ درويشن جون جيونيون پڙهيائين- سندس ويچار شڪتي ويئي ڳُلندي ۽ ننڍيءَ عمر ۾ ئي رچي راس ٿيو. ڪيس سڀني ڌرمن، گرنٿن ۽ مهاپرشن ۾ هڪ ئي جوت نظر آئي:

’جڌر ديکتا هون، اُڌر تون ئي تون هئہ،

ڪِ هرشيءَ ۾ جلوا، تيرا هو بهو هئہ.‘

اُنهن ڏينهن ۾ مسافريءَ جون ايڏيون سهوليتون ڪونہ هيون. پر هڪ ياتريءَ جي پاڙ ۾، هو ڪراچيءَ کان بہ هزار ڪلو ميٽر پري ڪلڪتي جي ميٽروپوليٽن ڪاليج ۾ اتهاس ۽ فيلسوفيءَ جو پروفيسر ٿيو. ٿوري وقت ۾ اُتي هو ڪافي مشهور ٿي ويو. اُتي وجي رام ڪرشن پرم هنس، برهمو سماج جي اڳوان ڪيشب چندرسين ۽ سوامي وويڪانند بابت گهڻي ڄاڻ حاصل ڪيائين، پر اُهي نئي اُن وقت حيات ڪين هئا. هو شري چيتنيہ مهاپربوءَ جي ستسنگي ٽولين سان بہ گڏيو، جن سڄي بنگال ۾ ’هريءَ بول، هري

سپ مشهوري منجهس ايمان پئدا ڪندي. اُهو سچو فائيل سمنڊ ۾ ڦٽي ڪري ڇڏيائين!

هنجي انوکي شخصيت سبب سنہ ١٩١٢ع ۾ ڪيس لاهور ۾ ديالسنگھ ڪاليج جو پرنسپال مقرر ڪيو ويو، جيڪو عهدو ڪنهن هندستانيءَ کي مشڪل ملندو هو. اُتي هن سکہ گُرن جو اڀياس ڪيو، سندن عجيب قربانين بابت پڙهيو ۽ انگريزيءَ ۾ ڏزن کن ڪتاب لکيائين جهڙوڪ:

A PROPHET OF THE PEOPLE: GURU NANAK:
GURU NANAK: GOD INTOXICATED
GURU GOBIND SINGH
GLEANINGS FROM THE GURBANI

سنڌي ساهتيہ صوفي سپيتا سان مالا مال آهي. ۽ اُنجو اثر واسواڻيءَ جي انگريزي ساهتيہ ۾ صاف نظر اچي ٿو-واسواڻي سنڌ جي ٥ رتنن جو ذڪر ڪري ٿو:

(١) شاه عبداللطيف جنهنکي هوُ سنڌ جو بي تاج بادشاه ۽ دنيا جي سرو سريشٽ ڪوين مان هڪ ڳڻي ٿو. هنجون ڪافيون ۽ شعر اڄ بہ ڪيترن هندو گهرن ۽ مندرن ۾ ڳايون وينديون آهن. (٢) سامي صاحب، جنهن جي شلوڪن ۾ ويدن جا ويچار ۽ گيان جا رهسيہ سمايل آهن.

(٣) سچل سرمست، جو خدائي نور ۾ رڱيل هو ۽ جنهن چيو تہ اندر وڃو، اندر ڳوليو، خدا توهانکي اندر ملندو.

(٤) بيدل (٥) بيڪس ا وائز فرام دِ ڊيزرٽ' پستڪ ۾ اُنهن سيني جو ذڪر آهي. واسواڻي سندن ڪيترائي شلوڪ ۽ ڪويتائون انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيا آهن ۽ اُنهن جي معنيٰ سمجهائي آهي. صوفي سنت مڃيندا هئا تہ انسان آهي هڪ ياتري يا مسافر ۽ هنجو اصولوڪي وطن آهي الله 'فرينڊس آف گاڊ' ۾ واسواڻي ليکيلو تہ اسانجا

آهي، جنهنجي دنيا کي سخت ضرورت آهي. هن سيني ڌرمن جي هڪ برادري شروع ڪرڻ جي رٿ ڏني. سندس ڪليل ويچارن ۽ آتمڪ سنديشي جو ٻڌندڙن تي گهرو اثر پيو. جرمنيءَ مان هوُ فرانس ۽ انگلنڊ ويو. 'يورپ کي کهڙي ضرورت آهي'، اُن وشيہ تي انيڪ ليڪچر ڏنائين. هن چيو تہ يورپ صرف پوتڪواد ۽ طاقت پٺيان ڊڪي رهيو آهي ۽ اُن ڪري دکي آهي. ڪين پيار ۽ سادگيءَ جي راه تي موٽڻ کپي.

برلن ۾ هن ليڪچر ڏنا، جن جو وشيہ هو: 'آتنڪ جڳت اشانت ۾ پارت جي اهميت' هن چيو تہ پشچم جي سائينس ٽيڪنالاجي ۽ يورپ جي رشين جو گيان ۽ سوجهہ، ٻنهي جو ميلاپ ضروري آهي.

'واءِ اِنڊيا لوسِ' پستڪ ۾ هن لکيو تہ پارت ۾ ڪيترائي ڌرم اچي ڪٺا ٿيا آهن. شال هندستان 'ڌرمن ۾ سهڪاري هلچل' جي شروعات ڪري! شال پارت ۾ اهڙا مندر ٺهن جن ۾ جدا جدا ڌرمن لاءِ الڳہ الڳہ وڀاڳہ هجن! اُهو ڏينهن سڀاڳو ٿيندو، جڏهين سڀ گڏجي هڪ ئي شڪتيءَ کي مڃيندا، مانوتا جي شيوا ڪندا، ڪين سيني ڌرمن ۾ هڪ ئي جوت نظر ايندي.

ساڌو واسواڻيءَ کي ڪيترن هنڌان نينڊون آيون ۽ ۴ مهنا ڪن اُتي رهي پيو. اڪثر ليڪچر ڪانپوءِ ڪائنس سوال پڇيا ويندا هئا جن جا هو صحيح جواب ڏيندو هو. سندس سياڻپ ۽ حقيقتن ڪان ڪيترائي متاثر ٿيا. ڪيترا ڪيس پارت جي رشين منين جو عيوضي ليکڻ لڳا.

يورپ جي اخبارن واسواڻيءَ جا ليک ۽ فوٽا ڏاڍي شدمد سان ڇپيا هئا. موٽندي جهاز ۾ ڪيس خيال آيو تہ هيءَ

تہ اِسهڪار هلچل هڪ بنا رتوڇاڻ، سرڪار خلاف اخلاقي لڙائي آهي. هرهڪ ستياگرهيءَ کي اخلاقي سپاهي ٿيڻ کپي.

ساڌو واسوانيءَ جي جيون جو گهڻو حصو تعليمي ڪيتر ۾ گذريو. انيڪ پروتين ۾ مشغول رهندي بہ هن اڪيچار ساهتيہ لکيو ۽ هزارين ليڪچر ڏنا. سندس عقيدو هو تہ قوم جو سڀ کان قيمتي خزانو آهن ٻار. نئون ڀارت پارليامينٽ يا اسيمبلين ۾ نہ، پر اسڪولن ۾ اڏجندو. اُن وقت جي تعليمي سرشتي ۾ شايد ٻڌي تيز ٿئي ٿي ۽ روزگار حاصل ڪرڻ ۾ مدد ملي ٿي، پر روحاني روشني بلڪل ڪونهي. ڀارت جي پراچين رشين وانگر ساڌو واسوانيءَ کي اونهي سوجهہ هئي. وديا صرف دماغ کي تيز ڪرڻ لاءِ نہ، پر دل، دماغ، سرير ۽ آتما، اِنسان جي سموري وڪاس جو ساڌن ٿيڻ کپي. پوتڪواد دنيا جي کهڙي حالت ڪئي آهي ۽ چوڌاري هنسا، لڙايون، فساد، جهيڙا، خون خرابي ۽ آتنڪواد آهي، جنهن مانوتا جي هستيءَ لاءِ خطرو پئدا ڪري ڇڏيو آهي.

ساڌو واسواڻي جي انگريزي پستڪن:

The CALL OF NEW EDUCATION
THE CALL OF MIRA EDUCATION

۽ مان خبر پوي ٿي تہ واسوانيءَ دنيا جي جدا جدا تعليمي سرشتن جو اونهو اڀياس ڪيو آهي. انگلنڊ جي مشهور تعليمدان THRING Anli نئون تعليمي تجربو ڪيو، جنهن جو اُصول آهي: ٻار لاءِ عزت.

RESPECT FOR THE CHILD

ڊاڪٽر مانٽيسوري جنهنجي هلچل يورپ ۽ آمريڪا ۾ ڪافي مشهور ٿي اُنجو عقيدو هو تہ ٻارن ۾ جيون شڪتي

روح آهن پياسي، جيسين اُهي ايشور سان نتا ملن. واسواڻيءَ جو خيال آهي تہ صوفي مت جو جنم هندو ۽ مسلم سيتائن جي ميلاپ جو نتيجو آهي. شايد اِهو ئي ڪارڻ آهي جو گرونانڪ جو سڀ کان پيارو شش هڪ مسلمان گائڪ مردانو هو. گرو گرنٿ صاحب ۾ بہ ڪن مسلم درويشن جي ٻاڻي چڙهيل آهي.

سنہ ١٩١٩ ۾ ساڌو واسواڻي پٽيالا ڪاليج جو پرنسيپال هو، جڏهين کيس ماتا جي بيماريءَ جي تار ملي. هو يڪدم ڪراچيءَ پهتو. ڪجهہ ڏينهن بعد ماتا چالاڻو ڪيو. سندس ڪريا ڪرم ڪرڻ بعد هن پرنسيپال جي پد تان تار رستي استيفا ڏياري موڪلي. پرماتما جو پيغام ڏيڻ لاءِ سنساري ناتن کان پاڻ کي آزاد ڪيائون.

سن ١٩٢٠ع ۾ مهاتما گانڌيءَ ستياگره هلچل جي شروعات ڪئي - ساڌو واسواڻيءَ ڪيترائي ڪرانتيڪاري ليکہ لکي کيس سهڪار ڏنو. مدراس کان شايع ٿيندڙ 'نيو ٽائيمس' ۾ سندس ليکہ ظاهر ٿيا. مدراس جي هڪ پرائيويٽ پبلشر گٽيش ائنڊ ڪو' واسواڻيءَ جا ٤٠ ڪن ليکہ انگريزي پستڪن جي روپ ۾ ڇپيا، جهڙوڪ:

1. INDIA ARISEN,AWAKE. 2. YOUNG INDIA.
3. INDIA IN CHAINS. 4. MY MOTHER LAND.

اِهي ڪتاب ديش ڀڳتيءَ سان ڀرپور هئا، انهن پستڪن نوجوانن ۾ نئون اُمنگ جاڳايو. اُن وقت جي انگريز سرڪار ڪيترائي ڪتاب ضبط ڪري ڇڏيا! اُن وقت احمدآباد مان YOUNG INDIA نالي انگريزي اخبار نڪرندي هئي، جنهنجو ايڊيٽر مهاتما گانڌي هو. اُنجي ڀهرئين انڪ ۾ ڀهرئين صفحي تي پروفيسر ٽي- ايل- واسواڻيءَ جو ليک PHILOSOHY OF WAR ڇپيل هو، جنهن ۾ واسواڻيءَ ڏيکاريو

انگريزيءَ ۾ انواد ڪيا آهن ۽ ميران جي سادگي، ڀڳتي، تياڳ، پريم ۽ نريئتا جي گڻن کي جيون ۾ اپنائڻ تي زور ڏنو آهي. ميران، راڄ گهراڻي جي تي ڪري ڪرشن پريم ۾ متوالي تي هڪ جوڳڻ بڻي، سندس ڪرانتي ۽ همٿ ساراهڻ جوڳا آهن. واسواڻيءَ کي به استري شڪتيءَ ۾ وڏو وشواس هو. هن نارين جا سميلن سڏايا ۽ سڪي ستسنگ شروع ڪيائون. هن چيو ته استري شڪتي ئي اسانکي اڳتي وٺي هلندي.

THE WOMAN SOUL SHALL LEAD US ONWARD!

AWAKENERS OF HUMANITY ڪتاب ۾ ساڌو واسواڻيءَ شري ڪرشن، رام، گوتم ٻڌ، ڀڳوان مهاوير، گرونانڪ سنت تڪارام، شري چئتنيه مهاپربو، دادو ديال، شري شنڪر آچاريه، شانتي ديو، ميران، گرو گوبند سنگهه، رشي ديانند، سري رام ڪرشن پرمهنس وغيره جا جيون چرتر چٽيا آهن. ساڳئي پستڪ ۾ بين ڌرمن جي مهاپرشن جهڙو ڪرائيسٽ، زوراشترا، محمد پيغمبر، سنت فرانسز سنتياڻي رابيا، فادر ڊيمن، ڊاڪٽر سڪوزر، باب ۽ ڪاگوجا به جيون چرتر ڏنل آهن. واسواڻيءَ ڏيکاريو آهي ته هيءَ سڀ مانوتا کي سُجاڳ ڪندڙ، پريوءَ جا پيغمبر آهن. هوُ زنده شڪتيون آهن، هڪ ئي روحاني پريوار جا آهن ۽ اڄ به اسانکي پريڻا ڏين ٿا. سندس عقيدو هو ته وديارٿين کي اُهي جيونيون پڙهڻ کپن.

دنيا جي سنتن ۽ مهاپرشن جهڙوڪ جيجس ڪرائيٽس، ٽالسٽاءِ، گوتم ٻڌ، گرونانڪ ۽ سري رام ڪرشن پرمهنس ڪيتريون ئي سوليون،ساديون ۽ سکيا آميز آکاڻيون لکيون آهن جي دل ۽ دماغ تي گهرو اثر ڪن ٿيون. ساڌو واسواڻيءَ به ڪيتريون ڌارمڪ ۽ روحاني ڳالهيون آکاڻين ۾ سمجهايون آهن، جي دل ڇُهندڙ آهن.

۽ ويڪتي گت گڻن جو پورو پورو وڪاس ٿيڻ کپي- ساڌو واسواڻيءَ به چيو ته تعليم انسان کي اڏيندڙ ۽ قوم کي ٺاهيندڙ هئڻ کپي.

A MAN MAKING AND A NATION BUILDING EDUCATION.

هوُ هڪ ڪرم يوگي هو. جيئن گروديو ٽئگور شانتينڪيتن برپا ڪيو، ساڌو واسواڻيءَ حيدرآباد سنڌ ۾ ۴ جون ۱۹۳۳ع ۾ 'ميران وديا هلچل'

MIRE MOVEMENT OF EDUCATION

جو پايو وڌو- سوامي وويڪانند چيو ته چرتر ئي آتمڪ ساڌنا آهي:

CHARACTER IS SPIRITUALITY

ساڌو واسواڻيءَ به وديارٿين ۾ ويرتا، ساهس، سوديشي ۽ چرتر نرماڻ تي زور ڏنو جيئن جيون ۾ ستيم، شوم ۽ سُندرم جو ساکياتڪار ٿئي. گروديو ٽئگور ۽ ساڌو واسواڻيءَ ڀنهي ڀارت ۾ قومي تعليم آڻڻ لاءِ اڳواڻي ڪئي آهي ۽ ڀارت مٿان لارڊ مئڪالي جي ٺوڪيل تعليمي سرشتي کي بدلايو آهي. ٻئي هن يُگ جا اعليٰ فيلسوف ڪوي هئا ۽ سندن ڪويتائون مشهور انگريزي ڪوي شئلي، بائرن، ڪيٽس ۽ ورڊسورٿ سان ڀيٽي سگهجن ٿيون. سن ۱۹۱۳ع ۾ ٽئگور کي 'گيتانجلي' لاءِ ساهتيه ۾ نوبل پرائيز مليو. ساڌو واسواڻيءَ جو نوري گرنٿ به مانو جاتي لاءِ انمول خزانو آهي ۽ ڪنهن به هڪ ڪويءَ جو ايڏو آتاه ڪاويه سنگره دنيا جي ساهتيه ۾ مشڪل ملندو. سندس ڪاويه ۾ اونهي معنيٰ ۽ اُڪير آهي، آتما جي پرتما لاءِ لوچ آهي ۽ منجهائن ڪيترا گيت سُرن سان ڳايا ويندا آهن.

دادا واسواڻيءَ ٻالڪين اڳيان ميران سنتياڻيءَ جو آدرش رکيو. SAINT MIRA پُستڪ ۾ هن ميران جا ڪيترا پچن

(۱) وويڪ يا سُجاڳي تہ اسين ڪير آهيون. اسين هي چَم جو چولو ڪين آهيون، پاڻڪي سرير سمجهي وينا آهيون اِها آسانجي ڀُل آهي.

(۲) ساڌنا يا SELF -DISCIPLINE، جنهن ۾ اسانکي پنهنجا ويچار- ڪرم ۽ اِڇائون پوتر رکڻيون آهن.

(۳) انيو يا ڄاڻ تہ ايشور هرهميشه اسان سان ساڻ آهي.

(۴) شرڌا ۽ ايشور جيڪي بہ ڪري ٿو، اُن ۾ اسانجو ڀلو آهي.

(۵) وستر هرڻ- ايمان تياڳيون ۽ سڀ ڪجھ ارپڻ ڪريون پريوءَ جي ڪمل قرمن ۾.

(٦) تياڳ ۽ تپسيا-

اُن بعد سمپورڻ شانتيءَ جو انڀوَ ٿئي ٿو ۽ انسان ڪرم جي بنڌن کان آجو ٿي، ايشور جو اوزار ٿي پوي ٿو. اِهائي آهي جيون مُڪتي.

سوامي وويڪانند، ٽئگور ۽ مهاتما گانڌيءَ وانگر، واسواڻيءَ بہ خالق ڏٺو خلق ۾ ۽ چيو تہ غريبن جي شيوا ئي پريوءَ جي سچي پوڄا آهي. سندس انگريزي پستڪن.

THE GREAT SOULED GANDHI,
GANDHI - THE MAN OF THE AGES.

۾ مهاتما گانڌيءَ تي ڏنل سندس انيڪ ليڪچر ڪٺا ڪيا ويا آهن. ستيہ ۽ اهنسا جي پوڄاري مهاتما گانڌيءَ جي جيون مان اسانکي هميشه پريڻا ملندي رهندي.

ساڌو واسواڻيءَ جي لکڻين ۾ انيڪ سُندر ويچار ڪئپسولس آف وِزڊم ملن ٿا. انگريزي ساهتيہ ۾ هنجو سڀ کان اوچو يوگدان آهي جو هن گيتا، گرباڻي ۽ سنت باڻيءَ جو ڪجھ حصو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي. فري استائيل ۾ ترجمو

THE TEMPLE WITH THE GOLDEN DOME
A BOY IN QUEST OF GOD AND OTHER STORIES
۾ سنتن ۽ درويشن جي جيون جا انيڪ پرسنگ ڏنل
آهن. ساڌو واسواڻي مشن طرفان EAST and WEST SERIES
۽ MIRA انگريزيءَ ۾ ماهوار مئگزنس شايع ٿينديون آهن.
جن ۾ وقت به وقت ڏنل آڪاڻيون نه صرف ٻارن کي پر
وڏن کي به گهڻو ڪجهه سيکارين ٿيون. سنڌيءَ ۾ به سنت
مالا ۾ ۽ ننڍن پُستڪن ۾ سنتن جا انيڪ پرسنگ ڏنل
آهن جو سنڌي ساهتيه ۾ ساڌو واسواڻيءَ جو انمول يوگدان
آهي، THE GARLAND OF LETTERS ۾ سندس سهڻا سکيا
آميز ليکه ڇپيا ويا آهن. THE RISHI ڪتاب ۾ هن نئين
ترڪيب جو اُپيوگ ڪيو آهي. اُهو ڪتاب سنه ١٩٦٨ع ۾
پهرين ايسٽ ائنڊويسٽ سيريز ۾ ڇپيو ويو ۽ سنه ١٩٧٥ع
۾ ڀارتيه وديا ڀون بمبئي طرفان ڇپايو ويو ۽ سنه ١٩٨٠ع
۾ سندس ٻيو ڇاپو به پرڪاشت ٿيو. هن ۾ هڪ رشيءَ
جي مُک مان روحاني رهيسن جو پتو پوي ٿو. پڙهندڙ ڄڻ
نه رشيءَ جي قدمن ۾ ويٺو آهي ۽ سندس مکاروند سان
جيون جا رهسيه ۽ سچائي ٻڌي رهيو آهي. گويا اُهو رشي
واسواڻي پاڻ آهي، ۽ جيون پٿ تي هلندڙ مسافرن کي
اونهن رهسين سان مالا مال ڪري ٿو.

هيءَ زندگي پريوءَ جي انمول سوغات آهي ۽ پريوءَ جون
سوغاتون تمام سُندر ۽ اڏيت آهن. ساڌو واسواڻيءَ جا انگريزي
پستڪ جهڙوڪ:

THE WISDOM OF THE RISHIS,
KINDLE THE LIGHT, ALL LIFE IS SACRED
۾ شري واسواڻيءَ جي فيلسوفي ۽ مانوتا جي آتمڪ ايڪتا
جا ويچار ڏنل آهن. KINDLE THE LIGHT انگريزي پُستڪ
۾ اُپنشد ۾ ڏنل، مُڪتيءَ لاءِ ڇهه سولا ساڌن ڏسيا آهن.

هن ڌرتيءَ تي ڏکندڙ دکي دريدر نارائڻ جي شيوا ۾ خرچ ڪيو.'

شري واسوانيءَ جي ڪجھ ڪتابن جو ترجمو جرمن، اندونيشن، سپئنش ۽ ڪن ٻين ڀاشائن ۾ ٿيو آهي. هوُ ايڪتا جو اوتار هو، جنهن اچي آواز اُٿاريو تہ 'اي ڌرتيءَ جا ٻالڪو، توهان سڀ هڪ آهيو.

CHILDREN OF THE EARTH, YE ALL ARE ONE!

سندس پستڪ 'آل لائيف اِز سئڪريڊ' جو دنيا جي ڪيترن ڀاشائن ۾ ترجمو ٿيو آهي. هن چيو تہ جانورن کي نہ ماريو، پر پنهنجي اندر جي جانور اهم ڀاونا کي ختم ڪريو. سچو ڌرم آهي ديا جو ڌرم هن چيو،

RELIGION! LET US TALK OF IT LESS, PRACTICE MORE.

واسوانيءَ انگريزي نثر جو بہ وڏو خزانو خلقيو آهي. سندس انگريزي ڪويتا جا عمدا سنگره آهن جن ۾ آتما جي پرماتما لاءِ تڙپ نظر اچي ٿي.

ميران مئگزن جو سمپادڪ ۽ اُن وقت ساڌو واسواني مشن جو بزرگ چيئرمن دادا گنگارام ساجنداس پڻ هڪ لاثاني سپاهي هو، جنهن واسوانيءَ جي ميران هلچل جو سپنو ساڪار ڪيو. ميران سڪولن ۽ ڪاليج مان هر سال هزارين وديارٿي آدرشي وديا وٺي نڪرن ٿا ۽ ديش ۽ دنيا جا سنا ناگرڪ ثابت ٿين ٿا. هن ميران پبليڪيشن طرفان ساڌو واسوانيءَ جو سندر ساهتيہ سڄي دنيا ۾ ڦهلايو آهي.

ساڌو واسوانيءَ پورب ۽ پشچم جي وچ ۾ هڪ پُل اڏي جنهنکي

Vaswani's Bridge of Brotherhood.

چيو وڃي ٿو. سندس ياڻتي ۽ پڳتياڻي ما هري ديوي

ڪيل سندس ڪويتائون نظر ۽ نثر جو ميلاپ آهن ۽ ڪيتريون ڪويتائون اصل ڪان به گوءِ ڪٺي وڃن ٿيون. گيتا جو هن تي ڏاڍو پرڀاو ٿيو. گيتا ۽ سري ڪرشن تي انڪل ٣٣ انگريزي پُستڪ هن لکيا جن ۾ دِ هارٽ آف گيتا ۽ گيتا ميڊيٽيشنس مکيه رچنائون آهن. سندس عقيدو هو ته گيتا دنيا جو شاستر آهي ۽ سڄيءَ دنيا لاءِ اُن ۾ پيغام آهي. گيتا تي ساڌو واسوانيءَ جا لکيل سڀ ليک ليڪچر ۽ پستڪ ڪٺا ڪيا وڃن ته گيتا تي هڪ سندر 'Emeyelopedia' تيار ٿي وڃي!

اُن ڪان سواءِ هن سنت رويداس، چئتنيه، تڪارام، ميران وغيره جون به انيڪ ڪوتائون ترجمو ڪيون آهن. مهاتما گانڌيءَ جو سڀ ڪان پيارو گيت: 'وئشنو جن تو تيني ڪهيئي جي پيڙ پرائي جاني ري...' کي به انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري، ساهتيه کي مالا مال ڪيو اٿس.

ساڌو واسوانيءَ جي ساهتيه ۾ ٻن ڳالهين تي خاص زور آهي:-

(١) سيني ۾ هڪ ئي جيون آهي سڀ انسان، پکي، جانور، سڀ جيو آهن پرڀوءَ جا ٻار اُنهن تي ديا ڪريو.

(٢) ڀڳيه جو پوتر وچار اي انسان، پنهنجي جيون ٻڌ قربانيءَ ۾، دل ۾ پريم جو چشمو ڪول ۽ سيني کي ڏي پريم پيار.

ساڌو واسواني ڪِرانتيڪاري ليکڪ هو. چيائين، 'مونکي مڪتي کپي ڪين، ڀل مان وري وري جنم وٺان ۽ اچي دکي لوڪن جي شيوا ڪريان.' هن لکيو: 'مندرن ۾ ڀڳوان جون ڪيتريون نه سونيون مورتون! جي هنجي سچي پوڄا ڪرڻ چاهيو ته وڃي اُن سون کي ڳاريو، اُهو سمورو سون

ساڌوُ ٽي. ايل. واسواڻيءَ جي نظم جا ڪي پهلوُ

سينتل مينگهاڻي

سنتن جي سڪيائن ۽ فقيرن جي فڪرن ۽ ذڪرن نثر توڙي نظم ۾ اِنسان جي دل کي آد ڪان پئي موهيو آهي. الله لوڪن جي آتما جي اُڏامَ جڏهن ڪين روحانيِ منزلن تي وٺيِ وڃي ٿيِ تہ سندن اڪرين ۾ اِظهار ٿئي ٿو خدائيِ خماريءَ جو ۽ نينهن پرئي نشي جو. سندن پيشاني پيئي چمڪي، پيئي چمڪي هڪ تازي تراشيل هيري مثل. اُن خمار ۾ سندن سُڌ ٻُڌ وڃي اِڪ پرپوءَ ۾ لين ٿئي ٿي ۽ سندن دل اندر اُتن تا ازغئبي آواز جي سندن مڪاروند مان هڪ ٻاڻيءَ جو روپ ڌارڻ ڪري اِڪ دائما وهندڙ نديءَ وانگر پيا وهن. اِئين ڪٽيِ چئجي تہ:-

> جن کي نشو اِڪ جو چڙهيو، چاهت چڏي چاڪر ٿيا:
>
> اِڪ سٽائن نامَ انهد، ٻيِ نہ ڪا ٻوليِ چون!

سنڌوُ نديءَ جي اَمرت جل سان سينگاريل ۽ سوُرج جي ڪِرڻن سان سجايل سنڌوُ ديش جنمَ ڏنو سنت شرومڻي دادا ساڌوُ واسواڻيءَ کي. هن اوتاري پرش اوچ وديا ورتي، ويدن، پُراڻن، اُپنشدن ۽ گرنٿن جو گهرو اَڀياس ڪيو ۽ پنهنجي سمست جيون اِيشور جي ساڌنا، آراڌنا ۽ لوڪ شيوا ۾ اَرپن ڪئي. پياري دادا کي هند جي حدن کان ٻاهر، وِشوَ جي سنتن، ستپرکن ۽ ڌرمن جي اوُنهيِ ڄاڻ هئي. هن سنت سائينءَ جي صفتن جو ذڪر هزارين گيتن ۽ شلوڪن ۾ ڪري نہ فقط سنڌي جاتيءَ سان ڀال ڀلايا آهن، پر سڄي وِشوَ جي لوڪن لاءِ هڪ اَموليہ خزانو ميسر ڪيو آهي، جو 'نوُري گرنٿ' جي روپ ۾ پرڪاش ٿيو آهي. اَڄ اِن گرنٿ جو انگريزي ڀاشا ۾ ترجمو ڪرڻ جي شروعات ٿي چڪي آهي ۽ وقت پڄاڻا ٻين ڀاشائن ۾ بہ ترجمي ٿيڻ جي اُميد آهي.

٢. پرپوءَ سان ناتا:

واسواڻي سندس جيون ڪٿا ’سينٽ آف ماڊرن انڊيا‘ جو پستڪ پڻ انگريزيءَ ۾ هڪ انمول گرنٿ لکيو آهي.

سري رام ڪرشن پرم هنس دنيا کي سوامي وويڪانند ڏنو تيئن ساڌو واسواڻيءَ به دنيا کي پنهنجو روحاني وارث دادا جشن ڏنو آهي. هُو پاڻ به وڏو ودوان، فيلسوف ليکڪ، شاعر ۽ سنت آهي، انگريزيءَ ۾ وڏو ماهر آهي، ۽ هن به ڪيترا ئي پستڪ سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ لکي سنسار ۾ ساڌو واسواڻيءَ جو نالو امر ڪيو آهي.

ساڌو واسواڻيءَ جو سپنو هو ته سڄي سرشٽي ٿي پوي هڪ سندر باغيچو، جنهن ۾ سڀ انسان شانتي سدڀاو ۽ پريم ۾ رهن. ’جي ماسو جُڙيئي مال ته پوڄارا پُر ٿئين.‘ شال سندس پُستڪن ۾ ڏنل روشني ۽ سندر ويچارن جو سنسار ۾ ڦهلاو ٿئي ۽ اُن مان اسين به ڪجهه پرايون ۽ پنهنجو منش جنم سڦل ڪريون.

ڪين هڪ مهان شاعر بڻائي وائي ڪيائي وَليءَ جي. سندن روُح روُحاني راڳن سان سرسبز هو ۽ راءِ ڏياچ وانگر راڳيندڙ جي راڳ جو رس بي حساب پيئڻ چاهيندا هئا. اِئين ڪٿي چئجي تہ پياري دادا جي روح تي خُدائي خماري ڪاهي آئي هئي. ستسنگ ڪانپوءِ بہ هو پنهنجن ششن کي چوندا هئا تہ هوُ روحاني راڳ ڇيڙيندا رهن ۽ دادا پاڻ پنهنجي محبوب جي مستيءَ ۾ سڌ ٻڌ کوئي آتمڪ سطح ۾ گم رهن!

پياري دادا پنهنجن ششن کي ڇيو جڏهن سريرڪ چولو ڇڏيان، تڏهن سندن ئي رچيل الوداع جو گيت ڳائجو. ششن پريم، شرڌا ۽ سڪ جا ڳوڙها ڳاڙيندي، اُهو گيت جنهن جو ٿورو حصو هيٺ لکجي ٿو، سو پوري وقت تي پاونا پوُروڪ ڳاتو ۽ اَڄ تائين بہ وقت بہ وقت پيا ڳائيندا آهن:-

اچو هاڻي! اچو هاڻي! منهنجا پيارا وطن واسي!
وڃان موڪل اوهان کان ٿي، آهيان آسيس لاءِ پياسي!
خدا حافظ! خدا حافظ!

وڃڻ جي ويل آئي آ، ٿئي ٿو ڏينهن اَڄ پورو:
بازيگر جي آ! هيءَ بازي، ختم ٿيو کيل سمورو!
خدا حافظ! خدا حافظ!

حياتيءَ هن جون بخشيشون ڪٿي ڪن ۾ وڃان ٿي هاڻ:
وري موٽي اچي ملنديس،تنبوري جي کولينديس تان!
(١٦٣٠)

٥. سنڌڙي:

دادا ساڌوُ واسواڻي سنسڪرت، انگريزي ۽ سنڌي ٻولين جو هڪ وڏو ودوان هو، پر پنهنجي ماتر ڀاشا سنڌيءَ سان هن جي خاص محبت هئي. جنهن ڪري داداجن پريوءَ سان يا پريوءَ بابت جيڪا بہ گفتگوُ يا ذڪر ڪيو، سو گهڻي ڀاڱي سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل آهي. پياري دادا جي گيتن ۾ ڀاوَ اوُچا آهن پر سنڌي ٻولي سرل آهي، جنهن لاءِ هڪ سنڌي ڄاڻندڙ لاءِ

پرين سان پيچ پائڻ ڪانپوءِ، الله لوڪ ۾ الله جي وچ ۾ اچي ڳلين ٿا نوان نوان ناتا. پريوءَ کي درويش ڪڏهن ماتا پتا جي روپ ۾ ڏسن ته ڪڏهن وري اِڪ ٻالڪ جي! ڪڏهن پيا سائينءَ جي ساراهه جون سُرڪيون پرين ته وري ڪڏهن پيا حجت ۾ ڏوراپا ڏين.ڪڏهن پيا پريوءَ سان پنڌ ڪَنِ ته ڪڏهن ڳائين گيت وِرهه جا! پلا رهن جيڪي محبوب جي مستيءَ ۾ تن مستن کهڙي ميار، ڇو جو تن کي آهي سڀ اختيار!

٣. نُوري نماڻي:

پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ به جدا جدا موقعن تي الڳ الڳ ڀاونائن ۾ پنهنجي پريتم سان پنهنجي دل جو حال پئي اوريو آهي. پياري دادا جي گيتن ۽ شلوڪن جو ويچار ڪندي سڀ کان اول ڏيان ڇڪجي ٿو ٻن اکرن ڏي ۽ سي آهن 'نوري نماڻي'، جي پياري دادا هڪ هڪ گيت جي انت ۾ تخلص طور پئي ڪم آندا آهن. پياري دادا کي جهرڪن جي ڳوٺ ۾ هڪ رات جو هڪ روشن روپ جو درشن ٿيو ۽ پاڻ کي نوري نماڻي سڏائڻ جي پريرڻا ملي. اِنهن اکرن مان پرتيت ٿئي ٿو ته پياري دادا پريوءَ کي ڄام تماچيءَ وانگر پنهنجو بادشاهه، پنهنجو گهوٽ يا ڀتار ڪري پئي سمجهو آهي ۽ پاڻ کي نوري نماڻيءَ جو روپ ڏيئي پريوءَ جي نماڻي ڪنوار يا ڪنيز ڪري پئي سمجهو آهي. اِها ڳالهه عالم آشڪار آهي ته اِستريءَ جي هرديه ۾ ڪوملتا لڳن ۽ سمرپڻ جي ڀاونا هڪ پرش جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ سمجهي ويندي آهي. ظاهر آهي ته پنهنجي محبوب، پنهنجي ڪُل مالڪ جي اڳيان پياري دادا پرش ڀاوَ جو تياڳ ڪري هڪ نماڻي اِستريءَ جي ڀاوَ ۾ پاڻ کي ارپڻ ڪيو.

٤. پيار راڳ سان:

پياري دادا واسواڻيءَ پنهنجين رچنائن ۾ ڪيون جي رهاڻيون پنهنجي هوت پنهل سان، سي سندن سيرت جو آئينو آهن. دادا جي چولي ۾ لڳي هئي چڻگ اِلاهي عشق جي، جنهن

تيئن سندن آندر ۾ اضافو ٿيندو ويو. پرين سان ملڻ جي اُڃ جو اُڇايل اِنسان کي الله واسطي عشق آهي، پياس آهي، درد چوي:- 'پريوا تون منهنجو صاحب، تون منهنجو سپرين، مان تنهنجو نسورو نوڪرا' پياري دادا جي مڪاروند مان انيڪ پهلُن تي دل ڇيڪندڙ گيتن جا آبشار نڪرندا رهيا. جن جو سنگم آهي 'نوري گرنٿ' نمائي ڪوشش ڪئي ويئي آهي ته داداجن جي نظم سان ڀرپور ٻاٽيءَ مان ڪن ٿورن پهلن جو هڪ گلدستو ٻڌندڙن کي پيش ڪجي. اچو ته آنند ماڻيون پياري دادا جي ڀرئين پهلو عشق جو ۽ اڳتي هلي ڪن ٻين پهلن جو.

١. پهلو پهريون: عشق

عشق جي پهلوُ ۾ پياري دادا ڪولين ٿا عشق جو آبشار جنهن جي ڦوهار بخشي ٿي راحت روح کي! عاشق ملڻ جي بيچينيءَ ۾ چڪور وانگر روحاني پر ڪولڻ جي ڪوشس ڪري ٿو ۽ رهي ٿو اُڏامڻ جي اون ۾!

پياري دادا عشق ۽ عاشق تي انيڪ دل ڇُهائيندڙ گيت لکيا آهن. ڪن ۾ ذڪر آهي الله جو عشق عاشق لاءِ ته ڪن ۾ وري عاشق جو عشق الله لاءِ. عشق جو عالم وشال ۽ گهرو آهي. عشق ۾ دل ڏيڻ ڪمال آهي. عشق ناهي ته ۽ عشق جلائي ٿو. دنيا ۾ جيڪي ڪجهه آهي، سو عشق جو جلوو آهي. آگ عشق جي گرمي آهي. هو عشق جي بيچيني آهي. پاڻي عشق جي رفتار آهي. مؤت عشق جي بيهوشي آهي. زندگي عشق جي هوشياري آهي. رات عشق جي ننڊ آهي. ڏينهن عشق جو جاڳرتو آهي! مٿئين ويچار مان ظاهر آهي ته صوفي سنسار جي هر ڇُرپُر ۾ عشق ڏسن ٿا. جن جو عشق الله سان آهي، تن کي چاهي پاڻ الله. عشق آهي اِڪ الله ۽ آدم جي وچ جي وٿي طيءِ ڪرڻ جڏهن عاشق اُن تان پنڌ پٽي، هن پار وڃي ٿو سمائجي معشوق ۾، تڏهن اُها وچ جي وٿي گم ٿي وڃي ٿي. اِن حالت ۾ وڃي بچي ٿو فقط معشوق، فقط اِڪ الله جيئن شاه صاحب فرمايو آهي:-

ڪنهن بہ سمجهائي ڏيڻ جي ضرورت نظر ڪين ٿي اچي. پياري دادا سنڌو ديش جي مهڪ ۽ مشڪ ڪ ياد ڪندي جي گيت لکيا آهن، تن مان وطن پرستيءَ جي خوشبوءِ پلي پانت اُسري اچي ٿي، جهڙوڪ هڪ گيت جون ڪي سٽون:-

سنــڌڙي! اءِ سنــڌڙي!
هيءَ جان، هيءَ جندڙي،
ڪريان قربان قدمن تان!
نديون تنهنجون ۽ نظارا،
بـاغ بـلبـليون ۽ پهاڙا!
درويـشـن جا پـاڪ ديرا
چمڪن اا! پڪڙيان پيرا!
ڪريان قربان قدمن تان! (۴۰۲)

پياري دادا پنهنجن ماروئڙن ڪان وڇڙي اباڻن جي اُڪير ۾ مارئيءَ جي دل پنهنجي دل ۾ جڙي جيڪي ورلاپ ڪيا آهن، سي سچ تہ دل ڏاريندڙ آهن. جاڳندي جاڳندي پياري دادا ذڪر ڪيو آهي ۽ وري سپنن ۾ منڙن ماروئڙن سان ملڻ جو. نوري گرنٿ تي عمر مارئيءَ جا ۳۰ داستان چڙهيل آهن، تن مان ڪن ٿورن ۾ ڏنل درد ڀريو اِظهار هن ريت آهي:-

(اُڪير) عمر ادا! منهنجا منا ماروئڙا تہ ملير ۾،
هت اُتارين ٿا دلڙي اُڪير ۾!
سڪ سيني اندر، سڄڻ آنءَ سنپاريان،
نوري ڪين توکي سومرا نهاريان! (۱۳۲۰)
(سپنن ۾ سؤمرا! وڇوڙا ويا:
پنوهار پکن ۾ پيار پنا سپ پيا!
منڙن ماروئن جا وچن مون ٻڌا؛
اُت بہ نوري ڏڪاريم تنهنجا ڪم ڪُڏا! (۱۳۲۹)

جيئن جيئن پياري دادا اِلاهي عشق جو پنڌ پٽيو، تيئن

پيارا دادا هينئن گيت ۾ چون ٿا تہ عشق آهي جيءَ جو جيئارو. اَءِ عاشق! دل جي اونهائيءَ ۾ عشق پيئندو ڪر تون رات ڏينهن.

عشق آهي آب حيات!
پيئندو ڪر تہ تون دن رات!
پيئہ عشق کي،تون دل جي دل ۾،
پيئہ عشق کي تون، گل ڪمل ۾!

عشق عقل: عشق آهي اِڪ وهندڙ مستي ۽ عقل آهي وجود جي هستي. مستيءَ ۽ هستيءَ جو هڪ مياڻ ۾ ماپڻ ممڪن ڪين آهي. عشق آهي مستيءَ جي راند، عقل آهي اکرن ۾ باند! عشق آهي توڪل جو ترهو عقل آهي تورڻ ۾ سرهوا پياري دادا عشق ۽ عقل جي ڀيٽ بخوبيءَ ڪئي آهي:

عشق اچي ٿو مستيءَ ۾،
عقل بيهي اچي چُستيءَ ۾!
عشق اچي سڌو ستگر پاس،
عقل اچي بيهي در تي داس!
عقل وساري سڀ اِقرار،
گوڙ مچائي ڪري تڪرار!
عشق جي ٻولي ٿيان فنا[1]:
عقل چوي پيو:- ’مان[1] ۽ ’مان[1]! (٣٧٨)

عشق ۽ عاشق: عاشق طمع رهت آهي، ڪيس طلب آهي تہ فقط اِڪ محبوب جي. اِنتظاري ۽ بيقراري سندس اکڙين ۾ دائما آهي. عاشق جي دل پيئي ٻوڙي اِڪ نديءَ وانگر تہ وڃي ملي ساگر ۾. اِن پنڌ ۾ ڪيڏا بہ ڪنڊا ۽ ڪکرا نديءَ جي سيني کي چيرين ٿا، پر پنڌ جي رفتار اڳي کان اڳري رهي ٿي ۽ نيٺ نديءَ جيان عاشق وڃي ملي ٿو پنهنجي محبوب کي. عاسق جي اِن اڻانگي سفر جو ذڪر دادا واسواڻي ڪري ٿو:

پيهي جان پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ
تہ نڪو ڏونگر ڏيھ ۾، نڪا ڪيچين ڪاڻ،
پنھون ٿيس پاڻ، سسئي تان سور هئا.

الله جو عشق: الله جو عشق عاشق سان ٿيڻ، پياري دادا جو هڪ سھڻو خيال پيو لڳي. دادا جن چون ٿا تہ:-

عشق الله جو جنھن سان آهي، سوئي ساجن سونھارو:
ڪين پڇي اهُ ڪين ڪڇي، نيڻن ۾ اٿس نينھن نيارو:
عشق الله جو جنھن سان آهي، ننڊ نشي ۾ ڪيئن رهي؟
لوڪ رُلن يا لوڪ شمھن، قدمن ۾ نوُري سدا وهي!

مٺي ڏنل گيت ۾ وڏيڪ داداجن لکن ٿا تہ عشق الله جو جنھن سان آهي، اُن جو اصل ڪان اِقرار آهي تہ هوُ قتل ٿئي قدمن ۾ ۽ پل تہ سندس سيس ٿئي ڏڙ ڪان ڏار. اهڙو اِنسان يوڳي ۽ گياني آهي ۽ پيو هردم پسي پنھنجي هردي ۾ نوُراني نوُر.

فنا فضل ۾: هاڻي نظر ورايون ٿا الله جي عاشق ڏانھن. اُن عاشق جي روايت ڪھڙي آهي ۽ پيارا دادا اُن مان ڪھڙي اُميد رکن ٿا. هيٺئين گيت ۾ چون ٿا تہ عاشق جو انجام آهي عشق ۾ فنا ٿيڻ ۽ اُن فنا ۾ بہ الله جو فضل يا مھر مچڻ! دادا عاشق جي همت اِفزائي ڪندي چون ٿا: اۓ عاشق! متان دل تون لاهين! مرڻ ڪانپوءِ تون محبوب پائيندين!

عشق جو هي انجام آهہ،
گھڙو ڪڙي گھڙ درياهہ!
سھڻي! فنا ٿيءُ تون فضل ۾!
سھڻي! متان دل تون لاهين،
مري ميھار پوءِ پائين!
سھڻي! فنا تون فضل ۾! (٢٦٩)

عشق آهي آب حيات

نہ انُ، نہ پاڻي کپي:
اِڪ توکي دلڙي جهپي!
اِنهيءَ لهر ۾ اڳتي وڌندي پيارا دادا پيا پڇن پنهنجي پريتم کان:-
ڪٿي وجي آنءُ توکي پايان،
کهڙي وات نهاريان، الا!
اٿيئي اکڙين تہ منهنجو آسروندڙيون! (۱٦۴)
وري هڪ پڪار ۾ اِظهار ڪيو اٿئون
اٿم پياس تہ ميڙن کان رکہ مون پري:
سچو ڏينهن سچڻا! سڪ ۾ سري! شهرن جي گوڙ شور مونکي کيو آ، منهنجو پنهل تہ پهاڙن لو لکل آ ءَ پهاڙن جا فرشتا پيا مونکي پڪارن: شل مان وجي تن پهاڙن ۾ گم ٿيان! (۲۴۷)
پنهل جي پکن ۾: پرين ملڻ جي پياس وري دادا جن جي دل ۾ اُٿاري ٿي هيءُ گيت:
اٿم پران اُڙيا، پنهل جي اکين ۾
تن لئہ نهاريا، وٹن ۾، پکين ۾!
اچي ڏينهن سرتيون! سڪ ۾ نهاريان
اچي رات روئي روئي پڪاريان!
اديءَ رات اونده ڪٿي راڳہ آيو،
الا! منهنجي قسمت سڄڻ مئون وڃايو! (۲٦۸)
پريوءَ جي سنگہ ۾ رهڻ جي اِلتجا ڪندي دادا چون ٿا:
اٿم پياس پيارا! تنهنجي سنگہ رهان: آءَ بيگاني!
نہ در تان مون ڪيڏجانءَ ہانهي ، نماڻي هن سنسار ۾! (٦۴۹)

عشق الله سان جنهنکي آهي،
اِڪ مهر نهار او تو چاهي!
دلبر در دن رات بهي،
پياس ۾ پاند ڳچيءَ ۾ پائي
ترڪ ڪري، سڀ تمنا لاهي،
محبوبن در وڃي ڪند ڪپائي!
هن راھ ۾ نوري پير جو پائي،
ڏس قاتل ڪھڙو اچي اُن تي ڪاهي! (۵۲۱)

عشق ۽ آتش: پيارا دادا اُسرندڙ عاشق کي آگاھ ڪن ٿا تہ عشق جي بازي آهي ڏاڍي ڏکي ۽ ترڪڻ آهي ڏاڍي تکي. سور سختيون ڦٽ لعنت ۽ مياروں اٿيئي مري هن راھ جو. عشق وارن جي اوطاق اٿيئي درد ۽ فراق جو دڙ. اُتي ڪلال ڪند بہ ڪپيندءِ ۽ احسان بہ ڪندءِ! اِن خيال ظاهر ڪندي پياري دادا چيو:

عشق اٿيئي اؤلو ادا!
هن پڙ ۾ پير سمجهي پاءِ!
بات برھ جي ڪر نا پڌري،
لوڪن ڪان تون پاڻ لڪاءِ!
ساڪر نہ تنهنجي ڪندو ڪوئي،
ڦٽ لعنت جا ڦل تون کاءِ!
نوري لوڪ ڏين تو ميارون،
ڪلندي ڪلندي هل هي راھ!

پياس: پياري دادا پنهنجي پريتم جي ويجهو رهڻ جي پياس جو اِظهار ڪندي هڪ گيت ۾ لکيو آهي:-

اٿم پياس پريتم! تون پاڇي وهار:
ڏي چرنن جي ڌولي، پنهنجو امرت پيئار!

۳ پهلو ٽيون: گفتار هاڻي اچو ته رسُ وٺون پياري دادا جي پنهنجي محبوب سان ڪيل گفتار جو. پياري دادا پسيو پنهنجي پريتم کي، پنهنجي محبوب کي ساري ڪائنات ۾. دادا کي پن ۾، پشپ ۾، جيو ۾، پاڻيءَ ۾، اگنيءَ ۾ ۽ خاڪ ۾، ڪوريءَ توڙي ڪيڙي ۾، ڪنير توڙي گهڙي ۾ ۽ سڄي ڪائنات جي ڪڻ ڪڻ ۾ نظر آيو هڪ ئي ڪلاڪار، اِڪ ئي جڳه کي جوڙيندڙ پريو. گفتار جي پهلوءَ جي شروعات ڪندي اچو ته ڏيان ڪريون پياري دادا جي هڪ گيت جي هيٺين سٽن جو.

گلابي گُلن ۾ ڪهڙو آهه اِسرار؟
ڏسان مان ته تن ۾ ٿو تنهنجو ئي ديدار!
قدرت جو ڪرتا آهين تون به گُل،
نذر آهه نُوري نماڻي تون مِل!

(۹)

هڪ گيت ۾ حُجت اُتاريندي پيارا دادا پريوءَ کي چون ٿا ته پاڻ کي ڇو پيو ڇپائين؟ اسم توسان ملڻ جو بخار ۽ تن ۾ تنوار. اسم توکي ڳوليو پهاڙن ۽ بيلن ۾، شهرن ۽ ڪيلن ۾، الا! ڇو پيو پاڻ ڇپائين! اچي رات، راڻا ڪٽي نينڻ نماڻا اِڪ توکي پڪاريان، اکر پيو اُچاريا:- ’ڇپائين ڇو؟‘

(۱٦۵)

تون ڪير؟ گفتگو پيئي هلي. پنهنجي اِلتجا جاري رکيندي وري دادا جن چون ٿا:- اسم اکين ۾ اِنتظاري، ڪريان ويٺي آزي نيزاري ۽ پريو! تون پيو پڇين ته آنءَ ڪير؟ سڃاڻندي به نٿو سڃاڻين! مرشد مٺا! مان پيو ڪريان پڪاري، اچي ڏي ڪا دلداري: پر تون وري پڇين، آنءَ ڪير؟

دم دم ساجن کي سنڀاريان:
دم دم تــن لاءِ نـهاريــان!
پاڻ چون: تــون ڪــيــر؟

(۳۹۵)

وري هڪ پياس ۾ عرض ڪن ٿا تہ:-
اٿم پياس پريتم! رهان تنهنجي پاس:
ديا دئار تنهنجي جو، رهان ٿي تہ داس-
تنهنجي روبرو!
تنهنجي روبرو!

(٨٤٠)

پياس قدمن ۾ لِکڻ جي:
پياس جا پنڌڙا پٽيندي دادا جن ذڪر ڪن ٿا:
اٿم پياس، پيارل! قدمن تنهنجن ۾ لڪندو رهان:
شب روز، راڻا! تنهنجي رحم سدا شال وِهان!
سنتن در چمڪي تنهنجو نُور:
رکين شال دم دم، مون دنيا کان دُور!
پنهنجي لطف، لالڻ! مون کي لوڪن کان لڪاء:
اِهو عرض منهنجو نُوري، تونهين اگهاء!

(١٤٣٥)

پياري دادا جي پياس جا پيغام تہ بيشمار آهن. آخر ۾ هيٺ ڏنل هڪ گيت جو ڪجھ حصو سچ تہ اکين ۾ آب آڻي ياد ڏياري ٿو تہ اسانجو نہ پرٿويءَ تي گهر آهي، نہ ڪو آهي يائي هندو شل اُڏامي وڃي ملون محبوب کي!

آکيرو پکين کي، نہ گهر ڪوئي مونکي:
اُڏامي اچان، اُڏامي اچان!
نہ ڪوئي هندو، نہ ڪوئي يائي،
بنِ تو ہي ڪا منهنجي وائي:
اُڏامي اچان، اُڏامي اچان!
پکيءَ جو هي فرياد،
نُوري ڪرين ياد:
اُڏامي اچان، اُڏامي اچان!

(١٦٣٩)

(٧٣٤)

دل رباب: پياري دادا جي گفتگو جي سلسلي جو ذڪر سماپت ڪرڻ کان اول جيڪر هڏون سندن دل جو رباب، پيارا دادا چون ٿا:-

اٿم اڪين ۾ اڄ آب، ويني وڄايان رباب! اڪين ۾ اڄ آهي اِنتظاري، رئندي ويئي رات ساري! هِن درد ۾ دل صاف ڪر، منهنجون مدايون معاف ڪر! پنهنجي سنگ نرمل ۾ وهار، نوري نماڻي پاڻي پيئار!

پريوء سان گفتگوء ڪندي پياري دادا جي گيتن مان پرتيت ٿئي ٿو ته ڪين اپلاشا آهي ته رهان شل تنهنجي سار ۾! آء سڄڻا! نوري نماڻيء کي ڏي پل سزا، پر رکہ نہ راڻا! تون هن ڏار ۾!

(٩٧٦)

۴ پهلوُ چوٿون: درد دل جو

درد جي پهلوُ ۾ پياري دادا انيڪ گيتن ۾ سمجهايو آهي ته اِنسان جي جيون ۾ خوشيون خوب آهن ۽ درد جيون کي شاد ۽ آباد ڪري ٿو. درد اِنسان کي مجازي مؤج کان ڪنارو ڪرائي، پريوء جي راهه ۾ چڪي وجي ٿو. هڪ شلوڪ ۾ پيارا دادا چون ٿا:-

دکہ درد ۾ تنهنجي ديا،
سياڳا سياڳا صبر ۾ رهيا!

دادا پنهنجن گيتن ۾ ذڪر ڪن ٿا ته دل جو دردر اِنسان جي اندر آٿي ٿو اڻ ميا روحاني خزانا. ڪٿي درد دل ۾ دل ۾ ٿي ميران شيام لاء ديواني. پي درد دل جو ٿيا چور گياني. بخت کُلي ٿو تن جو، جن کي درد ملي ٿو دل جو! دل جي درد شري چيٽنيہ کي ڪيو ديوانو شيام لاء!

پي پي گوتم درد جو پاڻي پاتو پڏ نرواني!

بندياٺي: پياري دادا لاءِ پنهنجي پنهل کان دُور رهڻ هڪ بند ۾ هڪ قيد ۾ رهڻ سمان هو. دادا پريوءَ کي چون ٿا:- اٿم اندر ۾ اونهي آڪير، اچي پچ تون منهنجي زنجير، ڪڍ بنديائي بند مان! منهنجا پريتم! گليءَ گليءَ ۾ اٿيئي منهنجون پڪارون، تارن تائين پهتيون منهنجون تارون، ڪڍ بنديائي بند مان! اِهي حُب ڀريا ورلاپ ڪندي، دادا پريوءَ کي چون ٿا:-

هن هوا ۾ اٿيئي منهنجو ٻاراٽو،
اچُ نوري ڏس! منهنجو حال نماٽو!
ڪــڍ بــنـديـاٽـي بــنــد مـان!

(٥.٧-٥.٦)

درد ديدار جو: لالڻ ملڻ جي لوچ ۾ وري دادا گفتگو ڪن ٿا هيئنيءَ پڪار ۾:-

اٿم اِڪ درد ديدار جو!
آواز سُڻ برهه جي بيمار جو!
نڪو پانڌي، نڪو پيغام،
ڪڏهن پاڙيندس اچي انجام؟
ملڻ مننار جو!
اچي نوري ڪا ڪر سنڀال،
اکين ۾، ڏس! اٿم اِڪ خيال،
عجيبن جي اِسرار جو!

(٥٧١)

اٿم آس تو لاءِ: پيارا دادا پريوءَ کان پڇن ٿا تہ ڪڏهن مون گهر ايندين عشق جي ايوان ۾، جت مان شل رهيو رهان حيران ۾. وري تڙڦ طالب کي هيئنيان اکر چوائي ٿي.

اٿم آس تو لاءِ، اچي تون نهار:
مان پهچي سگهان نا، اچي تون پڪار!
نوري نماٽي، اٿيئي اُجايل دلدار!

وري پوءِ ورياسين، عشق جي دربار ۾!

٥ پهلو پنجون: داس ڀاوَ:

پياري دادا پنهنجي جيون جو هڪ پلُ ڪيو ارپن پنهنجي پريوءَ کي. ڪيس پياس هئي تہ پوان شال ڪانڌ جي قدمن ۾. ٻالڪپڻ کان نياز، نئڙت، بندگي ۽ پاڪيزگي، پياري دادا جي آدرشمیہ جيون جا اڻوٽ انگہ هئا. هن الله لوڪ ننڍ سان ناتو توڙي، جوڙيو ناتو نينهن جو پنهنجي جانب سان. انئي پهر الڪہ سان اوريندي پيو عرض ڪندو هو تہ منهنجا سائين، رکہ مون هميشه نيڙي، نيڙي! پريوُ! مان ڪميڻي آهيان، مان گنهگار آهيان، منهنجي ذات اٿيئي اوچي، پر تون تہ آهين سد سد ديال. پنهنجي رحم ۾ رکہ مونکي پنهنجي حضور ۾ تہ ٿيان تنهنجو خدمتگار، تنهنجو اِڪ نوڪر. سڪ سوز ۾ سڏڪا ڀريندي، پياري دادا داس ڀاوَ ۾ هزارين گيت لکيا پنهنجي پنهل سان پيچ پختو ڪرڻ واسطي، جن مان ڪن ٿورن جو ذڪر هيٺينءَ ريت آهي:-

هجان شال هردم پرين جي پناري:
رهان شال دم دم قرب جي ڪناري!
رکان شال مان هيءَ دل نماڻي،
پيئان پرت سين پرين در جو پاڻي!
سڪ سين سڄڻ کي سدائين سنڀاريان،
اُڇايل اکين سين، نت نئون نهاريان!
نوري نماڻي نہ دم شل وساري،
پنهنجي روبرو شل پل پل وهاري!

(٢٨)

رکي در تي نؤڪر: هيٺئون گيت ۾ پياري دادا جي نمرتا ڀوُروڪ عرض جو آئينو آهي:-

رکي در تي نؤڪر نہ موڪل ڏجانءِ،
ڏسي ڏوهہ منهنجا، ڪميڻي نہ ڪڍجانءِ!
جهڙي جي تهڙي، آنءُ عيبن هاڻي،

درد جي مهما: پياري دادا پنهنجيءَ هڪ رچنا ۾ دل جي درد جي مهما هيٺينءَ ريت ڪئي آهي:-

دل درد ۾ مهر ڪا پاڻي،
درد ڪي مهما ڪوئي ورلي جاني!
دل درد ۾ گنگا جمنا،
اُتر گئي سب ڪي تمنا!

(٩٣)

درد توکي سڏي: اچو ته هاڻي الڳ الڳ قسمن جي درد جو اِظهار پياري دادا جي سرل گيتن جي ڪن سٽن مان ٻڌون.

سنتن جو چوڻ آهي ته درد آهي پريوءَ لاءِ سڪ ۽ چڪ جي ڪنجي. اِنڪري درويش پريوءَ ڪان درد گهري ونندا آهن، جيئن سدائين سائينءَ جي سمرتي ۽ نينهن نشي ۾ رهن. تُوري ۾ شايد اِئين چئجي ته جن فڪر ۽ فراق سان آهي نينهن لاتو، اڳي پوءِ تن آهه پريوءَ کي ته پاتو! هاڻي جيڪر پياري دادا جي درد ڀرئي گيتن مان ڪجهه سٽن جو آنند ونجي:-

درد دل جو دل جي اندر، ٻاڦ ٻاهر نا ڪڍي،
سڄڻ سائين، سونهن وارا! دم بہ دم توکي سڏي! (٥٣٨)

درد دل ڏکايئہ، ساجن سونهن وارا!
پيئا جي پسڻ جي، آتر اُڇ پيارا!
اچي تون نهار، جيئہ جا جيئرا،
پيئار تون پيارا! تہ اُڇ اُتري اُڇ سان!

(٥٦٧)

درد ۽ دربار: مٺئين سري واري دل پڇائيندڙ گيت ۾ پيارا دادا اتي سندرتا سان ذڪر ڪن ٿا ته ڪيئن ڪين دل جو درد وني وڃي ٿو عشق جي دربار ۾ ۽ اُتي ڪين کهڙا نہ سندر درشيہ ڏسڻ لاءِ ملن ٿا، جن جو ٿورو ذڪر هيٺين سٽن ۾ آهي:-

درد دل جا دفتر، ويهي سي پڙهياسين؛
جانب جلالهوءَ جي، جيءَ ۾ جڙياسين!

ملڻ جي اِلتجا جو ۽ پنهنجي وياڪلتا جو. گيت جون ٽوريون تڪون هن ريت آهن:-

فڪر اُتم اندر ۾، لڳو اُتم فراق:
ڪڏهن اڳڻ اِينديِن، ڪٽي قدم پاڪ؟
نياپي تنهنجي لاءِ، ڪانگل نهاريان،
اچي ڪونہ قاصد، پيئي پڪاريان!
ڪڏهن سڄڻ! ايندين تون پيهي پکن ۾؟
پيو قرب ڪوني:- 'اچ تون ڪکن ۾!'

(٨٣٥)

نوري گرنٿ هڪ وشال روحاني ذڪرن ۽ فڪرن جو ساگر آهي. دنيا ۾ شايد ئي ڪنهن الله لوڪ جي ٻاٽيءَ جو ايڏو جهجهو نظم رچيل هجي.

پياري دادا جي وشال سنڌُوءَ مان مون فقط پنج بندو ڪڍي اُنهن کي ڪجھ سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پياري دادا جي ٻولي بلڪل سرل پر اُن جي اونهائي آهي سمنڊ کان بہ گهري. جئن جئن نوري گرنٿ ۾ ڏنل گيتن جو اڀياس ڪجي ٿو، تئن تئن اِنسان وڌيڪ اونهائيءَ ۾ ٽٻيون ڏئي ٿو ۽ پنهنجن خيالن ۾ نہ ڄاڻان ڪيترا هيرا جواهر جڙي ٿو.

پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جي نوري گرنٿ ۾ ڏنل ٻاٽيءَ جو آواز هڪ اکر ۾ آهي 'جاڳو!' پياري دادا چيو تہ جي جاڳڻ چاهيو تہ پنهنجي اندر پريوءَ لاءِ عشق اُٿاري! پريوءَ کي پياس ۾ پڪاريو! پريوءَ سان ويهي گفتار ڪريو! درد دل ۾ اُٿاريو! پر اِهو سڀ ڪريو داس ڀاوَ ۾!

هن وقت پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جي جوت سندن روحاني وارث پيارو دادا جشن واسواڻي جڳائي رهيو آهي. پيارو دادا جشن وديش جا اڻاڻگا سفر طئہ ڪري پنهنجي مرشد جو پيغام پکيڙي رهيو آهي. هيءُ درويش پنهنجي فصيح زبان سان ڪيترن کي پريوءَ جي راهہ ۾ ڇڪي رهيو آهي. پيارو دادا جشن پيار جي هڪ مجسم مورت آهي. جو بہ اِنسان هن جي ويجهو اچي ٿو، سو سندس پيار ۾ جڪڙجي وڃي ٿو.

چوري چنيءَ کي، پيارا! نہ ڇڏجانءِ!

(٢٣٥)

کيئن ملان؟ هن گيت ۾ پيارا دادا چون ٿا تہ منهنجا پريو، منهنجا راڻا، حال منهنجا تہ اٿيئي ويڳاڻا. تون پهاڙن تي، مان پاتال ۾، پوءِ کيئن چڙهان جيسين تون نہ چاڙهين!

کئن ملان، مان توکي راڻا؟
حال منهنجا اٿيئي ويڳاڻا!
تون تہ پهاڙن، کرين نواس،
هيٺ پاتال، تنهنجو داس!
کيئن چڙهان، جي تون نہ چاڙهين؟
پنڌ کريان کئن، جي نہ پڪارين؟
اوچا کپڙا، اوچي ذات،
کيئن کريان، مان توسان بات؟

(٢٩٧)

بکاري: پيارا دادا پنهنجي هردي ۾ اِڪ بکاريءَ جو روپ ڌارڻ کري پکارين ٿا:-

سنتن در تي آنءِ بکاري،
روز کريان ٿي آنءِ پکاري!
مهر نظر سين شال نهارن،
سنمکہ پنهنجي شال وهارن!

(٢٩٧)

هيٺي: پيارا دادا پاڻ کي هيٺي، مندي مهاڻي سڏيندي وينا پنهنجي محبوب لاءِ نهارن:-

آهيان آنءِ هيٺي، مندي مهاڻي:
سچو ڏينهن سڄڻا! وياکل ويڳاڻي!
نذر هيءَ نماڻي، ويني نوري نهاري!

(٣١٩)

فراق: هن گيت ۾ پريل آهن انيک پاونائون. دادا ذکر کن ٿا فکر ۽ فراق جو، دل جي درد ۽ غم جو، محبوب کي

۾ پڙهندي هئس. دادا واسواڻي اڪثر ڪري پنڌ ڪرڻ ويندو هو ته ٿورا پائر ۽ پيرون گڏ هوندا هئس. هڪ ڏينهن هو ڦليليءَ طرف پنڌ ڪرڻ ويو. مان به ٽوليءَ ۾ شامل ٿي ويس، هلندو هلندو ڦليليءَ واهه جي پرسان هڪ ننڍڙي باغ ۾ هلي پهتو. اهو ڪُنيا نما باغ ڪنهن پريميءَ کين پيٽ ڪيو هو. اتي هلي هڪ ٿلهي تي پٽ ۾ دادا ويهي رهيو ۽ اسين ٿلهي کان هيٺ پرو ويهي رهياسين. مان اڃان دادا جي اينرو نزديڪ نه هئس پر چپ چاپ اتي ويهي رهيس (نه ته ڪاليج ۾ وڃڻي هئس جيڪو اڳيان ڦليليءَ پرسان هو) دادا ڏگهون ڏگهيون ڪري وينو ۽ اکيون بند ڪري ڇڏيائين. پوءِ ساڄي هٿ جي مُٺ تي ڏائي هٿ جي آڱرين سان تال ڏيڻ شروع ڪيائين. سنگت ۾ سس پُس ٿيڻ لڳي ته ’دادا ڪي گيت ٿو اچي.‘ منهنجي لاءِ اها پولي ۽ اهو نظارو نئين ڳالهه هو. ٻن ٽن پينرن يڪدم ڪاپيون ۽ پينون ڪڍي لکڻ لاءِ هوشيار ٿي ويبون. پيارو دادا مني مڌر آواز ۾ گيت گنگنائڻ لڳو ۽ تيستائين اکيون نه کوليائين. جيستائين آخرين مصرع ۾ ’نوري‘ (سندن تخلص) شبد نه آيو! انوکو آزمودو هو مون لاءِ: مون اڄ تائين ڪنهن پُرش جو اهڙو مِٺو (مُرليءَ جهڙو مڌر) آواز نه ٻڌو آهي!

سندن شخصيت ڪيتري نه ٻاجهاري هئي ۽ دل ڪيتري نه سنمويدن شيل هئي، انجو اکين ڏٺو هڪ مثال لکان ٿي.

۱۹۴۲ جي هلچل ۾ جيل ۾ ويئي هئس، مونسان گڏ حيدرآباد جي ۳- ۴ اِسڪولن جون اٽڪل ۳۰ ڇوڪريون به گرفتار ٿي آيون هيون. انهن ۾ هڪڙي هئي رڪمڻي جيڪا مالٽا شهر جي هئي. جيل مان آزاد ٿياسين. ٻن ٽن سالن بعد سندس شادي جو ڪارڊ مليو هو. حيدرآباد ستسنگ جي ويجهو سندن وڏو شاهي گهر هو. سناواڙي رات جو هن پنهنجي پيڪي گهر جي ڪڏ تان وڃي ٽپو ڏنو ۽ هيٺ پٿرن واري گهٽيءَ ۾ سندس جسم رتورت ٿي بي جان ٿي ويو. سندس ماءُ ڏک وچان بيهوش ٿي ويئي. دادا واسواڻيءَ کي سندس گهر وارا ڪوٺڻ آيا. ديالو دادا يڪدم ٿوري سنگت سان گڏ رڪمڻي جي گهر پهتو. چوگرد

دادا واسواڻي، سندس جيون ۽ شخصيت جيئن مون ڏٺي

ايشوري جوتواڻي

آرياڻيون اوهان جا ڏنو، جيڪي ڏنو هو سو مون ڏنو.

دادا ساڌو واسواڻيءَ جو نالو هو 'ٿانور' يعني اِسٽر! سندس جيون پاڪ ۽ پوتر هئي! برف جيئان اوجل ۽ نرمل هئي! سندس شخصيت مقناطيسي هئي. قدبت جا قداور، مٽي تي چانديءَ جهڙن وارن جو چڻ ڇٽ پهريل هو. تن تي اڇو، بي داغ ڪاڌيءَ جو چولو ۽ ڌوتي. سندن تيجسوي مکڙو منجهانس چڻ روشنيءَ جون ڌارائون پيئون نظر اينديون هيون. سندس حاضريءَ ۾ عجيب سڪون ملندو هو!

ڪيس پريان پنڌ ڪندو ڏسي ائين محسوس ٿيندو هو چڻ ڪو ديو لوڪ جو ديوتا پرٿويءَ تي پنڌ ڪري رهيو آهي، ۽ مستڪ ازخود شرڌا ۾ جهڪي ويندو هو، اهڙو هو سندس تيج-چڪر جو تاثير!

سندس ڪنٺ چڪر ڪليل هو. انجو هڪ دفعو قسمت سان مونکي آزمودو مليو. هونئن ته ڪتابن ۾ پڙهيو هوم ته سنت ڪوي يا درويش شاعرن تي الستي مستي غالب پوندي آهي تڏهن هو ازخود ٻاڻي اُچاريندا آهن! تحقيق الاهي رحمت جي بارش جيڪا سنت ڪوين تي هميشه پئي پوي، انجي تاثير سببان جڏهن سندن سُرت چڙهي ويندي آهي ته سندن مُکه- ڪمل مان، اندر جا امنگ، لفظن جو لباس پهري ائين نڪرڻ لڳندا آهن، جيئن آمين اندر لڪل چشمو اچانڪ پرٿويءَ جو گريبان چاڪ ڪرڻي ٻاهر وهڻ شروع ڪندو آهي ۽ انيڪ پياسي دلين جي پياس ٻجهائيندو آهي!

مان اهو درشيه وساري نٿي سگهان، جيتوڻيڪ ان کي اڄ ٥٠ سال ٿي ويا آهن. سونهاري سنڌڙيءَ جي هاڪاري حيدرآباد جي شهر ۾ جتي ساڌو واسواڻي رهندو هو، ۽ مان نئشنل ڪاليج

سان پيري مونکي ڪاٺ لاءِ ڏنائون اهو ڪاڏو تہ منهنجو اڌ بک لهي ويئي. مان دل ۾ دادا جا شڪرانا پيئي مڃان تہ وري ڪٽيل انب جون قارون آتما واسواڻيءَ مونکي ڏيندي چيائون تہ بک نوارد!

سندن دل ڪيڏي نہ ٻاجهاري هئي. چوندا هئا تہ تون ٽڪل پيئي لڳين. سائيڪل هيٺ رکي رڪشا ۾ چڙهي وڃ. مان چوندي هئس تہ دادا ٽڪ تہ آهيئي ڪين. باقي بہ توهان منائيءَ پٽاڻو ڪارائي تہ بک بہ دور ڪري ڇڏي آهي.' دادا جشن کي تاڪيد ڪري چوندو هو تہ هيٺ لهي ايشوريءَ کي رڪشا ۾ چاڙهي موڪل.' ۽ کيسي مان رڪشا جو ڀاڙو جو ان وقت هو پورا ۴۰ پئسا، اهي ڏيندو هوس.' نٺهڻ اُس ۾، مان تہ گهر تي ويس پر دادا جشن ڏاڪڻ هيٺ لهي، اها ڳالهہ دل کي نہ وڻندي هئي، ڏاڪو ڏاڪو لهندي ڏاڍو دادا جشن کي چوندي هئس تہ توهين تڪليف نہ وٺو. مونکي ڏيو پئسا مان پاڻيهي رڪشا ۾ چڙهي گهر ڏانهن وڃان ٿي. پر هِت بڙي ميئا تو بڙي ميئان، ڇوٽي ميئان سبحان الله!

دادا جشن چوندو هو تہ ڪجهہ تڪليف ڪونهي تون هل ۽ رڪشا ۾ وهاري، هٿ ۾ ۴۰ پئسا ڏيئي، بيهندو هو جيستائين رڪشا هلي! گهٽو پوءِ سمجهہ ۾ آيم تہ دادا جشن مونکي ڇڻ سيکاريو تہ گروءَ جي کهڙي بہ آگيا هجي تہ اها پوريءَ طرح پالڻ ڪجي! واهہ سنت تنهنجي ليلا!

دادا واسواڻيءَ جڏهن ڏکو ڪاڏو هو ۽ هلي ڪين سگهندو هو، تڏهن دادا کي ٽنگن ۾ ڏاڍيون ٽِوچڙ پونديون هيون. يڪساهي ۱۰ - ۱۵ منٽ سمهڻ بہ مشڪل هوندو هو. سو دادا کي اهڙيون گوريون ڏيندا هئا جن جي ڪري دادا کي بي وقتائتي جهوٽا ايندا هئا. رات جي مانيءَ ڪانپوءِ دادا کن پائرن پينرن کي پاڻ وٽ وهاريندو هو. مان ان محل لاءِ نهاريندي هئس! ان وقت ئي سنت عجيب عجيب ڳالهيون ٻڌائيندو هو، ڪتابن سان سندس ڏاڍو پيار، ڪوبہ نئون پستڪ مارڪيٽ ۾ ايندو هو تہ دادا ضرور اهو وٺندو هو. انهي ڪري ڪتابن جي دڪان،

روڏن لڳو پيو هو. سهڻن ڪپڙن ۾ ملبوس رڪمڻي جو لاش زمين تي رکيو هو ۽ ڪيترائي مِٽ مائٽ اُداس چهرن سان بيٺا هئا. ماءُ زار زار روئي دادا جي چرنن ۾ ڪري پئي. دادا ڪيس آٿت ڏيندي روئي ڏنو، دادا جي اکڙين مان ٻوندون بس نہ ڪن. چپن ۾ رڳو ڀڻڪندي چيائين ’ڏاڍي تکڙ ڪيائين.‘ ڪجھ وقت بعد گهر وارن جي دلين تي ٿڌو چنڊ وجهي. دادا واپس موٽيو. تڏهن هڪ ستسنگي پڇيو، ’دادا توهان تہ گيتا جي سکيا ڏيندي ٻڌايو تہ موت آهيئي ڪين. پوءِ توهان ڪيئن رُنو؟‘

دادا اسان سڀني ڏانهن نهاري چيو ’ان وقت مون پاڻ کي رڪمڻيءَ جي ’ماتا‘ سمجھيو!! ۽ ڪيترو نہ آئڊنيٽيفڪيشن! سندس شخصيت جو! هڪ ٻيو انوکو مثال ٻڌايانوَ جيڪو مون سان ٿيو هو. ٦٠ جي ڏهاڪي جي ڳالھ آهي. مان تڏهن واڊيا ڪاليج ’سنڌي‘ پاڙهيندي هئس ۽ هڪ ٻجي واندي ٿي سائيڪل ۾ تي چڙهي واپس موٽندي هئس. رستي تي وچ ۾ دادا واسواڻي جو آستان هو. جڏهن ان هنڌ پهچڻ ۾ هوندي هئس تہ من مستي ڪندو هو، الاجي دادا جو در کليل هجي يا نہ هجي، بلڪہ بہ لڳي آهي. گهر وڃي گرم گرم ماني چونہ کانوان. پوءِ رات جو دادا جو درشن ڪنديس.‘ پر عجب تہ ڪمپائونڊ وٽ پهچندي ئي منهنجي سائيڪل پاڻمرادو چڻ تہ ڦاٽڪ اندر گهيڙڻ لاءِ مُڙندي هئي ۽ مان جڏهن ڏاڪڻ چڙهي مٿي پهچندي هئس تہ دادا جو در کليو پيو هوندو هو، ڪڏهن ٿورا پائر پينرون وينا هوندا هئا. دادا اهڙو تہ ڪيڪاريندا هئا جو ٿڪ ئي لهي ويندو هو. هڪ دفعي جلدي دادا سنگت کان موڪلايو جو مانيءَ جو وقت ٿي ويو هو. مان اجان اٿڻ تي هئس تہ اِشاري سان وِهڻ لاءِ چيائون، هڪ ننڍي ٽيبل ماني لاءِ وچ ۾ رکيل هئي. هڪ پاسي مان ۽ ٻئي پاسي آتم واسواڻيءَ کي وهاريائون. جلدي دادي سکي ماني کڻي آئي. سادي ماني! پٽاٽا ۽ تورين جي ڀاڄي.

دادا ماني کائڻ شروع ڪئي تہ پهرين هڪ وڏو چمچو پٽاٽن

لڳي ويندا هئا. پوءِ آسيس ڏيئي مُرڪندي موڪلائيندو هو.

هڪ دفعي لاڳيتو ٣- ۴ ڏينهن سانده ڪلاڪ ڪن ننڊ بعد جاڳندو هو ته اکيون بند ڪري جلدي ۾ سڀني کان موڪلائي، پائرن کي چوندو هو ته پينرن کي گهر پهچائي وڃجو.

انهن ڏينهن ۾ مون نئون ريڊيو خريد ڪيو هو ۽ ريڊيو تي هڪ خاص پروگرام هوندو هو: گيت مالا.

دادا وٽ رات جو وهڻ ڪري مونکي وجهه ئي ڪين ملندو هو. نون راڳن ٻڌڻ جو، هڪ ڏينهن مَن ڏاڍي مستي ڪئي چوڻ لڳو، 'دادا ته هاڻي روز ٿو دير سان ننڊ مان جاڳي ۽ يڪدم موڪلائي، سو مان ڪٿي اڄ نٿي وڃان، هرويرو مونکي ٿوريئي مِس ڪندو. مان ڏاڍو مَزي سان ريڊيو هلائي راڳ ٻڌڻ لڳيس. اڃان سوا ڏهه مس لڳا ته ٻاهريون در کڙڪيو. مون چيو ته نهيو اڄ نرملا به سويل اچي ويئي آهي.' پر وري در جي گهنٽي وڄي، مون اندران ئي چيو ڪير آهي؟

مان آهيان آتو، تو لاءِ دادا جو سنديش ڪٽي آيو آهيان. منهنجي ته حالت نه پڇو. در کوليم ته هڪ سائو ڪارڊ ڪٽي هٿ ۾ ڏنائين جنهن تي لکيل هو!

'تمخ! تمخ مج ئطترق، ٹ کر مٹككٹنع جتثج گمترخ!'

الاجي ڪيئن در کي ڪلف پائي وڏيون وڏيون ڀرانگهون ڀريندي آتوءَ سان گڏ وڃي دادا وٽ پهتس. پر دادا کي وري جهوٽو اچي ويو هو! ٻيا مون کي ڏسي مشڪن پيا! چيائون ته اڄ دادا ١٠- ١٥ منٽ مَس جهوٽو کاڌو. تنهنجو پڇيائين. توکي ڪارڊ لکيائين. آتوُ اهو ڪٽي ويو ته اِجهو وري دادا کي ننڊ اچي ويئي آهي!

مطلب ته سنتن جي چال نرالي!

مونکي ايم. اي ۾ فِلاسافي جي وشيه هئي، انهن ڏينهن ۾ يعني ١٩٥٣- ٥٥ ۾، دادا ساڌو واسواڻيءَ جي ڪٽيا ۾، مانيءَ ڪانپوءِ، رات جو روحاني ڪچهريون ٿينديون هيون. ٿوررا جٽا دادا واسواڻيءَ جي چرنن ۾ ويٺا هوندا هئاسين. ڪڏهين

خاص ڪري ماني بوڪ اِسٽال تي گهڻو ڪري روز هلندو هو. ان جو مالڪ شري وشنو دادا جو شرڌالو هوندو هو. ڪيترو وقت دادا بُڪ اِسٽال تي گذاريندو هو ۽ رات جي ڪچهريءَ ۾ انهن ڪتابن جو بہ ذڪر ايندو هو. مثال طور جڏهن دادا ماسٽر ايڪ هارٽ جو ڪتاب پڙهندو هو تہ ان فيلسوف ۽ برهم گيانيءَ بابت ڏينهن جا ڏينهن ڳالهيون ڪندو هو. سندس پرسنل لئبرريءَ ۾ پوربي ۽ پشچمي سنتن، ڪوين، برهم گيانين فيلسوفن ساهتڪارن ۽ يوگين جا ڪتاب هوندا هئا. ڪڏهن تہ شري وشنو ماني کين نئين ڪتاب جي آمد بابت نياپو پڻ موڪليندو هو. مشن ۾ سنت مالها، 'ميرا' ۽ ايسٽ ويسٽ ڇپجندا هئا. جڏهن بہ ڪو نئون انڪ آتم واسواڻي ڪٽي اچي دادا کي ڏيندو هو تہ دادا ڏاڍي چاهہ سان اهو ڏسندو هو. انجي مٽئر بابت پڇا ڳاڇا ڪندو. گهڻائي ڀيرا نئين ڪتاب کي ڏسي دادا چوندو هو تہ 'اڄ نئون ٻالڪ ڄائو آهي' ۽ پوءِ کلندو هو. ۽ اسين بہ خوب کلندا هئاسين پر کلندي کلندي بہ دادا کي جي جهوٽو اچي ويندو هو تہ اسين پاڻ ۾ ڳالهہ ٻولهہ ڪندي بہ سندس جاڳڻ جو انتظار ڪندا رهندا هئاسين. ڪڏهن ١٥- ٢٠ منٽن بعد ئي جاڳي پوندو هو ۽ وقت پڇندو هو.

هڪ دفعي جا ڳالهہ جو دادا جاڳي مون کان وقت پڇيو، مون واچ ڏسي چيو تہ دادا ٩-٤٥ لڳا آهن. بس دادا گنڀير ٿي چيو 'ايڏي دير ٿي ويئي آهي ۽ توهين نياڻيون اڃان ويٺيون آهيو؟ اٿو يڪدم گهرن ۾ وڃو. چپ چاپ سِر جهڪائي ڪٽيا کان ٻاهر نڪري ايندا هئاسين.

ڪڏهين وري ڪلاڪ ڏيڍ کان پوءِ جاڳ ٿيندي هئس، تنهن وچم ڪيترن کي اباسيون اچڻ شروع ٿينديون هيون. هڪ دفعي رات جا ١١ لڳي ويا. دادا جاڳي وقت پڇيو. وقت ٻڌي مشڪل لڳو ۽ چيائين 'بس فقط ١١ لڳا آهن.' مان تہ سندس ليلا ڏسي چوڻ 'لڳس يار تہ منهنجو ڪنهن مهل ڪيئن تہ ڪنهن مهل ڪيئن! ۽ پوءِ تہ عجيب غريب سنتن جون ڳالهيون اٿين ٿي وينديون هيون، سوال جواب بہ پڇندا هئاسين جو رات جا ١٢

اهو ٻڌي بس اسين اچي ڪِل ۾ ڇُنڪياسين ۽ مزو اهو ٿيو ته پيارو دادا به خوب کِلڻ لڳو، اصل ٻارن وانگر پئي اسان سان گڏ کليائين! ڪاش! اهو نظارو جيڪر، اها گهڙي هڪوار وري جيڪر موٽي اچي! پر اها ته ٿي منهنجي خوش- ڪلپنا!!

دادا واسواڻيءَ جي دل ۽ دماغ کي ليائيندڙ سمجهاڻي، ڀلا ڪيئن وِسرندي؟ وقت جون وِٿيون به وساري نه سگهيون آهن. اُن مشڪندڙ مکڙي کي!!

جڏهن به مان سنڌي بورڊ جي ميٽنگ لاءِ بمبئيءَ ويندي هئس ته موٽندي ٻاڙها ڪيلا وٺي ايندي هئس. دادا کي ٻاڙها ڪيلا وڻندا هئا. سُنو ميوو ڏسي دادا کي خوشي ٿيندي هئي. پونا ۾ انهن ڏينهن ۾ ٻاڙها ڪيلا سولا ڪين ملندا هئا. بمبئيءَ ۾ يونيورسٽيءَ پرسان ٻاڙها ڪيلا سولائيءَ سان ملندا هئا. پيارو دادا هڪ يا اڌ ڪيلو کائيندو هو ته ڏاڍي دل کي خوشي ٿيندي هئم. ڪيترائي دفعا دادا ماني کائيندين. انب ڦار ڪارائيندو هو، 'ڪڏهن ته اڻ مندائتو به انب کاڌو هوندم ته ڪيڏي نه خوشي ٿيندي هئم ان ڳالهه جو ذڪر اڳتي ڪنديس.'

بمبئيءَ ۾ هڪ دفعي ڪيلا مليا ئي ڪين. ٻڌو هوم ته ڪولابا ۾ 'سنگرو فريم' واري دڪان تي ڏاڍيون سندر تصويرون ملنديون هيونۙ. مان اتي ويس ۽ گرونانڪ ديوَ جي هڪ ڏاڍي سٺي تصوير ملي ويم. اُها وٺي مان موٽيس. ٻئي ڏينهن رات واريءَ ڪچهريءَ ۾ جڏهن دادا کي اُها تصوير ڏنم ته نچاٽان ڪيترو وقت 'دادا گروجن ڏانهن نهاريندو رهيو. دادا کي گروجن لاءِ ڏاڍي شرڌا هوندي هئي. نچاٽان دادا ان تصوير ۾ ڇا ڏٺو، ڪهڙو پرڪاش ڏٺو جيڪو منهنجون چرم چڪشون ڏسي نه سگهيون.

انهن ڏينهن ۾ مون دادا جي نوراني جهلڪ ڏٺي!

هڪ ڏينهن دادا کي تپ ٿي پيو، سندن ڪمري ۾، بستري مٿان سامهون اُها گروجن جي تصوير ٽنگيل ڏٺم. ڪيترو وقت پيارو دادا ليٽئي ئي گروجن جي ڌيان ۾ رهندا هئا.

ڪڏهين دادا فيلسوفيءَ بابت عجيب ڳالهيون ٻڌائيندو هو. ايم. اي ۾ سندن وشيہ بہ فلاسافي هوندي هئي. پر سندن ايياس وشال ۽ اونهو هو. مغربي توڙي مشرقي فيلسوفن بابت اهڙيون ڳالهيون ٻڌائيندو هو، جو مونکي وادِيا ڪاليج ۾ پروفيسرن تہ ڪين ٻڌايون هيون، پروفيسر ڊاملي جيڪو يونيورسٽيءَ ۾ مونکي پاڙهيندو هو، انهي بہ ڪڏهن نہ ٻڌايون.

هڪ دفعي مذڪور وشيہ تي گفتگو ڪندي مون چيومانس تہ دادا منهنجي ڏاڍي مرضي هئي تہ شنڪر آچاريہ جو 'اد وئِت واد' اييياس ڪريان، پر وادِيا ڪاليج ۾ بندوبست نہ ٿي سگهيو، تہ دادا مشڪندي چيو، 'ٻالڪي ٻچي ويئي آهين. نہ تہ مغز ۾ چڙ ٺترڪا لڳندا محسوس ڪرين ها.' مون البت عجب ۾ پڇيو، 'جو ڀلا' دادا چيو شنڪر آچاريہ جي فيلسوفي ڏاڍي ڏکي آهي. هُو چويٿو تہ 'سڀ متيا آهي، فقط برهم ستيہ آهي. 'ايڪو برهم دِوتيہ ناستي!'

هنجي ويچار ۾ هيءَ جڳت ٻٽيو ئي ڪين آهي. بس پوءِ تہ دادا جيڪا سمجهاڻي پئي ڏني. تنهن تہ اتي ئي منهنجي دماغ ۾ چڪر ٿي آندا! پوءِ مرڪندي چيائين، 'ڪو چاٽو، درشن جو اِنسان 'شنڪرآچاريہ' ڪي سمجهائي سگهندو ۽ اوچتو چيائين تہ فلاسافيءَ جي وصف (ڊيفينيشن) تہ ٻڌاءِ؟ اوچتو سوال مونکي چرڪائي ڇڏيو. ڪيترائي ڊيفينيشن پڙهيا هئم پر دادا جي اڳيان دماغ ئي نہ هلي؟ تڏهن دادا چيو تہ مان توکي سولي وصف ٻڌايان؟ مون خوش ٿيندي چيو، 'هيو چا ڪپي دادا.' ان وقت ٿورا هيا ڀائر ۽ ڀينرون جيڪي اتي وينا هئا. سي سڀ سجاڳ ٿي وينا ۽ ساڌو واسواڻيءَ جيڪا فيلسوفيءَ جي وياکيا تڏهن ٻڌائي سا اڄ ڏينهن سوڌو ياد اٿم. ڪتابن ۾ پڙهيل انيڪ فيلسوفن جا ڊيفينيشن وسري ويا اٿم.

دادا واسواڻيءَ چيو:-

When 'A' says something to 'B', Which neither A understands nor 'B' understands, but both start nodding & Smiling, that is philosophy.'

اهڙي هئي دادا جي ’سوکشم درشٽي! نيلا ککر ڏسي ڪيس ڪڏهن شام سندر جو درشن ٿيندو هو ۽ سندس ڪنٺ چڪر مان گيت نڪرندو هئا. اِهي گيت ’نوري گرنٿ‘ ۾ ڇپيل آهن.

دادا واسواڻيءَ زندگيءَ جي آخرين ڏينهن تائين گهرجائن جي شيوا ڪئي. جنوريءَ جي ٿڌي مؤسم ۾ بہ هو پاڻ کي ڪرسيءَ ۾ ڪڻائي هيٺ جتي هينئر سندن پوتر سماڌي آهي. انجي پرسان وڻ هيٺان اچي وهندا هئا. ڪيتري سنگت بہ اچي سندن اڳيان پٽ ۾ وهندي هئي. انهن سان روحاني گفتگوُ ڪندا هئا. ١٤ جنوري گفتگوُ جي دؤران پيڻ ستيءَ جيڪا سندن مانيٰ (رسوئي) ٺاهيندي هئي، ان کي چيائون، ’منهنجا ڪپڙا ڪٽي اڄ تہ گهرجائن ۾ ورهائي ڇڏيان، فقط ٢ وڳا رکہ.‘ الا! ايڏو چٽو اشارو ملڻ تي بہ اسين موڙ هيل جيوَ سندس وَچڻ جي ڳالھ سمجهي نہ سگهياسين.

مون ٻانيون هوندا محب مون سان هميشه ١٥ جنوري تي جيئن دادا جن هيٺ اچي وينا تہ چڱي گهڻي سنگت آيل هئي.

١٥ جنوري شام جو دادا کي مٿي ۾ ٿورو چڪر محسوس ٿيڻ لڳو. دادا جشن ۽ ٻين کين چيو تہ هيٺ نہ لهو مٿان تڪليف ․وٺي نہ وڃي. توهين آرام ڪريو. پر لاهوتي فقيرن کي جو ازلي آرام جو آواز پهچي چڪو هو، سو ماٺ ۾ چوٽا وهن، چيائين تہ ’سنگت سان گڏجي آسيس ونڻ ٿو چاهيان.‘ حقيقت ۾ دادا واسواڻي اهو آخرين دفعو ستسنگين (ڪيترن صِدقين) کي درشن ڏيڻ ٿي چاهيو.

١٥-٧ بجي شام جو هيٺ ستسنگہ ۾ لٿو پر جلدي ١٥-٢٠ منٽن بعد چوڻ لڳو ’مٿا چڪر ۾، چڪر مٿي ۾.‘ ۽ شيواڌاري تڪڙو تڪڙو کين مٿي ڪنيا ۾ وٺي آيا. مان ٿورو دير سان اچي پهتس سو سِڌو مٿي ڪنيا وٽ پهتس. در کليو پيو هو ۽ دادا کي پاءُ سندر ٿڌاڻيءَ مٿي تي هلڪي مالش پئي ڪئي، پر دادا جون اکيون اڌ بند هيون. مان ڪنيا ٻاهران بيٺي هئس تہ مٿان اندر وڃڻ جو وجھ مليم... ان رات جو

کجھ ڏينهن بعد، هڪ دفعو رات جو ڪٽيا ۾ ٿورا ڄڻا وينا هئاسين. دادا حال احوال وٺندي پڇندو هو ته اڄ ڏينهن ڪيئن گذاريوَ؟

ائين ڪڏهن ڪڏهن ته عجيب روح- رهاڻ ٿي ويندي هئي. ڪيترا سوال پڻ پڇندا هئاسين. ڳالهين ڪندي دادا ٿورو ماٺ ۾ اچي ويو. اسين به سڀ چُپ. شايد ڪا انوکي گهٽنا- واقعو دادا کي ياد پيو هو. اوچتو چيائون جڏهن مونکي بخار ٿيو هو ته هڪ دفعي اڌ رات جو چڱو بخار چڙهيو. مون پئي گروجن ڏانهن نهاريو. اوچتو گروجن تصوير مان ٻاهر نڪري آيا. سندن هٿ ۾ هڪ پيالو هو جو مونکي پياريائون ۽ پاڻ وري تصوير ۾ سمائجي ويا. مونکي ننڊ اچي ويئي. صبوح جو تب جو نالو نشان ڪين هو!

اسين سڀ جيڪي اتي وينا هئاسين، هيل دادا ڏانهن عجب ۾ نهاري رهيا هئاسين. دادا جون اکيون وري ڇڄڻ ڏيان ۾ هيون. پوءِ چيائين 'گروجن زنده شڪتي آٿو. رام، ڪرشن اِهي سڀ زنده شڪتيون آٿو!'

اهڙي مؤج ۽ اهڙا روحاني آزمودا ڏاڍو ورلي دادا جي مُک مان ٻڌڻ جو وجھ ملندو هو.

چؤماسي جي مؤسم هئي. ڪي ٿورا ڄڻا دادا جي چرنن ۾، سندس ڪٽيا ۾ وينا هئاسين. ڏينهن جا شايد ١١ يا ١٢ لڳا هئا. ٻاهر مينهن پئي پيو. دادا پنهنجي پلنگ تان وري وري ٻاهر وسندڙ مينهن ڏانهن پئي نهاريو، اوچتو نرملا جوتواڻي اچي پهتي. ڪيس نيري رنگ جو 'برساتي ڪوٽ' پيو هو. دادا کي سامهون نهاريندو ڏسي در وٽ بيهي ئي پرنام ڪيائين ۽ پوءِ ڪوٽ لاهڻ لڳي پر دادا واسواڻيءَ يڪ ٽڪ ڏانهس نهاريندو رهيو. نيرو رنگ ڏسي جشن کي چيائين، 'سامهون ته چئتنيه مهاپربهو' بيٺو آهي! اسين اکيون مهٽي پيا نهاريون ته هيءَ ته نرملا بيٺي آهي پر سنت جو درشن، دوردرشن هو. جڏهين ڪوٽ لاهي نرملا اندر آئي ته دادا ڏاڍي آسيس ڪيس ڇڄڻ ته اڃا تائين ڪيس نرملا ۾ چئتنيه مهاپربهو پئي 'نظر آيو!

پياري دادا جشن آتم کي اِشارو ڪيو، هن آنسن کي روڪيندي، دل جهلي 'ڊيٿ سانگ' ڳائڻ شروع ڪيو. اهو گيت سال اڳي دادا واسوانيءَ ڳايو/ لکيو هو ۽ چيو هئائين ته مرتيوُ بعد اهو ڳايو وڃي. منهنجي دل ۾ اهڙو ته طوفان پئي اُٿيو جو چاهيان پئي ته پياري دادا جو اِهو آخرين پساهه جيڪر پڪڙي رکان هان! ڪيڏي نه مورکتا! پر شايد اهو جذبو انترمن ۾ اهڙو گهڙي ويو جو سال پوءِ مون هڪ شعر لکيو هو جنهن ۾ آخرين مصرع اِها هئي ته اجها اِنسان جي آخرين سواس کي ڪاش مان پڪڙي سگهان پڪڙي سگهان!]

(ڊيٿ سانگ ١٩٧٢) خدا حافظ گيت نوري گرنٿ ۾ ڏنل آهي. انجون ڪُجهه مصرائون هِت لکان ٿي:-

اچو هاڻي! اچو هاڻي! منهنجا پيارا وطن واسي!
وناں موڪل اوهان کي ٿي، آهيان آسيس لاءِ پياسي
بيڻي تيار آهي هاڻي منهنجي بيڙي، منهنجي بيڙي
اچي آسيس ڏيو پنهنجي، ڪريو نا ڪين ڪا ديري
وڃڻ جي ويل آئي آهي، ٿئي ٿو ڏينهن اڄ پورو
بازيگر جي آ! هيءَ بازي ختم ٿيو کيل سمورو
خدا حافظ خدا حافظ!

(آخرين)

اٽڪل ٢ بجي دادا جي دماغ ۾ هيمريج ٿيو. يڪدم فون جون گهنٽيون وڄڻ لڳيون. ڊوڪ ڊوڙ تي ڊاڪٽر گرانٽ ۽ ڪيترائي ٻيا ماهر ڊاڪٽر اچي پهتا. ليڪن دادا بيهوشيءَ جي حالت ۾ اچي ويو. ١٦ صبح جو ساڍي ٧ بجي محل منهنجي ڪمري مائي تڪڙو تڪڙو سهڪندي اچي پهتي ۽ چوڻ لڳي، 'توهين اجان گهر ۾ ڪيئن آهيو؟ بابا سائين تہ تمام Serious آهي.' نرملا ۽ مون نيرن ويني ڪاڍي. هٿ مان چڄ ٽوسٽ ڪِري پيو. حيرت ۾ حيران تہ ڪيئن اسان کي خبر تہ ملي آهي؟ تڪڙو تڪڙو تيار ٿي. گهر بند ڪري هيٺ لٿاسين. رستي تان جِنسي ڊوڙون پاتيوسين. (رڪشا نظر نٿي آئي) پوري ٨ بجي مٿي ڪٽيا ۾ پهتاسين! ڪيئن ذڪر ڪريان ان درد ڀرئي نظاري جو؟ سڀي ڪٽيا ڀري پئي هئي. شري جپ صاحب جو پاٺ پئي هليو. دادا پنهنجي سيڄا تي ليٽيل هو. سندن مٿي کان دادا جشن سندن مٿو پنهنجي گود ۾ رکيو هو، جو ڊاڪٽر جو چوڻ هو تہ دادا کي فلاٽي شئي هٽنداسين تہ هوش ۾ اچي سگهيٿو! مونکي چٽو ياد آهي. ان وقت ٥-٨ منٽ بينا هئا. مان پلنگ جي هڪ ڪنڊ کان بيٺي هئس. شئي جي تياري هئي ۽ جيئن دادا جشن، ساڌو واسواڻي جو پاسو ٿي بدلايو تہ دادا اکيون کوليون، نيلي گهري ساگر جهڙا نيڻ، جشن ڏانهن نهاري ڪانئس موڪلايو ۽ اکيون بند ٿي ويون! اُمالڪ دادا جشن جي وات مان نڪتو. 'کيل ختم!' اهو آخرين درشن مون ساڌو واسواڻي' جو ڪيو ١٦ جنوري ١٩٦٦ ۾.

تڏهن تہ چوان ٿي تہ 'آرياڻيون اوهان چا ڏِنو، جيڪي ڏنو، سو مون ڏنو!'

ڪٽيا ۾ سڏڪن ۽ سسڪين جي آواز سان ڀرجي ويئي. دادي ستي تہ زور سان اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳي. پر شانتي ۽ دادي هري سانت ۾ اکين مان گنگا جل ٻاڙي رهيون هيون. ان وقت دادا جشن جي اِشاري تي ست سنگي ٻڌي زور سان چيو:

جو بولي سو نهال- ست سري اڪال!

ڪرڻ جو. سنڌ ۾ گهڻا اڳوان گانڌي جي ويچارن سان سهمت ڪين هئا. ان ڪري ستياگرهه ڪي اپنائڻ لاءِ تيار ڪونه هئا. ساڌو واسواڻي گانڌي جي ’اسهڪار هلچل‘ جو اڳوان بڻيو ۽ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ان جو پيغام پهچايائين. آگسٽ ٢٨ ۽ ٢٩- ١٩٢٠ ۾ ’سنڌ پراونس ڪانفرنس‘ ڪوٺائي ويئي. جنهن جي صدارت شري درگاداس آڏواڻي ڪئي.

ان ميٽنگ ۾ ساڌو واسواڻي ’اسهڪار هلچل‘ کي اپنائڻ جو نهراءُ پيش ڪيو ۽ حاجي عبدل هارون ان کي ٽيڪو ڏنو. مکيه ميمبرن نهراءُ پاس ڪرڻ کان انڪار ڪيو. پر ساڌو واسواڻي ويهن نهن جو زور لڳائي نيٺ نهراءُ پاس ڪرايو. مکيه ڳالهه اِها آهي ته سنڌ ۾ ساڌو واسواڻيءَ جي اڳواني هيٺ ستياگرهه جو نهراءُ پهرين پاس ٿيو ۽ هڪ مهني ڪانپوءِ سيپٽمبر ١٩٢٠ ۾ ڪانگريس ڪاميٽيءَ، ڪلڪتي بيٺڪ ۾ هن نهراءُ کي پاس ڪيو.

’اسهڪار هلچل‘ کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ ساڌو واسواڻي سنڌ ۾ پري پري ڳوٺن ۾ ويو ۽ ليڪچر ڏنائين. ڪڏهن ڪڏهن ته ڏينهن ۾ چار يا پنج ليڪچر به ڏيندو هو. اُن زماني ۾ سفر ڏکيو هوندو هو. پر دادا واسواڻي بس ۾ ٽانگي ۾، موٽر ۾ يا پد ياترا ڪري سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ويو ۽ خاص ڪري اُتر سنڌ ۾. هزارن ۾، سنڌواسين کان ستياگرهه قبول ناما صحي ڪرايائين. ساڌو واسواڻي هن ستياگرهه کي رچناتمڪ آندولن ڪري ڪوٺيو. ١٩١٨ ۾ ساڌو واسواڻي ’نيو ٽائيمس‘ اخبار جو ايڊيٽر بڻيو هو. هيءَ پهرين انگريزي اخبار هئي جا ڪنهن ڀارت واسيءَ ڪڍي هئي. هن کان اڳ سنڌ ۾ سڀ انگريزي اخبارون فقط انگريزن ئي ڪڍيون هيون. ساڌو واسواڻي بي ڌڙڪ ٿي سرڪار جي ظلمن جي اوگهڙ ڪندو هو. ساڌو واسواڻي جي ڪوشش سان ئي ’اسهڪار هلچل‘ سنڌ ۾ ڪامياب ٿي.

اسهڪار هلچل وقت خوب هڙتالون ٿينديون هيون ۽ سڀ ڌنڌا، دڪان وغيره بند رکيا ويندا هئا. انهن ئي ڏينهن ۾ گانڌي هڙتال ڪرڻ جو سڏ ڏنو. دادا واسواڻي ڪراچيءَ ۾ ڪاميابيءَ سان هڙتال ڪرائي. پر هڪ ڳالهه جو هن خاص خيال

ساڌو ٽي. ايل. واسواڻي
هڪ سچو ديش ڀڳت ۽ سماج سڌارڪ

پروفيسر جي. سي. مورجاڻي

ساڌو ٽي. ايل. واسواڻي ويهين صدي جو هڪ مهان سنت ٿي گذريو آهي. هو نہ صرف هڪ ليکڪ، ڪوي، فيلسوف، ودوان هو. پر اوچ ڪوٽيءَ جو ديش ڀڳت هو. ساڌو واسواڻي جو يوگدان هر کيتر ۾ رهيو آهي. مان سندس آزادي آندولن ۽ سماج سڌارڪ پهلوءَ جون ڪجھ حقيقتون پيش ڪري رهي آهيان.

ساڌو واسواڻي ١٩١٨ ۾ پٽيالا ڪاليج جي پرنسيپال جي عهدي تان استعفا ڏيئي لوڪ شيوا لاءِ پبلڪ جيون ۾ قدم رکيو. سندن جيون جا پبلڪ جيون جا ٽي مکيہ روپ اُڀري اچن ٿا. ديش ڀڳتي، سماج سڌار ۽ ميرا تعليمي هلچل.

(١) ديش ڀڳتي:- ١٩٢٠ ۾ ساڌو واسواڻي سياست ۾ گهڙيو ۽ گانڌي جي اسهڪار هلچل کي دل وجان سان سهڪار ڏنو.

نوجوانن جي جسماني، دماغي ۽ آتم شڪتي کي سمپورڻ بڻائڻ جو وڪاس ڪيو.

(٢) سماج سڌار: هن کيتر ۾ ساڌو واسواڻي جو مکيہ اِسم هو. استري اُڌار.

(٢) ١٩٣٣ ۾ ساڌو واسواڻي وديا کي نئون جامو پهرايو ميران وديا هلچل جي ذريعي ڌرمي سکيا تي زور ڏنو ۽ فارمل ايڊيوڪيشن جي شروعات ڪئي.

١٩٢٠ مهاتما گانڌيءَ ڀارت واسين کي انگريز سرڪار سان وڙهڻ لاءِ هڪ نئون هٿيار ڏنو اُهو هو اسهڪار هلچل ۽ ستياگره. مهاتما گانڌي جي راڄنيتي فيلسوفي ۾ ساڌو واسواڻي کي پنهنجن اُصولن جي جهلڪ نظر آئي. اُهي اُصول هئا ستيہ ۽ اهنسا. هن کي پورن وشواس هو تہ هي ستياگره راڄنيتيءَ کي پوتر بڻائيندو ۽ لوڪن ۾ آتم شڪتي پئدا ڪندو. ساڌو واسواڻيءَ کي هي هڪ سونو وجھ مليو. ڀارت ماتا جي آزادي لاءِ ڪم

١. صبوح جو ۴ بجي اُٿڻ، ٢. ۵ بجي صبح جو پرارٿنا لاءِ وهڻ.

٣. پاڻ تي پاڙڻ:- سڀ ميمبر پنهنجو ڪمرو، باسڻ پاڻ صاف ڪندا هئا. پنهنجا ڪپڙا بہ پاڻ ڌئندا هئا.

۴. صبوح جو ١٠ بجي گيتا ڪلاس ٿيندو هو. ساڌو واسواڻيءَ نوجوانن کي گيتا جو سار تمام سرل ٻوليءَ ۾ سمجهائيندو هو. هن چاهيو تہ ڀارت جا نوجوان ارجن جهڙا وير ۽ ڪرم يوگي بڻجن. هو ڀارت جو آئينده آهن.

۵. شام جو ۴ بجي ورلڊ مومينٽس سنڊي جو ڪلاس ٿيندو هو. ٻين ملڪن جي اِنقلابي آندولن جون ڳالهيون پڙهائي، ساڌو واسواڻي نوجوانن ۾ ديش ڀڳتيءَ جو جوش جاڳائيندو هو.

٦. شام جو ۵ بجي هندستاني سيپنا ۽ آدرش جي سکيا جو ڪلاس ٿيندو هو. ٧. شام جو راندين ۽ بدني ورزش تي ڌيان ڏنو ويندو هو. ساڌو واسواڻيءَ چيو تہ ديش کي ناهڻ لاءِ مضبوط سريرن جي ضرورت آهي. ٨. رات جو ٩ بجي وري پرارٿنا جو ڪلاس. ساڌو واسواڻي ڪتابن جي وديا سان گڏ روحاني وديا ڏيڻ تي زور ڏنو.

اهڙي طرح شڪتي آشرم هڪ آدرشي آشرم بڻيو ۽ هن جو اثر ساري ڀارت تي ٿيو. ڀارت جي جدا جدا شهرن مان سٺي جاتين جا وڏا وڏا پڙهيل ماڻهو هن آشرم ۾ اچڻ لڳا. ڀارت جا نيتا:- مهاتما گانڌي، جواهرلال نهرو، آچاريہ ڪرپالاڻي، ڊاڪٽر راجيندر پرساد، ڊاڪٽر شاستري ۽ ٻيا ڪيترائي هن آشرم ۾ آيا ۽ ساڌو واسواڻي سان گڏجي ڏاڍو خوش ٿيا. هڪ دفعي ڪيمبرج اِسڪول جا ڪيترا شاگرد بہ اچي هتي رهيا هئا. اهڙيءَ طرح نوجوانن جي من، بدي ۽ اڌياتمڪ اُنتيءَ ۽ وڪاس جو ٻج پيو.

نوجوانن ۾ ديش ڀڳتيءَ جو جوش جاڳائڻ لاءِ ساڌو واسواڻي انگريزي ۾ اٽڪل ڇاليهہ کن ڪتاب لکيا. ڪجهہ نالا هيٺ ڏجن ٿا.

1. India Arisen, Awake!, 2. Young India, 3.Apostlee of Freedom
4.India in chains, 5. Builders of Tomorrow, 6.My Motherland

رکيو، هن کير وارن کي موکل ڏني تہ ٻارن، بيمارن ۽ ٻڍن کي کير ضرور پهچائين.

١٩٢١ ۾ ستياگرھ جو پيغام سنڌ ۾ ايترو نہ ڦهليو. ١٩٢١ ۾ گانڌي سنڌ ۾ آيو. هن ساڌو واسواڻي سان گڏ روهڙي لاڙڪاڻو ۽ شڪارپور جو دؤر ڪيو ۽ ماڻهن ۾ جاڳرتا ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ساڌو واسواڻيءَ جي ڪوشش جي ساراھ ڪيائين.

١٩٢٢ ۾ گانڌي 'اسهڪار هلچل' بند ڪرائي. ساڌو واسواڻي بہ راڄنيتي ڪيتر مان ٻاهر نڪري آيو. سنڌ جي نيتائن کي مشهوري ۽ طاقت لاءِ هڪ ٻئي سان وڙهندو ڏسي، ساڙ وير جو روش ڏسي ساڌو واسواڻي جي نازڪ دل کي صدمو پهتو. هو صاحب راڄنيتي ڪيتر ۾ ڀارت ماتا کان غلامي جي زنجيرن مان آزاد ڪرائڻ لاءِ گهڙيو هو ۽ نہ مشهوري لاءِ يا ڪنهن عهدي پائڻ لاءِ. ١٩٢٢ ۾ ساڌو واسواڻي پنهنجي ديش شيوا جو رخ بدلايو. هن کي پڪ ٿي تہ راڄنيتي جاڳرتا آڻڻ لاءِ ضروري هو تہ پهرين سماج ۾ سڌارو آڻجي.

هينئر ساڌو واسواڻي نوجوانن کي ديش جا سچا سپاهي بڻائڻ لاءِ 'نوجوان آندولن' شروع ڪيو. هن ڏٺو تہ ڀارتي نوجوان انگريزي وديا پائي پنهنجي اوچ سڀيتا کي وساري ويٺا هئا. مغرب جو نقل ڪري پنهنجو ٻل ۽ شڪتي اجاين ڳالهين ۾ برباد ڪري رهيا هئا. ساڌو واسواڻي محسوس ڪيو تہ جيڪڏهن ڀارت کي آزاد ڪرائڻو آهي تہ نوجوانن ۾ آتم شڪتي جاڳائڻي آهي، ان لاءِ ضرورت هئي هڪ 'يُوڪ مرڪز' جي. ١٩٢٥ هن هڪ پبلڪ ليڪچر ۾ اِها خواهش ظاهر ڪئي. ڊاڪٽر ڪيشو ديو شاستريءَ تي ساڌو واسواڻيءَ جي اکرن جو ڏاڍا گهرو اثر ٿيو. هن راجپور ۾ جيڪو ديهرادون کان ٧ ميل پري آهي، پنهنجو وڏو بنگلو دادا کي ارپن ڪيو. ١٩٢٦ ۾ ساڌو واسواڻي ان بنگلي ۾ شڪتي آشرم کوليو. هيءَ فخر جي ڳالھ آهي تہ ساڌو واسواڻي هندستان ۾ نوجوان آندولن جو پايو وڌو. ڀارت جي ٻين پرانتن ۾ نوجوان آندولن ١٩٣٠ کانپوءِ شروع ٿي. نوجوانن کي شڪتيوان ۽ ٻلوان بڻائڻ لاءِ ساڌو واسواڻي آشرم واسين لاءِ ڪجھ ٻنڌن رکيا.

ڏيندو هو. هو اِسترين کي گيتا مان، گرن جي جيونين مان پرسنگ ٻڌائي سکيا ڏيندو هو.

سکي ستسنگہ جي ڪاريہ کي مشهور ڪرڻ لاءِ ساڌو واسواڻيءَ پهرين ۱۹۳۱ ۾ ۽ پوءِ ۱۹۳۴ ۾ ٽن ڏينهن لاءِ ڪانفرنس ڪوٺائي. اِها ڪانفرنس صرف اِسترين لاءِ هئي. هن ڪانفرنس ۾ هيٺيان ٺهراءُ پاس ڪيا ويا.

۱. سادگي ۽ سوديشي تي روز ڏنو ويو. انهن ڏينهن ۾ حيدرآباد فئشن جو مرڪز هو ۽ اِسترين کي وديشي ڪپڙن پائڻ جو شونق هوندو هو.

۲. ڏيتي ليتي کي نديو ويو. ساڌو واسواڻي چيو زالن کي پنهنجو سنمان اوچو ڪرڻ کپي ۽ ڏيتي ليتي ڏيئي شادي نہ ڪرڻ کپي. ساڌو واسواڻي هڪ ليکہ ۾ لکيو آهي:

'The Cruel dowry- system is an insult to the womanhood of Hyderabad. The time has come when educated girls must refuse to submit in silence.'

۳. اِسڪولن ۾ سنسڪرت ۽ هندي سيکارڻ تي زور ڏنو ويو.

ساڌو واسواڻيءَ ڪراچي، روهڙي ۽ شڪارپور ۾ ناري شالائون کوليون جئن گهرجائو اِستريون ڪجهہ سبق پرڻ جو ڪم ڪري پئسا ڪمائي پنهنجن پيرن تي بيهي سگهن. روز بہ روز سکي ستسنگ ۾ اِسترين جو تعداد وڌندو ويو. جهونن ۽ تنگ خيالن جا ماڻهو سماج سڌارڪن جي هميشه نندا ڪندا آهن. حيدرآباد جا بزرگہ بہ ساڌو واسواڻي تي ڏاڍو ناراض ٿيا. ڪيترن تہ اخبارن ۾ سکي ستسنگ جي نندا ڪئي. پر ساڌو واسواڻي اڏول رهيو. پوءِ آهستي آهستي هنن کي ساڌو واسواڻي جي سکيا تي وشواس ٿيو. هنن پنهنجن پتنين ۽ ماتائن جي ويچارن ۽ هلت ۾ ڏاڍو سُڌارو ڏٺو. اِسترين جي اندروني ٻُڌي ڪلي اهڙي طرح ستسنگ ويو زور پڪڙيندو. پر ڪنهن بہ ٻالڪي يا پيڻ کي گهر جي موڪل ڪانسواءِ اچڻ جي اِجازت نہ هئي. ساڌو واسواڻيءَ جي پهرين سکيا هئي تہ گهرو فرض ضرور پالن ڪريو. جڏهن گهر نهندا تڏهن ملڪ نهندو. ڪجهہ سالن ڪانپوءِ مردن ساڌو واسواڻي تي زور آندو تہ هو کين بہ ستسنگہ جو

7. India's Adventure, 8. The Secret of Asia, 9.The Aryan Ideal

ساڌو واسواڻيءَ جي ديش ڀڳتي واري ساهتيہ گانڌي تي ڏاڍو اثر ڪيو. هڪ دفعي جڏهن مهاتما گانڌي جيل ۾ ويو تہ پاڻ سان گيتا ۽ ساڌو واسواڻي جا لکيل ڪيترائي ڪتاب پڙهڻ لاءِ کڻي ويو. ساڌو واسواڻي جو هڪ ليک 'فلاسافي آف وار' گانڌي جي مخزن 'ينگ انڊيا' ٥-١-١٩٢١ جي پهرين صفحي تي ڇپيو. انگريز سرڪار ساڌو واسواڻي جي ڪيترن ئي ڪتابن تي بندش وڌي جو ڪيس ڊپ لڳو تہ اِهي اِنقلابي ليک ماڻهن ۾ سياسي جاڳرتا آڻيندا. هن ڏٺو تہ اِهي انقلابي ليک ماڻهن ۾ سياسي جاڳرتا آڻيندا.

١٩٣٠ کان وٺي ساڌو واسواڻيءَ جي پبلڪ زندگيءَ جو ٻيو دؤر شروع ٿيو. هينئر هن سماج جي سڌاري ڏانهن ڌيان ڏنو. هن ڏٺو تہ سنڌي سماج جي ڪن ڪُرسمن ۽ انڌ وشواس جي ڪري اِسترين کي گهر جي چئن ديوارن ۾ باندي ڪري رکيو ويو هو. اُهي ڪرسمون هيون.

١. منهن ڍڪڻ جو رواج، ٢. ڏيتي ليتي، ٣. ڇوڪرين جي ننڍي عمر ۾ شادي، ٤. ڇوڪرين کي وديا کان محروم رکڻ، ٥. اِسترين کي مردن سان برابري نہ ڏيڻ.

ساڌو واسواڻي محسوس ڪيو تہ جيسين اِسترين کي وديا نہ ملندي تيسين هوُ پنهنجا حق نہ سمجهنديون ۽ نہ ئي گهري سگهنديون. ساڌو واسواڻي جو مکيہ مقصد اِهو ٿيو تہ استري کي پردي کان آزاد ڪري، گهر کان ٻاهر آڻي، ڪيس ڌرمي سکيا ڏيئي هڪ سُٺي پتني، هڪ آدرشي ماءُ بڻجڻ ۾ مدد ڪجي. استريون ئي گهر ۽ سماج جا ٿنڀا آهن. ساڌو واسواڻي لکي ٿو.

If you educate a man, you educate an individual, if you educate a Woman you educate a whole family.'

ساڌو واسواڻيءَ کي عورت جي آتم شڪتي تي پورو ڀروسو هو. ان خيال کان ١٩٣١ ۾ هن حيدرآباد ۾ 'سکي ستسنگ' جي شروعات ڪئي. صبوح جو ٦ بجي ستسنگ شروع ٿيندو هو. پهرين ڪيرتن ۽ ڀڄن ٿيندو هو. پوءِ ساڌو واسواڻي ليڪچر

هئڻ ضروري آهي. ان ڪري ۱۹۳۷ ۾ ميران اِسڪول جي ٻالڪين لاءِ ميران هاسٽل کوليائين. ميران هاسٽل ۾ سبق، رڌڻ، نرسنگ، آرٽ ڪرافٽ ۽ فرسٽ ايڊ سيکاريو ويندو هو. ساڌو واسواڻيءَ بدني ورزش تي ڏاڍو زور ڏيندو هو. ان ڪري ميران هاسٽل ۾ راندين تي ڏاڍو زور ڏنو ويندو هو.

اِستري اُڌار جي سلسلي ۾ ساڌو واسواڻيءَ کي هڪ دفعو جيل ۾ وڃڻو پيو. ۱۹۳۹ ۾ ڪراچي جي هڪ ڊارمڪ سنسٿا برپا ٿي. جنهن جي سڪيائن جي اثر هيٺ اچي استريون ۽ ڇوڪريون گهر جي مردن جي موڪل ڪانسواءِ گهر ڇڏي وڃين اُن سنسٿا ۾ رهيون. نه رڳو ايترو پر ٻالڪيون پنهنجي ماتا پتا سان نيڪ وهنوار نه پيئون ڪن. استريون پنهنجي پتين کي گهٽ وڌ ڳالهائي رهيون هيون. مرد اچي ششدر ٿيا ۽ ساڌو واسواڻي کي اپيل ڪيائون ته اسان جي گهرن کي ڊهڻ کان بچايو. دادا پهرين ته سنسٿا جي بانيڪارن سان گڏيو ۽ کين سنسٿا بند ڪرڻ لاءِ وينتي ڪيائين پر هنن دادا کي انڪار ڪيو.

دادا سرڪاري عملدارن سان گڏيو ۽ کين سنسٿا بند ڪرڻ لاءِ چيائين، پر سرڪار جي طرفان بيپرواهي ڏسي دادا ستياگرهه شروع ڪيو. مقرر ڏينهن تي دادا سرگس ڪڍي جنهن ۾ هزارن ۾ ماڻهو اچي شامل ٿيا. سرگس ۾ نعرا هڻڻ جي منع هئي رڳو رام ڌني لڳائڻي هئي. پوليس اچي پهتي ۽ دادا کي ۽ دادا جي ڪيترن شيواڌارين کي گرفتار ڪيو. پبلڪ جو رايو ويو سرڪار جي خلاف ٿيندو. نيٺ سرڪار کي دادا جا شرط منظور ڪرڻا پيا ۽ ڇئن ڏينهن ڪانپوءِ دادا کي سندس ساٿين کي جيل مان آزاد ڪيو ويو.

اِستري اُڌار ته ساڌو واسواڻي جو مکيه اِسم هو پر ان ڪانسواءِ هن ٻيا به گهٽيئي سڌارا سماج ۾ آندا جهڙوڪ:-

۱. شادين تي اڍنگا خرچ نه ڪريو. شادي ۽ غميءَ جي موقعي تي غريبن ۽ گهرجائن کي دان ڏجي ۽ ڪارائجي.

۲. ڇوت اَڇوت جو ڀيد مٽائڻ لاءِ ساڌو واسواڻي هريجن جي

لاءِ وڻڻ جي موڪل ڏئي. ساڌو واسواڻي هنن جي پرارٿنا قبول ڪئي ۽ مردن به ستسنگ ۾ اچڻ شروع ڪيو.

ساڌو واسواڻيءَ کي راندين لاءِ ڏاڍو پيار هو. حيدرآباد ۾ گر سنگت کي هڪ پارڪ خاص ٻينرن ۽ ٻالڪين لاءِ هو. ساڌو واسواڻيءَ کي اُتي اچڻ جي موڪل هئي. اُت روز شام جو رانديون ٿيڻ لڳيون. ساڌو واسواڻي پاڻ به ٻالڪين سان گڏ رانديون ڪندو هو ۽ راندين جون چٽاپيٽيون ڪرائيندو هو.

ڪجھ وقت ڪانپوءِ ساڌو واسواڻيءَ هڪ ’سکي سٽور‘ کوليو جيڪو استريون پاڻ هلائينديون هيون. ان زماني ۾ استريون اِسٽور هلائين اها ڏاڍي نئين ۽ وڏي ڳالھ هئي. شام جو ٥-٦ بجي ساڌو واسواڻي پاڻ اچي اسٽور تي وهندو هو ۽ سوديشي جو پرچار ڪندو هو. سٽور مان جيڪو نفعو ٿيندو هو. اُهو غريبن جي شيوا ۾ خرچ ڪيو ويندو هو. ائين ساڌو واسواڻيءَ استرين ۾ آتم وشواس جاڳايو. ڪجھ وقت ڪانپوءِ ڪراچي ۾ ساڌو واسواڻيءَ هڪ ’هفتيوار ڪلاس‘ استرين لاءِ کوليو. هن ڪلاس ۾ ليڪچر، ڊراما ۽ ڪويتائون جي ذريعي وديا ڏني ويندي هئي. آخر وقت آيو جڏهن ساڌو واسواڻيءَ محسوس ڪيو ته ٻالڪين لاءِ اِسڪول کولڻ کپي. ان اِسڪول جو وايومنڊل اهڙو هجي جتي سادگي، شيوا، پوترتا ۽ پرارٿنا جي آدرش تي زور ڏنو وڃي. ساڌو واسواڻيءَ اِهو ويچار اجان ظاهر مس ڪيو ته ڳالھ چوڌاري ڦهلجي ويئي. حيدرآباد شهر جا ڪي بزرگ ڪم ڪندڙ ناراض ٿيا. انهن چيو اسين اِهو اِسڪول کلڻ نه ڏينداسين. هو ساڌو واسواڻي سان گڏجڻ آيا ۽ کيس اِسڪول کولڻ کان منع ڪيائون. پر ساڌو واسواڻي پريوءَ ۾ وشواس رکي ٤ جون ١٩٣٣ صبوح جو ٥ بجي اسڪول کولڻ جو مهورت ڪيو. هتي ٻالڪين کي نه صرف دماغي سکيا ڏني ويندي هئي پر روحاني سکيا تي زور ڏنو ويندو هو. سکي ميران اِسڪول جي قاعدي ۽ پڙهائي جو نالو سڄي حيدرآباد ۾ ڦهليو. هاڻي سنڌي بزرگن ساڌو واسواڻيءَ تي زور آندو ته ڇوڪرن لاءِ به اِسڪول کوليو. ١٩٣٣ ۾ ساڌو واسواڻي ڇوڪرن لاءِ ’ڪيول سکي آشرم‘ کوليو.

ساڌو واسواڻيءَ جو وشواس هو ته سڀني وديا پائڻ لاءِ سٺو وايومنڊل

ساڌو واسواڻي جي ڪاريہ جو ناموس نہ صرف سنڌ ۾ ڦهليو پر سنڌ کان ٻاهر پرانتن ۾ بہ مشهور ٿيو. هينئر ساڌو واسواڻي کي ڀارت جي جدا جدا هنڌن مان نينڊ اچڻ لڳي. ۱۹۳۵ ۾ لاهور جي 'ڀارت يوڪ سنگهہ' ڪيس ڪوٺ ڪئي تہ اچي نوجوانن کي سنڌن فرض جي باري ۾ سمجهائي لاهور مان ساڌو واسواڻي ملتان ويو. اُتي ڪانگريس ڪاميٽيءَ ساڌو واسواڻي کي هندستان جي مسئلن جي باري ۾ ڳالهائڻ لاءِ چيو.

Sadhu vaswani said, 'The question of India will not be solved by paper resolutions of parliaments assemblies and conference- India needs disciplined and selfless youths to serve as sipahis of motherland.'

۱۹۳۴ ۾ ساڌو واسواڻي ڪراچي، روهڙي ۽ شڪارپور ۾ 'ڀارت ماتا جي شيوا' وشيہ تي ليڪچر ڏنا. ۱ جولاءِ ۱۹۳۴ ۾ روهڙي ۾ ۽ ۱۹۴۰ ۾، سکر ۾ ميران اِسڪول برپا ڪيائين.

۱۹۳۴ ۾ 'بامبي يومينٽيرين ليگ' جي سِلور جبليءَ اُتسوَ ملهائڻ جو پروگرام ٺاهيو ويو. هنن ساڌو واسواڻي کي صدارت ڪرڻ جي نينڊ ڏني. انهن ڏينهن ۾ بامبي جي پارسين بہ ساڌو واسواڻي کي ليڪچر لاءِ گهرايو. هن ڌرمن جي ايڪتا (يونٽي آف رليجن) وشيہ تي ڳالهايو. ۱۹۳۵ ۾ ساڌو واسواڻيءَ حيدرآباد ۾ ٻالڪين جي لاءِ هڪ ائسوسئيشن کولي جنهن کي نالو ڏنائين ٻِلو برڊس. انهن جي اڳيان هن چار اُصول رکيا. ۱. راند، ۲. سيِيتا، ۳. شيوا ۽ ۴. سنگ.

۱۹۳۵ ۾ شڪارپور ۾ 'سنڌ سک ڪانفرنس' ڪوٺائي وئي. اُتي ساڌو واسواڻي کي پريزيڊنٽ ڪيائون. ساڌو واسواڻي 'سڀني ڌرمن ۾ هڪ ايشور' تي دليون ڌوڏيندڙ ليڪچر ڏنو.

۱۹۳۹ ۾ سيلان ۾ اِنٽرنئشنل ۽ اِنٽر رليجن رٽريٽ ڪانفرس ڪوٺائي وئي. ساڌو واسواڻي کي ڪوٺ ڪيائون ليڪچر ڏيڻ لاءِ. ڪولمبو ۾ ڪل چار سماروهہ ٿيا. جت ساڌو واسواڻيءَ انگريزيءَ ۾ ڀاشڻ ڏنا. ماڻهن تي سندس ويچارن جو گهرو اَثر ٿيو. ٻي مهاڀاري لڙائي شروع ٿيڻ کان ٿورا مهنا اڳ ڪراچي ۾ ڪي جرمن نوجوان ساڌو واسواڻي کي گڏيا. ڪيس عرض ڪيائون تہ

بستين ۾ وڃين اُنهن جي گهرن ۽ گهٽين جي صفائي ڪندو هو. انهن جا ڏک درد ٻڌندو هو. ساڌو واسواڻيءَ چيو، 'اڇوتپڻي کي مان هندن جو هڪ وڏو پاپ ٿو سمجهان.'

۳. تن ڏينهن ۾ مندرن ۾ جانورن جي ٻلي چاڙهي ويندي هئي. ساڌو واسواڻي هن ڪُرسم جو ته تمام ننڍي عمر ۾ ورود ڪيو. هُو اڃان اِسڪول ۾ شاگرد هو ته سندس پتا کيس ڪالي جي مندر ۾ وٺي ويو. پوڄا پوري ٿيڻ ڪانپوءِ پوڄاري ماس جا ٽڪرا پرساد ڪري ورهايا. هن وٺڻ کان انڪار ڪيو. سندس پتا کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي ۽ چماٽ هڻي ڪڍيائينس. ساڌو واسواڻيءَ جو پتا ٻن ڳالهين جي ڪري ناراض ٿيو. هڪڙو ته پرساد جو نرادار ڪرڻ پاپ سمجهيو ويندو هو ٻيو ته وڏن جو چيو نه مڃڻ. ساڌو واسواڻي مار کائي به اڏول رهيو.

راجارام موهن رايه ۱۹ صدي جو پهريون سماج سڌارڪ ليکيو ويندو آهي. هن گهڻن ئي بُراين جو ورود ڪيو ۽ انهن مان هڪ هئي جانورن جي ٻلي چاڙهڻ. مان ته چوندس ته ساڌو واسواڻي ۱۹ صدي ۾ ننڍي ۾ ننڍو سماج سڌارڪ ٿيو. هن ننڍپڻ ۾ ئي ٻلي چاڙهڻ جي خلاف آواز اُٿاريو. هُو هڪ سچو پتا ڀڳت هو تنهن هوندي به پتا جو چيو نه مڃين هڪ ڌارمڪ برائي جو ورود ڪيو.

۴. ان زماني ۾ آريه سماج، پراٿنا سماج، هندو سناتن ڌرم کي وري ڦهلائڻ لاءِ هر قسم جي ڪوشش ڪئي. ان جي ڪري هندن، مسلمانن ۽ ڪرستانن ۾ ڀيدڀاءُ ڏاڍو وڌي ويو. ساڌو واسواڻيءَ جا ويچار اُدار هئا. هو سڀني ڌرمن جي عِزت ڪندو هو ۽ سڀني ڌرمن جي ايڪتا ۾ وشواس رکندو هو. ميران اِسڪول ۾ ۽ سکي ستسنگ ۾ سڀني ڌرمن جي مهاپرشن جي سکيا تي زور ڏنو ويندو هو ۽ سڀني سنتن جا جنم ڏن جهڙوڪ رام، ڪرشن، گرونانڪ، ايشا، تڪارام، ڪبير، گيانيشور، ميران ٻائي ڏاڍي اُتساهه سان ملهايا ويندا هئا. ساڌو واسواڻيءَ سڀني ڌرمن جي ست پرشن جي جيونين ۽ سکيائن تي ڪتاب لکيا آهن. ساڌو واسواڻي چيو آهي ته سڀني ڌرمن ۾ هڪ ئي جوت آهي. هيءَ ڳالهه به شهر جي ڪيترن وڏن کي ناپسند هئي.

گرديو ساڌو ٽي. ايل. واسواڻيءَ جو تعليم ۽ ساهت ۾ يوگدان

پرتاپ رامچنداڻي

’سنڌ‘ جو سوڀاڳيه آهي جو ساڌو واسواڻيءَ جو جنم حيدرآباد سنڌ ۾ هڪ مڌيم ورگ جي ڪٽنب ۾ ٿيو. حيدرآباد هن جي جنم ڀومي هئي. سنڌ ۽ ڀارت هن لاءِ ماتر ڀومي، پتر ڀومي ۽ پڻيه ڀومي هئي. سنڌوءَ جي ڀاڻيءَ تي بلڪل ساڌو واسواڻي، نه رڳو ان ٿڃ روپيءَ ڀاڻيءَ جي، پر وشو جي اتهاس جي پهرين لکيل ويدن جهڙن گرنٿن جي ان ’ڀومي‘ کي، مهرشي اروند جي لفظن ۾ مانو کي ’مها مانو‘ بڻائڻ لاءِ وڏو شرف عطا ڪيو آهي.

جيون ورڻن: ساڌو واسواڻي ودوان هو، آدرشي پروفيسر هو، اوچ ويچارن جو مالڪ هو. سنت هو، سماج سڌارڪ هو، اونهو اڀياسي هو. هن ڀهومکي شخصيت جي نظر منش جي ٻاهرئين ڏيل ۽ ڏيکه ويکه ڏانهن ڪونه هئي، پر هوُ ان مانو کي مهامانو بڻائڻ لاءِ ان جي اندر کي پرکي، ’ڀاڻ سڃاڻي ڀاڻ لهه‘ جي وشو وياپي، آنندميه، جڳت، پريورتن ڪرڻ لاءِ. ايشور جو هڪ هٿيار بڻيو.

هوُ ٻال برهمچاري هو. ’من ماري، جڳ جيت‘ جي آڌار تي واسنائن کي نگهوسار ڪري مهان يوگي بڻيو. هن کي پريوءَ فقط نروڳو، مضبوط ۽ سندر شرير نه ڏنو هو. پر ان سان انيڪ سروانگي گڻن جو ڀنڊار بڻايو هو. هوُ پنهنجن گڻن ۽ پرتڀيا سان فصيح زبان ۽ شڪتيشالي ڀاشڻ ڪرتا ئي نه پر اوچ ڪوٽيءَ جو ليکڪ ۽ ڪوي پڻ هو، سنڌيءَ تي ۽ انگريزيءَ تي سندس چڪت ڪندڙ پڪڙ هئي. ان جو هرهڪ چيل، ٻڌايل ۽ لکيل لفظ من، ٻڌي ۽ آتما کي

ڪو سنيهو ڪين ڏئي. ساڌو واسواڻي جو ڪتاب 'دِ آرين آئيڊل' جرمن ٻولي ۾ ترجمو ٿيو هو ۽ جرمني ۾ ساڌو واسواڻيءَ جي ويچارن جو ڏاڍو اثر ٿيو هو.

ساڌو واسواڻيءَ چيو

'Store up your violence in your laboratories and factories and not in your minds and hearts.'

نفرت کي دل ۽ دماغ مان ڪڍي ڦٽو ڪريو. اهڙيءَ طرح ساڌو واسواڻي سنڌ ۽ هند ۾ آزادي لاءِ اِنقلاب آڻاريو.

هندستان جي آزاديءَ کانپوءِ، ساڌو واسواڻيءَ ۱۹۴۹ ۾ پوني کي پنهنجو مرڪز بڻايو. ميران اِسڪول ۽ ميران ڪاليج کولي نئين وديا جو ڦهلاءُ ڪيو. گهڻن ئي قسمن جا شيوا ڪيندر کولي اِنسان ذات جي شيوا ڪئي ۽ نام جو پرچار ڪيو. هينئر دادا جي. پي واسواڻيءَ جي رهبري هيٺ ساڌو واسواڻي مشن وديا ۽ شيوا جا ڪيندر سڄي دنيا ۾ کلي ويا آهن.

مٿين حقيقتن کي ڏيان سان پڙهنداسين ته ڏسڻ ۾ ايندو ته سنڌ ۾ آزادي آندولن ۾ ساڌو واسواڻي سڀني کان اول هو. جينوٽيڪ سوتنترتا هلچل ۾ ساڌو واسواڻيءَ صرف ٻه سال ڀرو ورتو پر اِهو دور تمام اثرائتو ۽ وزندار رهيو آهي.

References:-

1. 'The National. st Movement in sind' (pg. 90)
M. ptail dissertation by prof J. C. Moorjan.
2. 'The call of Mira Education' T. L. Vaswani (Pg. 70)
3.'Mira' (Mira Movement special Number) June 1995. Pg.76. No.8.
4. 'A Saint of Modern India' pg. 206. H. P. Vaswani
5. The call of Mira education pg. 100 T. L. Vaswani
6. A Saint of Modern India. Pg. 295. H. P. Vaswani

گروڪل ختم ٿيڻ لڳا. ويد وياس، نارد، وشوامتر ۽ وسشٽ جهڙن مهرشين جا آشرم فقط سپنا ٿي رهيا چرترهيڻ ٿيڻ لڳو، ان جو ڪو ملهه ڪٿڻ لاءِ ورلي ڪو مهاپرش، مهاوير يا ٻڌ يا گرونانڪ ۽ ٻيا انيڪ ديوتا روپي مارگ درشڪ پنهنجي ليکي پنهنجو ڏونڪو وڄائي ويندا رهيا.

پر ڀارت جي گذريل سون هزار سالن جي غلاميءَ چوطرف انڌڪار پيدا ڪري ڇڏيو. وديا، شڪشا، تعليم وڪرتيءَ ۾ بدلجڻ لڳي. وايومنڊل نراشاجنڪ رهيو. 'يٿا راجا، تٿا پرجا' سڌ ٿيو. ڪن ٿورن چمڪندڙن هندن ۽ ستارن ڪري ڪجهه ڪجهه آشا جو ترورو ڏسبو هو. پر سچي وديا جي ڏس ۾ خاص ترقي نٿي لڳي.

انگريزن جي شاسن ڪال ۾، وديا جو وڏيڪ حراص ٿيو. نمونو بدليو، ڍانچو بدليو، وشيه بدليا ۽ اوچ رچناتمڪ وديا، ڪلا ۽ سنسڪرتيءَ جي بنياد تي ٻڌل شڪشا پرواز ڪندي رهي.

١٩ صديءَ جي وچولي حصي ۾ ١٨٣٨ ۾ انگلنڊ جي مهاراڻيءَ دواران 'مئڪالي' شڪشڻ پڌتي ڀارت ۾ داخل ٿي. ان تعليم جو مکيه مقصد هو 'بابوءَ' جي حضور بڻائڻ يا غلام هندستان جي زنجيرن کي مضبوط ڪرڻ وغيره. اڄان تائين ان تعليم جو گرهه ڀارتيه تعليم تي چالو آهي. فقط 'تعليم' جا بانيڪار انگريزن بدران ڀارتي بڻيا آهن. ساڌو واسوانيءَ وديا- شڪشڻ جي ماحول تي لکندي، نوٽ ڪيو ته

Books are many, around you in the Library, but where is the light? If heart be dark, books teach nothing.'

چوطرف اونده آ دل ۾ روشني نه آهي ته هزارين پستڪاليه اوهان کي ڪجهه به سيکاري نٿا سگهن.

ڇهندڙ هو. ان ڪري ئي تہ مهاتما گانڌي پنهنجي آتم ڪٿا ۾ لکيو تہ رات جو هوُ ساڌو واسواڻيءَ جي پستڪن کي آدر سان پڙهي، اپياس ڪندو هو. راشٽرپتي راجيندر پرساد جي لکيو تہ هن جو هرهڪ لفظ پريرڻا جو جهرڻو آهي، مسلم سماج جي ميڙ ۾ اسلام بابت ڳالهائيندي، ان سماج کي پاڻ تي موهت ڪيائين، جن ۾ کي وڏي عجب ۾ پڇڻ لڳا تہ 'سائين اوهين مسلم سماج جا اوليا ۽ سعيد آهيو؟ پشچم جي ودوان فلاسافرن جي پستڪن جو اپياس ڪيائين. هيگجل، روُسو، ٽالسٽاءِ لينن ۽ مانٽيريو ۽ برناردشا وغيره جي فيلسوفيءَ کي ڄاتائين. پنهنجي 'چرتر' کي هماليہ جي اوچائي ڇهڻ لاءِ واسنائن رهت ڪيائين ۽ جي ٽالسٽاءِ پنهنجي خراب سپنن کي، انهن کي نالو نيست نابوءَ ڪرڻ لاءِ سياري جي ازحد ٿڌ ۾ ننگو ٿي، سڌا هٿ ڪري، انهن تي ڳرا ڪتاب رکي، پاڻ کي سزاياب ڪيو تہ ساڌو واسواڻي، اهڙي طرح واسنائن کي ختم ڪرڻ لاءِ پنهنجي پهراڻ اندران ڪنڊن جا ڍير رکي، انهن کي دٻائي، پنهنجي من کي پوتر رکڻ جو اپاءُ ڪيو.

هوُ ڀارت جو فرانسز هو. هو پشچم هندستان جو وويڪانند هو ۽ هوُ سيني مذهبن ۽ پنٿن جو آدر ڪندي بہ 'گيتا' کي مهاتما گانڌيءَ جيان پنهنجي 'ماتا' مڃيندو هو، ان ڪري تہ ۱۹۱۰ ۾ ورلڊ برلن وشو ڌرم سڀا ۾ هندو ڌرم تي وياکيانن معرفت، سيني کي مگن ڪري آيو ۽ سناتن ڌرم جو جهنڊو پشچم ۾ جهولڻ لڳو.

ڀارت جو ماحول ۽ وديا جي ڪيتر جي ياترا.

ڪنهن ڪان ڳجهو آهي تہ گذريل ۳ هزارن سالن کان منش جي گراوٽ جي تيزي وڏي آهي. نالندا ۽ تڪشلشلا جهڙيون آدرشي يونيورسٽيون حملاورن جي تعصيب ناس ڪيون.

لاءِ هن ليڪڪ کي پڻ ان ۾ يوڳدان ڪرڻ جو سونهري موقعو مليو. مدليئر ڪميشن ان نيتيءَ جو مسوّدو ظاهر ڪيو. ليڪڪ، مئتري مهاوديالیہ ۽ منڊل ڳانڌيڌام جي بانيڪار جي ناتي، ڪڇ جو ان وقت ’ ۾‘ سيٽ هو، ان راجيہ جي پرتينڌيءَ جي ناتي، مهابليشور ۾ پورو مهنو رهي، ان مسودي کي فائينل روپ ڏيڻ لاءِ ڪيندر سرڪار جي سڏ تي سيمينار ۾ شريڪ ٿيو. ڏينهن رات بحث مباحثا ٿيا. هرهڪ لفظ ۽ پئرا جي تور تڪ ڪئي. اوچ مقصد جيئن تہ ديش ڀڳت بڻائڻ، چرتروان بڻائڻ ۽ وگيانڪ درشٽي ڪوڻ رکڻ لاءِ وديارٿين کي تيار ڪرڻ، انترراشٽريہ ڪيتر، ديش جي ڪاروبار هلائڻ وغيره جا مقصد طئہ ٿيا.

۱۹٦۵ جي آسپاس، اوچي تعليم کي نئون روپ ڏيڻ لاءِ ڪوٺاري ڪميشن برپا ٿي. پرڌان منتري راجيو ڳانڌيءَ جي ايامڪاريءَ ۾ ضلعي وارا اوچي معيار وارا وديارٿي پيدا ڪجن، ان لاءِ ’نوديہ‘ يوجنا، اندرا ڳانڌي اوپن يونيورسٽي وغيره عمل ۾ آيا. اڄو تہ اوکہ ڊوکہ ڪريون تہ اسان جي تعليم جو درجو ڪٿي بيٺو آهي؟ پرشٽاچار وڌيو آهي، انوشاسن هيٺتا وڌي آهي، بي ايماني وڌي آهي ۽ سوارٿ تي ٻڌل، شاريرڪ سکہ ۽ واسنائن کي توج مليو آهي. نئين سرڪار نئين ڪميشن لاءِ ’تعليم‘ جو نئون سرشتو سرڪاري ٻنڌنن جي وچم شروع ڪيو.

جنهن تعليم ۾ فقط نياٽين، ڪڪين جي تعليم جو بندوبست هو. اُهو زمانو اور هو. زالن کي گهٽي آزادي ٻہ ڪونہ هئي. مائٽن کي تعليم ڪان وڌيڪ ڪڪين کي اُڪلائڻ ۾ رس هو. پر آزاديءَ جي هلچل ۾ ’ماتر شڪتيءَ‘ جو اُپيوگہ ٿيو. ساڌو واسواڻيءِ ٻالڪين لاءِ اسڪول کوليو. دادا چوندا هئا:

اسان جي رهبر ته نعرو هنيو ’اتسو ماست گميه، تمسو ما جيوتر گميه مرتيو رما امر تم گم.‘

هن درويش تعليم دان کي ته سوامي ديانند جيان سچي وشو کي آنندميه، منگلميه، شانتي ميه ٻڌائڻو هو. ان لاءِ ته هن کي گيتا جي اُپديش جيان يوگي ٻڌائڻ هئا.

योग: कमर्सु कौशलम.

اُتم ڪرم ئي يوگ آهي. ماتر ڀوميءَ لاءِ مري مٽجڻ جي وديارٿيءَ ۾ تمنا هجي، ڀارت جي ادميه غريبيءَ کي دور ڪرڻ لاءِ لگن هجي ۽ پاڻ کي ناهڻ لاءِ اوچو آدرش هجي. مطلب ته

جيئڻ ڀلو آهي، تن جو، جي جيئن ٿا ٻين لاءِ

مرڻ ڀلو آهي انهن جو، جي جيئن ٿا پنهنجي لاءِ.

هيءَ کهڙي تعليم آهي، جنهن ۾ ماءُ پيءُ جي عزت نه هجي، پتي پتنيءَ جي وچ ۾ پيار نه هجي. گهر ڌندا وڃن، ٻالڪ ۽ مائٽ چرتر هيڻ هجن، واسنائن ۾ هوش هجن. ’ماتر ديوو ڀوَ، پتري ديوو ڀوَ، گرو ديوو ڀوَ‘ يا ته هجن ڪونه، يا ته ادمبر ۽ دولاب تي ٻڌل هجن. ڀارت جو ٻيون ودوان راشٽرپتي ڊاڪٽر راڌاڪرشنن، ساڌو واسوانيءَ کي عظيم عزت سان ملندو هو، حيدرآباد سنڌ ۾ ساڌو واسوانيءَ جي شروع ڪيل ’ميران هلچل‘ جي اپياس لاءِ، ساڌو جن جي سڏ تي حيدرآباد ته آيو هو (آزاديءَ کان اڳ)، پر پوني پڻ آيو هو. ٻئي شڪشا شاستري هئا.

آزاد ڀارت ۾ سکشا پڌ تي ۽ ان ڏس ۾ کنيل قدم ۱۹۵۴ ۾ پرڌان منتري نهروءَ جي اڇا موجب ’تعليم‘ کي وڌيڪ لاڀدايڪ ٻڌائڻ لاءِ هڪ ڪميشن ڊاڪٽر مدليئر جي پرڌان پڻي ۾ ٻڌائي ويئي. ماڌيم شڪشڻ کي سڌارڻ لاءِ هن ليکڪ کي پڻ ان ۾ يوگدان ڪرڻ جو سونهري

سادگي- من، وچن ۽ ڪرم ۾ سادگي، ساڌو واسواڻي چيو

Be Simple, Be Strong.

تلڪ، گانڌي، ونوبا ان ڪري شڪتيشالي بڻيا جو هو 'سادگيءَ' وارا هئا.

Sipmle living & High Thinking, All that glitters is not Gold.

انهنجو آدرش هو. هن گڻ ڪري گهٽا اوگڻ ناس ٿي ويندا. ديش Cousumerism، جي مرض کان بچندو. تناءُ گهٽبو. سرڪاري خزانو ڀربو ته راشٽر جي بک ۽ بيروزگاري دور ٿيندي.

ڀيو گڻ آهي شيوا

Service of needy is worship of God.

ڀلا، ديش کي ۽ وشو ڪلياڻ لاءِ چا گهرجي. پوءِ بڌا گهر ڪونه کلندا. وڏڙا پنهنجن ننڍڙن ٻالڪن سان کيلندا ۽ خوش رهندا. آسيس ڪندا. مانسڪ بيماريون گهٽبيون ۽ چونديل پرتيندي ۽ آفيسر هن گڻ کي اپنائڻ سان ڀارت کي مهان بڻائيندا.

Secret of true streughtu is purity.

پوترتا- راڄنيتڪ نيتائن ماتا سيتا، گارگي، دروپدي، اهليا وغيره پتورت نارين ڀارت کي بچايو ۽ اڄ به مهان راشٽر جي رچنا ۾ وڏو يوگدان ڪنديون. من، وچن ۽ ڪرم جي پوترتا، سچي تعليم جو نتيجو آهي. جي پوترتا جو گڻ گرهڻ ٿي ويو ته ڏسڪو عدم پيدا ٿي ويندو، فلمن جي اُگهاڙپ نيست نابود ٿي ويندي. اِسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ پوءِ جاتي (سيڪس ايڊس) وديا جو ضرور نه پوندو. ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جا اسڪول ۽ ڪاليج جدا ٿيندا ته رڱنگه بند ٿي ويندي، ٻئي جنسون پنهنجي پنهنجي گهربل وديا حاصل ڪنديون. 'مس اِنڊيا' 'مس ورلڊ' پڻ نه رهندا. گهرن ۾

If you educate a man, you educate only an individual; but if you educate a woman, you educate. a faimly.

هي ۽ اهو زمانو آهي جڏهن مهاتما گانڌيءَ 'نئين تعليم' جو نعرو لڳايو

Head, Heart & Head

ٽن ڳالهين جي ملڻ سان اوچي انسان جي اُتپتيءَ جو ڪاريہ شروع ٿيو. پر نئين تعليم گهٽ چِتاءُ نہ ڪيو چوتہ راشٽر اجان پورو جاگرت ڪونہ ٿيو هو.

ميران اسڪول جو پايو پئجي ويو. سڀ پينرن لاءِ، اڏياپڪ بہ پينرون (مان هري ديوي، مکيہ اڏياپڪا) ۽ وديارٿي بہ پينرون، ڪڪيون، حيدرآباد ۾ لڳل ٻوٽو وڏي وڻ ٿيو. حيدرآباد جي ٽڪريءَ طرف ۽ ڦليليءَ طرف ان ٻوٽي جون شاخون ڦهلجي، شاه بلوط جو روپ وٺڻ لڳيون، ڪڪين جو انداز وڌيو ۽ اهو پوني ۾ اچي جڳہ وکيات بڻيو آهي.

ساڌو واسواڻي، ميران هلچل سان ثابت ڪيو تہ ڪڪين جي سڪولن ۽ ڪاليجن ۾ ڇوڪرن جو هجڻ، هڪ طرف چرتر کي نقصان ٿو پهچائي، ماحول بگاڙي ٿو. شڌ تعليم ۽ پينرن جي لائق پڻ تعليم جو هنن جي جيون ۾ ڪارائتي بڻجي، سندن ۽ ٻين جي هن سنساري ياترا کي سڦل ڪن.

ان وقت ستر سال اڳہ، ميران اسڪولن جا نهيل نيم، اڄ بہ لاڳو آهن. هن شڪشڻ جي ڍانچي کي چئن مکيہ ٿنين تي بيهاريو ويو. ڊاڪٽر ڪروي پڻ اهڙن اُصولن تي SNDT يونيورسٽي شروع ڪئي. ۱۹۳۳ع ۾ ساڌو واسواڻي جو هڪ دور درشتاهو ان ميران هلچل کي جنم ڏنو. جنهن ۾ فقط نياڻين- ڪڪين جي تعليم جو بندوبست هو. 'پون' اِسڪولن جي برپا ڪندڙ ڊاڪٽر ڪي. ايم. منشيءَ انهن آدرشن جي آڌار تي بيهاري. اُهي مکيہ سڏانت هئا.

1. Simplicity, 2. Service, 3. Purity & Prayer.

نہ سڱل ٿيوا اُها تعليم ۽ کھڙي جاگريڪ سڏانت موجب ٿي ۾ مانو ذات جا گڻ باهر نہ ڪڍي ۾ فقط ڇڻ ڪنهن خالي ٿيلهيءَ ۾ ٺوس ٺوس ڪري ڪجھ پري ۾ ان جي اندرين اڪہ نہ کولي. سنسار کي فقط رٽيندڙ طوطا نہ کپن. جي مقصد اوچو آهي تہ پوءِ ان مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ تعليم جھڙو هٿيار ’شڌ ۽ شڌ‘ هئڻ گھرجي.

نئين سرڪار جي پنهنجي ’ڀارت مهان‘ ڪرڻ لاءِ خواهش آهي تہ پوءِ ايندڙ ايڊيوڪيشن ڪميشن کي ساڌو واسواڻيءَ جي ڏنل پريرڻادائي پريوگہ کي آڌار بڻائڻ ڪانسواءِ ڪو چارو ڪونهي.

ساڌو واسواڻي وشو شانتيءَ جو دوت هو. مهرشي ويد وياس هو. تعليمدان هو. سماج سڌارڪ هو. سفيد پوشاڪ ۾ سنياسي هو. آدرشي اڌياپڪ هو. هوُ يوگيراج هو. اسنکيہ گڻن جو ڀنڊار هو، هو فيلسوف هو. هن جي جيون درشن جي جھلڪ، سماج کي پرم آنند پائڻ جو رستو ڏيندڙ رهبر هو.

هوُ ڀارت جو زردرشتہ وانگيان پٽ پردرشڪ هو. چين جي تائوءِ جيان فيلسوف هو. هندستان جو پيغمبر هو. رحيم هو.

پروفيسر ملڪاڻيءَ لکيو آهي تہ سنڌو ديش فقط ڀارت جي تهذيب ۽ سنسڪرتيءَ جي جنني ئي فقط نہ، پر مصر ۽ يونان جي سنسڪرتين جي ڀڻ ماتا آهي. ساڌو واسواڻيءَ ان ڳالھ کي سڌ ڪيو آهي.

هن جيترا ليکہ ۽ پستڪ لکيا آهن، اُهي وشوَ جي ڪنهن بہ ساهتڪار نہ لکيا آهن. پلي کيس نوبل پرائيز نہ مليو پر سندس لکڻين ۽ ساهت شيوا لاءِ اسانکي نوبل پرائيز کان ڀڻ وڌيڪ سنمان ۽ پرسڪار جو سوچڻو پوندو ۽ ان کي سنمانت ڪرڻو پوندو.

طلاق جو ڪيڙو نہ لڳندو. سماج سوسٽ رهندي.

پرارٿنا- ان تعليم جو چوٿون ٿنڀو ٿيندو. هن بابت ڇا لکان؟ سڀني کي خبر آهي تہ ان پرارٿنا سان ئي 'منشيہ' جي سڃاڻپ آهي. ساڌو واسواڻي جو 'شڪتي آشرم' جو تجربو تہ ان لاءِ هو. جيئن هرهڪ سچو سيوم سيوڪ بڻجي ۽ نرنتر 'راج يوڳہ' ۾ لڳي رهڻ سان 'منش' چولو سڦل ڪري. ساڌو واسواڻيءَ هن وايومنڊل جي اوندهہ کي محسوس ڪرڻ تي ئي لکيو:-

Yet this is another illussion of civilization

سائنس جي ٻوڙ، اسانکي سورداس ڪري ڇڏيو آهي.

پلا تعليم فقط آجيوڪا لاءِ تہ ڪونهي. گيتا جي سورنهين اڌيائ جا ڏنل سڀ 'مانوي' گڻ، مٿين تعليم سان اُپري بيهندا.

येशां न विद्या न तपो न दानम्, न ज्ञानम्,

न शीलं, न गुणोल धर्म ते मृत्युला के भुवीभार भूता,

मनुष्य ३ पेण मृगां

گڻن بنان ماڻهو پسون لڳندو ۽ ڌرتيءَ تي جڻ بوجو ٿي پوندو. ايڊيوڪيشن (ڳڏيل تعليم) اهڙي آهي جهڙي 'چور کي چئجي چوري ڪر، مالڪ کي چئجي سڄاڳہ رهہ' جدا تعليم هئڻ ڪري نہ هوگا بانس، نہ بجيگي بانسري. وديارٿي جدا جدا وڏيڪ چرتروان، ٻلوان، هوشيار ۽ يوڳيہ ناگرڪ بڻجندا، گانڌيءَ جي رام راجيہ جو سپنو پڻ ساڪار ٿيڻ ۾ دير نہ لڳندي.

ساڌو واسواڻيءَ جيڪو نسخو ڏسيو ۽ جنهن هلچل لاءِ جاکوڙ ڪئي، ان کي سڦل ڪرڻ لاءِ آدرشي اڌياپڪ کپندا، ساڌو واسواڻي ما هري ديوي ۾ پياري مربي دادا جشن جهڙن وشو کي ثابت ڪري ڏيکاريو تہ سندس تجربو ڪيترو

هن جو ’نوري گرنٿ‘ وشو جي وڏن گرنٿن، شري گورو گرنٿ صاحب يا ايران جي گلستان- بوستان کان گهٽ ناهي.

هيءُ ساهتيڪارن ۾ سرمور ساهتڪار هو. هن سنڌيءَ ۾ نه رڳو ليکڪ ڪوتائون، بيت ۽ ڪتاب لکيا آهن، پر انگريزيءَ ۾ پڻ عجيب ڪوتائون ۽ ليکڪ پستڪ اسان کي ڏنا آهن.

ماتا سرسوتيءَ جي مٿس ديا هئي. هن مانو جي من کي پرکي، سچو س + هت ادب لکيو آهي، جنهنجو هر لفظ، هر عمر، هر ديش ۽ هر ڪال ۾، هر جاتيءَ ۾ نه فقط پڙهيو ويندو، پر اپنايو ويندو. بابا گنگارام هڪ هنڌ لکيو آهي ته ساڌو واسواڻيءَ جون لکڻيون ساگر جيان پوتر، نرمل، آڪرشڪ ۽ آنند بخشيندڙ آهن. هن درويش ٦٥ سال لاڳيتو ساهت جي شيوا ڪئي آهي.

ڊاڪٽر راڌا ڪرشنن چيو آهي ته هن جي لکيتن ’مانو‘ جي آتمڪ اُنتي ۽ روشنيءَ جو دروازو کوليو آهي.

ساڌو واسواڻيءَ انيڪ وشين تي، ديش ڀڳتي، ماتر ڀڳتي، گورو ڀڳتي انسانيت، تعليم، اوچ شڪشا، اوپر- اولهه جي جدائي ختم ڪرڻ، پريم آدرش، ڪٽنبن جي رچنا، نئين ڀارت جو وشو گوروءَ جي استان تي پهچڻ، سائنس جو پرياڳ، مالڪ سان ملڻ جا رستا، گيتا جي وياکيا، رشين جا سنديش، سو ايمان، چرتر نرماڻ، موت تي فتح نريئه بڻائڻ، غريبن جي شيوا، قرباني وغيره انيڪ وشين تي گوناگون ساهت سرجن ڪيو آهي.‘ اسانکي نه رڳو فخر وٺڻ گهرجي پر ’ان جي ساهتيه جو ابياس ڪري. هن عظيم ليکڪ جو ملهه ڪٿجي.‘







١. ساڌو واسواڻي سيمينار موقعي تي دادا جشن واسواڻي حيدرآباد سنڌ نئشنل ڪاليجيئيٽ بورڊ طرفان پرڪاشت 'پرنيسپال ايل ايڇ اجواڻيءَ جو يوگدان' پستڪ جو مهورت ڪري رهيا آهن سيمينار جو صدر شري ناري گرسهاڻي ڪتاب جو مهورت ڪرڻ لاءِ دادا جن کي پستڪ پيٽ ڪري رهيو آهي، پاسي ۾ ڊاڪٽر ديال آشا بيٺو آهي.

٢. دادا جشن واسواڻي پياري ڪشو منسڪاڻيءَ کي آسيس ڪري رهيا آهن.

٣. ساڌو واسواڻي راشٽريه سيمينار موقعي تي هڪ بئنڪ جو نظارو. شري ڪشو منسڪاڻي، شري آتو ريلواڻي، ڊاڪٽر ديال آشا، شري منگهارام سپاهيملاڻي، شري هيرانند ساڌواڻيءَ ڊاڪٽر پرسو گدواڻي ويٺل آهن.

ART SPOT
MAHIM, MUMBAI-400 016. TEL 4465972